وَلَوْ أَنَّنَا نَزَّلْنَا إِلَيْهِمُ الْمَلَائِكَةَ وَكَلَّمَهُمُ الْمَوْتَىٰ وَحَشَرْنَا عَلَيْهِمْ كُلَّ شَيْءٍ الربع ٨
قُبُلًا مَّا كَانُوا لِيُؤْمِنُوا إِلَّا أَن يَشَاءَ اللَّهُ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُونَ ﴿١١١﴾ وَكَذَٰلِكَ
جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا شَيَاطِينَ الْإِنسِ وَالْجِنِّ يُوحِي بَعْضُهُمْ إِلَىٰ بَعْضٍ زُخْرُفَ
الْقَوْلِ غُرُورًا ۚ وَلَوْ شَاءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُونَ ﴿١١٢﴾ وَلِتَصْغَىٰ
إِلَيْهِ أَفْئِدَةُ الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ وَلِيَرْضَوْهُ وَلِيَقْتَرِفُوا مَا هُم مُّقْتَرِفُونَ ﴿١١٣﴾

جيڪڏهن اسان هنن تي فرشتا بہ نازل ڪيون ها ۽ مردا بہ انهن سان ڳالهيون ڪرڻ لڳن ها ۽ دنيا ڀر جون سموريون شيون اسان هنن جي اکين آڏو گڏ ڪريون ها، تڏهن بہ هي ايمان آڻڻ وارا نہ هئا. سواءِ هن جي جو الله جي اها مشيت هجي ها تہ هو ايمان آڻين. مگر اڪثر ماڻهو جهالت ۾ آهن.(111) (هي معاملو رڳو تو تائين محدود ناهي) ۽ اسان اهڙي طرح هميشہ انسان شيطانن ۽ جِنّ شيطانن کي هر نبيءَ جو دشمن بڻايو آهي. هو ڌوڪو ڏيڻ لاءِ هڪ ٻئي ڏانهن دلفريب ۽ پرڪشش ڳالهيون اشارن ڪناين ذريعي پهچائين ٿا. جيڪڏهن تنهنجي پروردگار جي اها مشيت نہ هجي ها تہ پوءِ ڪنهن صورت بہ هو ائين ڪري ڪونہ سگهن ها. سو تون انهن کي انهي حال ۾ ڇڏي ڏي تہ ڀلي گمراهہ ڪن صورتحال ۾ ڀٽڪندا رهن. (112) اها مهلت ان ڪري ڏني وئي تہ جيئن آخرت جو انڪار ڪندڙن جون دليون انهيءَ (غلط ڪم) ڏانهن مائل رهن ۽ هو ان تي راضي رهن ۽ جو ڪجهہ هو برن ڪمن جي ڪمائي ڪرڻ گهرن ٿا، اها ڪندا رهن.(113)

هنن جي حالت زار جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. هنن جي آڏو دنيا ڀر جا معجزا پيش ڪريو، پر هنن جي مفاد پرستي، جهالت، ضد ۽ غرور هنن کي ڪڏهن بہ هدايت جي راهہ تي اچڻ نہ ڏيندا. مثال طور هنن جي اصلاح لاءِ فرشتا نازل ڪيون، هنن سان مردا ڳالهائين

۽ دنيا پر جا دليل ۽ ثبوت هنن جي آڏو پيش ڪريون، تہ بہ هو ايمان نہ آڻيندا. ”اِنَّ الَّذِيۡنَ حَقَّتۡ عَلَيۡهِمۡ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ○ وَلَوۡ جَآءَتۡهُمۡ كُلُّ اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الۡعَذَابَ الۡاَلِيۡمَ ○“ (يونس: 96-97/10) بيشڪ تنهنجي رب جي ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ اهي ايمان نہ آڻيندا، توڙي جو انهن وٽ هر قسم جي نشاني اچي، جيستائين هو دردناڪ عذاب نہ ڏسن ۽ جيستائين الله جي اهڙي مشيت ڪارفرما نہ ٿئي، هنن جا اڪثر ماڻهو جاهل ۽ نادان آهن. ايمان جي دولت تہ ان کي نصيب ٿيندي جو پوري يقين سان عقل ۽ بصارت کان ڪم وٺي. (يونس: 100/10) هنن جي وڏي اڪثريت جهالت ۽ گمراهي جو پيڪر آهي ۽ عقل و بصيرت کان عاري آهي. هنن جي اها ڪافرانہ روش ڪا نئين نہ آهي. حق ۽ باطل جي ڪشمش جو سلسلو سالن کان جاري آهي. هنن جي رڳو تنهنجي خلاف اها مخاصمانا ۽ مخالفانہ مهم نہ رهي آهي. پر توکان اڳ جو نبي بہ آيو آهي ان جي خلاف انسانن مان شيطان ۽ جنن، مان شيطان طبيعت جا گمراهہ ٽولا هنن خلاف واويلا ڪرڻ ۾ هميشہ مصروف رهيا آهن، ڇو تہ حق ۽ سچ جي انقلابي دعوت انهن جي ذاتي مفادن، انا ۽ ظالمانہ نظام جي لاءِ ڪاري ضرب هئي. ان ڪري هو باهمي خفيہ سازشون ڪندا هئا ۽ عوام جو تعاون حاصل ڪرڻ ۽ ڌوڪو ڏيڻ لاءِ انهن سان دلفريب ڳالهيون ڪندا رهندا هئا. ان ڪري اي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ! تون رنجيده دل نہ ٿي، جيڪڏهن مشيت ايزدي اها هجي تہ آسماني دعوتِ انقلاب سڀ ماڻهن کي طوعاً و ڪرهاً قبول ڪرڻي پوي ها ۽ انهن کان ارادي اختيار جي اجازت سلب ڪجي ها تہ پوءِ اهو ڪرڻ مشڪل نہ هو. پر هنن کي اختيار ۽ ارادي جي مهلت مليل آهي، ان ڪري انهن کي پنهنجي حال تي رهڻ ڏيو ۽ پنهنجي پيغمبرانا فرائض منصبي جي ادائگي ۾ سرگردان رهو. هنن جي فريب ڪاري ۽ ملمع بازي (من موهيندڙ) ڳالهين مان اهو مقصود آهي تہ جيڪي ماڻهو ايمان جي دولت کان محروم ۽ ان جي برڪت کان نامعلوم آهن ۽ هو دنياوي زندگيءَ جي مفادن ۽ وقتي خوشين کي پنهنجو مقصود ۽ مطلوب سمجهن ٿا ۽ آخرت واري ابدي زندگيءَ ۽ قيامت واري ڏينهن جي پڇاڻي کان غافل آهن، اهي هنن جي دام ۾ اچي وڃن ۽ ان کي خوشيءَ سان قبول ڪن ۽ پورو معاشرو هنن جي برن ڪمن ۾ شريڪ ٿي وڃي، جيڪي هو ڪن ٿا. (يونس: 96-97/10)

أَفَغَيْرَ اللّٰهِ أَبْتَغِيْ حَكَمًا وَّهُوَ الَّذِيْٓ أَنْزَلَ إِلَيْكُمُ الْكِتٰبَ مُفَصَّلًا ۭ وَالَّذِيْنَ
اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْلَمُوْنَ أَنَّهٗ مُنَزَّلٌ مِّنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ
الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١١٤﴾ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ صِدْقًا وَّعَدْلًا ۭ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَهُوَ
السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١١٥﴾ وَإِنْ تُطِعْ أَكْثَرَ مَنْ فِي الْأَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ
اللّٰهِ ۭ إِنْ يَّتَّبِعُوْنَ إِلَّا الظَّنَّ وَإِنْ هُمْ إِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿١١٦﴾ إِنَّ رَبَّكَ هُوَ أَعْلَمُ
مَنْ يَّضِلُّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۚ وَهُوَ أَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿١١٧﴾

هي جو توهان مون سان الجهي رهيا آهيو تہ مان اوهان وانگر خدا جا شريڪ قبول ڪيان ۽ الله ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي کي قبول ڪرڻ وارو تلاش ڪريان، حالانڪ حقيقي الله تہ اهو آهي، جنهن اوهان ڏانهن ڪتاب وحي ڪيو آهي. جنهن ۾ (احڪام الاهي بابت) تفصيلي بيان آهي. حقيقت اها آهي تہ جن کي اسان هن کان اڳ ڪتاب عطا ڪيو آهي انهن کي معلوم آهي تہ هي ڪتاب درحقيقت تنهنجي پروردگار پاران نازل ٿيو آهي. ان ڪري تون شڪ ڪندڙن ۾ شامل نہ ٿي وڃ. (114) تنهنجي پروردگار جي ڳالهہ (هنن بابت) سچي ۽ مبني بر انصاف پوري ٿي چڪي آهي. هن جي ڳالهين (ڪلام/ حڪم) کي ڪير بہ تبديل ڪري نٿو سگهي ۽ هو سميع ۽ عليم آهي.(115) ۽ جيڪڏهن تون زمين تي رهڻ وارن جي اڪثريت جي پيروي ڪندين تہ اهي لازمي طور توکي الله جي رستي کان غافل ڪري ڇڏيندا. هو شڪ ۽ گمان جي پيروي ڪندڙ آهن ۽ قياس آرايون ڪندڙ آهن. (116) يقينًا تنهنجي رب کي چڱي طرح معلوم آهي تہ ڪير هن جي رستي کان ڀٽڪيل آهي ۽ ڪير سڌي رستي تي آهي.(117)

مڪي جي مشرڪن کي چيو ٿو وڃي تہ بتن کي ڇڏي، ان الله تي ايمان آڻيو، جنهن کي اوهان حقيقي الله سمجهو ٿا مان بہ ان الله تي ايمان رکان ٿو. هاڻي اوهان گهرو ٿا تہ مان معبود حقيقي کي وحده لا شريڪ له سمجهڻ بدران ڪنهن ٻئي جي حڪمن کي بہ تسليم ڪريان جن کي توهان پنهنجن هٿن سان پاڻ گهڙيو آهي، جن جي باري ۾ الله ڪا سَنَدَ يا ڪو دليل نازل ناهي ڪيو، سورة الزخرف ۾ آهي: "قُلۡ اِنۡ کَانَ لِلرَّحۡمٰنِ وَلَدٌ ۖ فَاَنَا اَوَّلُ الۡعٰبِدِيۡنَ" (الزخرف: 81/43) هنن کي ٻڌاءِ تہ جيڪڏهن ڪو الله جو پٽ هجي ها تہ سڀ کان اول مان ان جي عبادت (پرستش) ڪريان ها، جڏهن منهنجو اهو ايمان آهي تہ الله ڪانسواءِ ڪو بہ معبود ناهي تہ پوءِ آءٌ ڪيئن الله کي ڇڏي يا ان سان گڏي ڪنهن ٻئي کي معبود سمجهان يا الله جو شريڪ سمجهان، حالانڪ حقيقي الله تہ اهو آهي، جنهن اوهان تي هڪ مفصل (دليلن سان ڀريل) ڪتاب نازل ڪيو آهي. اي نبي خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ! اسان جن کي هن کان اڳ ڪتاب ڏنو آهي، انهن کي معلوم آهي تہ اهو سندن پروردگار پاران حق ۽ سچ جي پيغام سان نازل ٿيو آهي. تون هن ۾ شڪ ڪندڙن مان هرگز نہ آهين. هي قرآن جيڪو نوع انسان لاءِ رشد و هدايت جو آبِ حيات وارو سرچشمو آهي، الله جي حڪمن بابت سچائي ۽ انصاف جي لحاظ سان هر طرح کان مڪمل آهي. جهڙي طرح سورة المائده ۾ ارشاد آهي: "اَلۡيَوۡمَ اَکۡمَلۡتُ لَکُمۡ دِيۡنَکُمۡ وَاَتۡمَمۡتُ عَلَيۡکُمۡ نِعۡمَتِيۡ وَرَضِيۡتُ لَکُمُ الۡاِسۡلَامَ دِيۡنًا" (المائده: 3/5) اڄ جي ڏينهن مون اوهان جي لاءِ توهان جي دين کي مڪمل ڪري ڇڏيو آهي ۽ توتي پنهنجي نعمتن جو اختتام ڪيو آهي ۽ اوهان لاءِ اسلام کي بطور دين پسند ڪيو آهي. هن دين اسلام جي حق ۽ سچائي سان ڪامل هجڻ ڪان پوءِ هاڻي ڪير بہ ان ۾ تبديلي ۽ ڦيرڦار ڪرڻ وارو ناهي. نہ هن ۾ اضافو تي سگهي ٿو ۽ نہ ڪمي. ان ڪري هاڻي الله طرفان نہ ڪنهن ٻئي هدايت نامي جي اچڻ جي ضرورت آهي ۽ نہ وري ڪنهن نبي کي موڪلڻ جي حاجت آهي. (الاحزاب: 40/33) هن جي حفاظت جو ذمو الله پاڻ ڪنيو آهي. (الحجر: 9/15) ان ڪري جيڪو الله سميع ۽ عليم آهي، يعني جيڪو سڀ ڪجهہ ٻڌي ٿو ۽ هر شيءِ جو علم رکي ٿو تہ انسان جي رهنمائي لاءِ جو ڪجهہ ضروري آهي، اهو سڀ ڪجهہ هن ڪتاب ۾ اچي ويو آهي.

هن جهان ۾ رهندڙ اڪثريت اهڙن ماڻهن جي آهي، جيڪي علم و دانش جي

رهبريءَ بدران وهم و گمان جي پيروي ڪن ٿا، جن جي زندگيءَ جا شب و روز شغل ۽ شوق اصول ۽ ضابطا سڀ قياس آرائيءَ تي مبني آهن. حقيقت ۾ زندگي گذارڻ جو طريقو جنهن سان الله جي رضا ۽ اطاعت ملي وڃي، جنهن جو علم الله ڏنو آهي. اهو هي نہ آهي، جيڪو ماڻهن پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ پنهنجي خام خيال ۽ گمراهہ ڪن قياس ذريعي ٺاهيو آهي. ان ڪري تون ماڻهن جي اڪثريت واري خيالي ۽ قياس تي ٻڌل عقيدن کي ٺڪرائي ڇڏ ۽ انهن جي حمايت ڪرڻ کان گريز ڪر، ورنہ هنن ماڻهن وارا عقيدا توکي خدا جي راهہ کان هٽائي ڇڏيندا. هي گمراهہ ماڻهو علم و بصيرت بدران قياس آرائي کان ڪم وٺن ٿا ۽ اٽڪل بازيءَ جي ڏنڌي ۾ مصروف رهن ٿا. انهن ماڻهن مان ايمان ۽ تقويٰ جي اميد گهٽ آهي. ”وَمَآ اَكْثَرُ النَّاسِ وَلَوْ حَرَصْتَ بِمُؤْمِنِيْنَ○“ (يوسف: 103/12) حق ۽ سچائيءَ جي رستي تي هميشہ ٿورڙا ماڻهو هوندا آهن، پر اهي ٿورڙا جان نثار، ڪافرن، منافقن ۽ مشرڪن جي وڏي لشڪر کي زير تيغ ڪرڻ وارا آهن. ياد رکو! اهو نہ ڏسو تہ گهٽائي ڪنهن طرف آهي، پر ڏسو تہ کهڙي راهہ حق ۽ بصيرت جي راهہ آهي.

حقيقت اها آهي تہ تنهنجي رب کي وڌيڪ بهتر معلوم آهي تہ ڪير ان جي رستي کان هٽيل آهي ۽ ڪير ان جي رستي تي گامزن آهي. ڇو تہ گمراهي ۽ هدايت جو معيار ماڻهن جا رويا، ريتون ۽ قياس آرايون نہ پر خدا جي وحي آهي ۽ الله پنهنجي انهيءَ معيار مطابق فيصلو ڪندو آهي تہ ڪنهن وحيءَ جي پيروي ڪئي ۽ ان جي مطابق زندگيءَ گذاري ۽ ڪنهن وحيءَ جو انڪار ڪيو ۽ گمراهي جي زندگيءَ گذاري.

فَكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾ وَمَا لَكُمْ اَلَّا
تَاْكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَقَدْ فَصَّلَ لَكُمْ مَّا حَرَّمَ عَلَيْكُمْ اِلَّا
مَا اضْطُرِرْتُمْ اِلَيْهِ ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا لَّيُضِلُّوْنَ بِاَهْوَآئِهِمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ
اَعْلَمُ بِالْمُعْتَدِيْنَ ﴿١١٩﴾ وَذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَبَاطِنَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْسِبُوْنَ الْاِثْمَ
سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوْا يَقْتَرِفُوْنَ ﴿١٢٠﴾ وَلَا تَاْكُلُوْا مِمَّا لَمْ يُذْكَرِ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَاِنَّهٗ

لَفِسْقٌ ۭ وَاِنَّ الشَّيٰطِيْنَ لَيُوْحُوْنَ اِلٰٓى اَوْلِيٰۗـِٕــهِمْ لِيُجَادِلُوْكُمْ ۚ وَاِنْ اَطَعْتُمُوْهُمْ اِنَّكُمْ لَمُشْرِكُوْنَ ۝١٢١ۧ

ع ١٤

(جيڪڏهن واقعي توهان الله جي آيتن تي ايمان رکو ٿا ته) پوءِ جنهن جانور تي الله جو نالو ورتو ويو هجي ان جو گوشت کائو.(118) آخر ڪهڙو سبب آهي، جو اوهان اها شيءِ نٿا کائو جنهن تي الله جو نالو ورتو ويو آهي، حالانڪ جن شين جو استعمال اضطراري حالت کان سواءِ باقي ٻين صورتن ۾ حرام ڪيو ويو آهي، انهن جو تفصيل اوهان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي. اڪثر ماڻهو صحيح معلوم نه هجڻ سبب رڳو پنهنجن خواهشن جي بنياد تي گمراهه ڪن پروپيگندا ڪري رهيا آهن. انهن زيادتي ڪندڙن ۽ سڀ حدون پار ڪري ويندڙن کي توهان جو رب خوب ڄاڻي ٿو. (119) توهان ظاهر ظهور گناهه ڪرڻ يا لڪي لڪي ڏوهه ڪرڻ کان پاڻ کي بچايو، سو جيڪي ماڻهو گناهه جا مرتڪب ٿين ٿا، اهي پنهنجي ڪمائي (پورهئي) جو بدلو ضرور حاصل ڪندا. (120) ۽ جنهن جانور کي الله جو نالو وٺي ذبح نه ڪيو ويو هجي، ان جو گوشت نه کائو، ائين ڪرڻ فسق آهي. شيطان پنهنجن ساٿين جي دلين ۾ شڪ ۽ اعتراض وجهن ٿا ته جيئن هو توسان جهيڙو ڪن. جيڪڏهن توهان هنن جي اطاعت قبول ڪئي ته يقينًا اوهان جو شمار مشرڪن ۾ ٿي ويندو.(121)

بتن جي نانءَ تي ڇڏيل جانور حرام تي نٿا وجن، جيڪڏهن انهن کي الله اڪبر چئي ذبح ڪيو وڃي. اهل ڪتاب جو اهو اعتراض به آهي ته قرآن انهن شين کي حلال قرار چو ڏنو آهي، جن کي اسان حرام سمجهون ٿا. حلال ۽ حرام جو تعين ۽ معيار وحي الاهي تي سگهي ٿي، ڪنهن جو پنهنجو مسلڪ يا روش رويو نٿا ٿي سگهن. توڙي ڪٿي ان مسلڪ تي هلڻ وارو پلي ڪيڏو وڏو ماڻهو يا ماڻهن جو وڏو تعداد ڇو نه هجي. ان ڪري جڏهن اوهان دل جي سچائي سان (قرآن ۽ رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ) تي ايمان رکو ٿا ته جن شين

ڪي الله حلال قرار ڏنو آهي، انهن تي ذبح ڪرڻ وقت الله جو نالو ورتو وڃي ته ان ڪي پوري اطمينان سان کائو. (البقره: 2/ 172) جڏهن الله جي طرفان بلڪل چٽو چٽو ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙيون شيون حرام آهن. (البقره: 2/ 173، المائده: 3/5، الانعام: 118/6) ۽ رڳو مجبوريءَ جي حالت ۾ جائز آهن. انهن حرام شين ڪي ڇڏي باقي جن شين ڪي الله حلال قرار ڏنو آهي، انهن تي جڏهن ذبح وقت الله جو نالو ورتو ويو آهي ته انهن جي کائڻ ۾ ڪهڙو تردد آهي، پر جيڪڏهن انهن حلال شين ڪي به الله جي نالي بدران ڪنهن غير الله ڏانهن منسوب ڪجي ته اها حلال قرار ڏنل به حرام تي ويندي. هنن مان اڪثر ماڻهو اوهان ڪي گمراهه ڪرڻ لاءِ بنا ڪنهن علمي ثبوت جي چون ٿا ته يهودين وٽ جيڪا شيءِ حرام هئي، ان ڪي قرآن حلال قرار ڇو ڏنو آهي. هي هنن جا ذاتي خيال آهن، انهن جو حرام ڪي حلال ۽ حلال ڪي حرام سمجهڻ جهالت تي مبني آهي. ان ڪري انهن جي ڪا ڳالهه تسليم نه ڪريو، انهن حد پار ڪندڙن ڪي خدا خوب ڄاڻي ٿو. پر هي ڳالهه به غور سان ٻڌو ۽ ان ڪي سنيءَ طرح سمجهو ته الله پاران جن شين جي استعمال کان اوهان ڪي روڪيو وڃي ٿو ته رڳو رسمي طور نه رڪجو، پر حقيقي طور ان جي ظاهر ڪرڻ يا پوشيده طور ڪرڻ کان پاڻ ڪي بچائي رکو (الاعراف: 33/7) ۽ خدا جي ڏنل حڪم ڪي دل جي گهراين سان قبول ڪريو. الله اوهان جي ظاهر ۽ باطن ڪي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. ڪنهن ڌوکي ۾ نه رهو، جيڪي ماڻهو پنهنجي خيال ۾ گناهن جو ڍڳ لڳائين ٿا. ان جو هنن ڪي جلد بدلو ملندو. ۽ جنهن تي الله جو نالو نه ورتو ويو آهي، اهو هرگز نه کائو. ڇو ته ان جو کائڻ گناهه آهي، مشرڪن جو اهو عقيدو خام خيالي آهي ته جيڪڏهن الله جو نالو نه ورتو ويو آهي ۽ غير الله جي نالي تي ذبح ڪيو ويو آهي ته ان ۾ ڪهڙو حرج آهي ۽ الله جي نالي وٺڻ سان ڪهڙي خوش نصيبي آهي. خدا جو نالو وٺجي يا نه وٺجي يا غير الله جو نالو وٺجي ته ان ۾ ڪو حرج ناهي. هي انهن مڪي جي بعض مشرڪن جو ذڪر آهي، جن جي دل ۾ شيطان اهڙا خيال وجهن ٿا، جيڪي مسلمانن ڪي بگاڙڻ ۽ راهِ راست کان هٽائڻ لاءِ خدا جي حڪمن خلاف ڪج بحثي ڪري، طرح طرح جا شبها پيدا ڪندا هيا ته جيئن مسلمانن ڪي گمراهه ڪري سگهن. ڪين چوندا هيا ته اوهان ذبح ڪيو ٿا ته اهو حلال آهي، پر الله پاڻ ڪنهن ڪي ماري ٿو ته ان ڪي حرام سمجهو ٿا. ڇا اوهان پاڻ ڪي الله کان به وڌيڪ معتبر

سمجهو ٿا، ان ڪري مسلمانن کي اهڙي لغو ۽ بي معنىٰ بحث مباحثي کان روڪيو ويو آهي. ڪين سختيءَ سان حڪم ڏنو ويو آهي تہ جنهن کي الله عزّ وجلّ حلال رکيو، اهو حلال آهي، پر جنهن کي حرام سڏيو اٿس، اهو حرام آهي. هنن عقل جي انڌن جو حلال کي حرام مڃڻ ۽ حرام کي حلال سڏڻ ڪا معنىٰ نٿو رکي، پر صريح گمراهي ۽ شرڪ آهي. الله عزّوجل شين جي اصليت، افاديت ۽ مقصدن کان وڌيڪ ڄاڻو آهي، ان ڪري ان جو فيصلو اٽل ۽ آخري آهي.

ياد رکو تہ جنهن کي الله جل شانه حرام ڪيو آهي تہ اهو حرام آهي. (البقره: 173/2، الانعام: 6/142-138) يقينًا اوهان هنن جي ڳالهہ قبول نہ ڪندو تہ شيطان ماڻهو پنهنجن ساٿين کي اياريندا رهن ٿا تہ هو توهان سان جهڳڙو ڪن، پر جيڪڏهن توهان هنن جي چار ۾ ڦاسي انهن جي ڳالهہ قبول ڪندو ۽ انهن جي اطاعت ڪندؤ تہ اوهان جو شمار بہ مشرڪن مان ٿيندو.

اَوَمَنْ كَانَ مَيْتًا فَاَحْيَيْنٰهُ وَجَعَلْنَا لَهٗ نُوْرًا يَّمْشِيْ بِهٖ فِي النَّاسِ كَمَنْ
مَّثَلُهٗ فِي الظُّلُمٰتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ مِّنْهَا ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْكٰفِرِيْنَ مَا كَانُوْا
يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ اَكٰبِرَ مُجْرِمِيْهَا لِيَمْكُرُوْا فِيْهَا ؕ
وَمَا يَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ وَاِذَا جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ قَالُوْا لَنْ
نُّؤْمِنَ حَتّٰى نُؤْتٰى مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ رُسُلُ اللّٰهِ ؔۘ اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ ؕ وقف لازم
سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا صَغَارٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَعَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا كَانُوْا وقف منزل
يَمْكُرُوْنَ ﴿۱۲۴﴾

ڇا اهو شخص جو هن کان اڳ مرده هيو پوءِ اسان هن کي زندگي بخشي ۽ هن کي اهو نور (روشني) عطا ڪئي، جنهن جي چمڪ (روشني) ۾ هو ماڻهن جي درميان زندگي جي راهہ طئي ڪري ٿو. اهو اهڙي شخص وانگر ٿي سگهي ٿو

جيڪو انڌيرن ۾ هجي ۽ ڪنهن به طور ان مان نڪري نٿو سگهي. ڪافرن جي لاءِ اهڙيءَ طرح هنن جا اعمال خوشنما ڪري ڇڏيا آهن. (122) ۽ اهڙيءَ طرح اسان هر بستيءَ ۾ اتان جي وڏن وڏن ڏوهارين کي ڇڏي ڏنو آهي ته هو جيڪو ڪجهه فريب ۽ مڪر ڪن ٿا، اهو پنهنجو پاڻ سان ڪن ٿا. پر هنن کي ان جو شعور ناهي.(123) جڏهن انهن جي آڏو ڪا آيت اچي ٿي ته هو چون ٿا جيستائين اها شيءِ جيڪا الله جي رسولن کي ڏني وئي آهي اسان کي نه ڏني وئي آهي، تيستائين اسان ان تي ايمان نه آڻينداسون. الله بهتر طور ڄاڻي ٿو ته پنهنجي پيغمبريءَ جو ڪم ڪنهن کان وٺي ۽ ڪهڙي ريت وٺي. اهو وقت ويجهو آهي، جو اهي ماڻهو پنهنجي مڪر ۽ فريب جي سزا ۾ الله وٽ نهايت درد ناڪ عذاب ۽ ذلت جا حقدار ٿين. (124)

اوهان ڪيئن توقع ڪري سگهو ٿا، هڪ ماڻهو ڪفر ۽ جهالت جي مئل زندگيءَ ۾ هيو ۽ پوءِ اسان هن کي هدايت ۽ علم جي نور سان نوازيو، جنهن جي نتيجي ۾ هن کي انسانيت جو شعور عطا ٿيو ۽ هو دنيا اندر وروڪڙ وارن رستن جي درميان حق جي سڌي راهه کي ڏسي ۽ هلي رهيو آهي، ڇا اهو اهڙن بي شعور ماڻهن جي برابر ٿي سگهي ٿو، جيڪي ناداني ۽ جهالت جي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيا آهن ۽ ان مان ٻاهر اچڻ وارا نه آهن. اهڙيءَ طرح اسان هنن ڪافرن جا اعمال هنن جي نگاهن ۾ خوشنما ۽ خوبصورت بنايا آهن. هت ايمان جي روشني کي زندگي ۽ ڪفر ۽ جهالت واري زندگي کي موت سان تشبيه ڏئي حق ۽ باطل جي درميان تميز جي لڪير ڪڍي، ايمان ۽ ڪفر جو مثال پيش ڪيو آهي. دراصل ايمان زندگي آهي، علم ۽ بصيرت جي روشني آهي، ان جي مقابلي ۾ ڪفر موت آهي ۽ شڪ شبهن جي اونداهي آهي. پوءِ ڀلا اهو ماڻهو، جنهن جي چؤطرف روشني هجي، ان ماڻهوءَ جي برابر ٿي سگهي ٿو، جيڪو هر طرف کان تاريڪيءَ ۾ گهيريل هجي. جنهن ماڻهوءَ جا الله عزوجل طرفان اعمال ۽ عقائد علم ۽ يقين جي بصيرت تي مبني هجن ته اهو ڪنهن صورت ۾ به شڪ شبهن جي بي يقينيءَ واري ڪيفيت ڏانهن لاڙو نه ڪندو، ڇوته ايمان ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جي سَنَدَ آهي. ”اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙيُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ

اِلَى النُّوْرِ ۭ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰۗـــُٔــھُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ۭ" (البقره: 257/2)
"مَثَلُ الْفَرِيْقَيْنِ كَالْاَعْمٰى وَالْاَصَمِّ وَالْبَصِيْرِ وَالسَّمِيْعِ ۭ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ۭ" (هود: 24/11) "" (فاطر: 35/ 19 کان 22) هنن آيتن ۾ آهي تہ الله تعاليٰ مؤمنن جو ولي (وارث ۽ دوست) آهي. هو هنن کي اونداهين کان روشنيءَ طرف آڻي ٿو. ڪافرن جا دوست ۽ ساٿي شيطان آهن، اهي هنن کي روشنيءَ مان ڪڍي اونداهيءَ ۾ آڻين ٿا. ڪافر ۽ مؤمن ۾ اهو فرق انڌي ۽ نور وارو، ڇانو ۽ تپش وارو ۽ زنده ۽ مرده وارو آهي.

حق ۽ باطل جي درميان ڪشمڪش جو اهو سلسلو گهڻي وقت کان جاري آهي. جڏهن بہ ڪنهن خدا جي نيڪ بندي خدا جي عالمگير ربوبيت ۽ دائمي رحمت واري نظام جي دعوت ڏني آهي تہ اتان جي وڏن وڏن مجرمن ان دعوت جي مخالفت ۾ منصوبا جوڙي شرارت ڪئي آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي هن نام نهاد ۽ ذاتي عناد واري دعوت ۽ شرارت تي عقل ۽ شعور سان غور ڪن ها تہ يقيناً انهن کي معلوم ٿي وڃي ها تہ هن عداوت ۽ مڪرو فريب واري مخالفت ۾ خود هنن جو پنهنجو نقصان آهي. پر نفعي نقصان جي پرک جو هنن کي شعور بہ ناهي. پنهنجي هن منفي سوچ جي ڪري هو نفسياتي مريض ٿي وڃن ٿا ۽ چون ٿا تہ اسان هن کي تڏهن تسليم ڪنداسون، جڏهن رسولن تي نازل ٿيل وحي جهڙي وحي اسان تي بہ نازل ٿئي. جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام نبوت جو اعلان ڪيو تہ مڪي جو رئيس وليد بن مغيره چوڻ لڳو تہ "لَوْ كَانَتِ النُّبُوَّةُ حَقًّا لَكُنْتُ اَوْلٰى بِهَا مِنْكَ لِاَنِّيْ اَكْبَرُ مِنْكَ سِنًّا وَ اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا" (تفسير قرطبي- ضياءُ القرآن) جيڪڏهن نبوت جي ڪجهہ حقيقت هجي ها تہ نبوت لاءِ مان توکان وڌيڪ حقدار هئس، جو توکان عمر ۾ وڏو آهيان ۽ مالدار بہ توکان زيادهہ آهيان. ابوجهل چوندو هيو تہ اسان تيستائين توکي نبي نہ مڃينداسون، جيستائين اسان تي وحي نازل ٿئي. ڪين ڇئو تہ اهو الله تعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙي دل نورِ نبوت کي برداشت ڪري سگهي ٿي. هنن کي ٻڌاءِ تہ هدايت لاءِ تہ سيني انسانن واسطي خدا جي فياضيءَ جا در هميشہ کليل آهن، پر نبوت ۽ وحي لاءِ خدا جي منتخب (چونڊ) ماڻهن کي چونڊي انهن کي نوع انسان جي رهبري جو فرض ڏنو ويندو آهي تہ جيئن هو ان تعليم کي عوام الناس تائين پهچائي. (الشوريٰ: 51/42) هن معاملي ۾ خدا کي ئي معلوم آهي تہ هن اهم مقصد جي تعميل لاءِ ڪهڙي نيڪ ۽ صالح فرد کي بلند

منصب يعني نبوت ۽ وحي جي نزول لاءِ منتخب ڪيو وڃي. هنن کي چئو ته جيڪو گناهن ۾ مڪر و فريب جو مرتڪب ٿيندو، ان کي ذلت ۾ الله جي شديد عذاب جو منهن ڏسڻو پوندو.

جڏهن ڪنهن آباديءَ ۾ حق جو داعي ايندو آهي ته ان بستيءَ جا سردار ۽ رئيس سمجهندا آهن ته جيڪڏهن انساني مساوات جي تحريڪ ڪامياب ٿي وئي ۽ اونچ نيچ وارا سڀ انسان هڪ جهڙا حقدار قرار ڏنا ويا ته پوءِ اسان جا جابرانا ۽ ظالمانا حڪم ڪير قبول ڪندو، ان ڪري هنن ۾ ذاتي دشمني پيدا ٿي ويندي آهي ۽ هو ان حق جي تحريڪ جي هر حال ۾ مخالفت ڪندا آهن ته جيئن هر حالت ۾ اها تحريڪ ناڪام ٿي وڃي. ان سلسلي ۾ مڪي جا مشرڪ معجزا گهرندا هيا، جيڪي ايمان آڻڻ لاءِ نه، پر غلط پروپيگنڊا ڪي هوا ڏيڻ لاءِ ڪندا هيا. اهڙا ماڻهو مالي حيثيت ۾ به خوشحال ۽ معاشري ۾ اثر رسوخ وارا هوندا آهن ۽ خانداني جاهه و جلال ۾ به نمايان هوندا آهن. اهو ساڳيو مضمون سوره سبا: 34: /25 ڪان 31، سورة الزخرف: 23/43 ۽ سوره نوح: 22/71 ۾ به آهي.

فَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ اَنْ يَّهْدِيَهٗ يَشْرَحْ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ ۚ وَمَنْ يُّرِدْ اَنْ يُّضِلَّهٗ
يَجْعَلْ صَدْرَهٗ ضَيِّقًا حَرَجًا كَاَنَّمَا يَصَّعَّدُ فِى السَّمَآءِ ؕ كَذٰلِكَ يَجْعَلُ اللّٰهُ
الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢٥﴾ وَهٰذَا صِرَاطُ رَبِّكَ مُسْتَقِيْمًا ؕ قَدْ فَصَّلْنَا
الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾ لَهُمْ دَارُ السَّلٰمِ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَهُوَ وَلِيُّهُمْ بِمَا كَانُوْا
يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٧﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ۚ يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ قَدِ اسْتَكْثَرْتُمْ مِّنَ
الْاِنْسِ ۚ وَقَالَ اَوْلِيٰٓؤُهُمْ مِّنَ الْاِنْسِ رَبَّنَا اسْتَمْتَعَ بَعْضُنَا بِبَعْضٍ وَّبَلَغْنَآ
اَجَلَنَا الَّذِيْٓ اَجَّلْتَ لَنَا ؕ قَالَ النَّارُ مَثْوٰىكُمْ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ
اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿١٢٨﴾ وَكَذٰلِكَ نُوَلِّيْ بَعْضَ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضًۢا بِمَا
كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٢٩﴾ ع ١٥ / ٢

پوءِ حقيقت اها آهي تہ الله جنهن کي مشيت ايزدي مطابق هدايت بخشڻ جو ارادو ڪري ٿو تہ ان جو سينو اسلام لاءِ کولي ڇڏي ٿو ۽ انهي مشيت موجب جنهن کي گمراهيءَ ڏي وجڻ جو ارادو ڪري ٿو تہ ان جي سيني کي تنگ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سندس ساهہ گهٽجڻ لڳندو آهي، ڄڻڪ هو آسمان طرف چڙهائي چڙهي رهيو آهي. اهڙي طرح الله انهن ماڻهن تي رجس (پليدي، ناپاڪائي) مسلط ڪندو آهي، جيڪي ايمان قبول نٿا ڪن. (125) ۽ هي آهي توهان جي پروردگار جو سڌو رستو، اسان پنهنجون آيتون تفصيل سان بيان ڪيون آهن، اهڙن ماڻهن لاءِ جيڪي نصيحت حاصل ڪرڻ گهرن ٿا.(126) انهن لاءِ سندن رب وٽ دارالسلام يعني سلامتي وارو گهر آهي. اهو ئي هنن جي نيڪ اعمال جي ڪري سندن مددگار آهي.(127) ۽ جنهن ڏينهن الله هنن سيني ماڻهن کي گڏ ڪندو. ان ڏينهن هو جِنّن (شيطان صفت جِنّن) کي خطاب ڪري فرمائيندو تہ اي جنن جي جماعت! اوهان تہ ڪيترن انسانن کي همٿايو، انسانن مان جيڪي هنن جا رفيق هوندا، اهي چوندا تہ اسان جا پروردگار اسان ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي کان خوب فائدو ورتو ۽ هن وقت اسان ان اجل (وقت يا مدت) تي پهتا آهيون، جيڪو تو اسان جي لاءِ مقرر ڪيو هو. ڪين الله فرمائيندو جهنم جي باهہ اوهان جو ٺڪاڻو (رهائش جو هنڌ) آهي، جنهن ۾ توهان هميشہ رهندؤ. هن (عذاب) کان رڳو اهي محفوظ رهندا، جن کي الله جي حفاظت ٿيندي، بيشڪ اوهان جو رب حڪمت وارو دانا ۽ پوري معلومات رکڻ وارو عليم رب آهي. (128) ۽ اهڙي طرح ظالمن کي اسان دوزخ ۾ هڪ ٻئي جو ساٿي ڪنداسون، سندن ان ڪمائي جي ڪري جيڪا دنيا ۾ هو گڏجي ڪندا رهيا.(129)

هدايت يافتہ ۽ گمراهہ قومن ۽ افراد جو سلسلو هلندڙ آهي ۽ اهو مشيت خداوندي جي قانون مطابق هوندو آهي، شرح صدر الله جي اها عظيم نعمت ۽ خاص عنايت آهي،

جنهن جو ذڪر الله سوره الم نشرح جي پهرين آيت ۾ حضور ﷺ تي هڪ وڏي احسان طور ڪيو آهي، "اَلَمۡ نَشۡرَحۡ لَكَ صَدۡرَكَ" ڇا اسان توکي شرح صدر جي نعمت سان نہ نوازيو آهي، هر مسلمان بہ انهي شرح صدر لاءِ پنهنجي پروردگار جي حضور دعا ۾ چوي ٿو: "اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا نَوِّرۡ قُلُوۡبَنَا بِالۡاِيۡمَانِ وَاشۡرَحۡ صُدُوۡرَنَا لِلۡاِسۡلَامِ" اي الله اسان جا رب! تون اسان جي دلين کي ايمان جي نور سان منور ڪرڻ فرماءِ ۽ اسان جي سينن کي اسلام لاءِ ڪشادو ڪر (کولي ڇڏ). اهڙي طرح حضرت موسىٰ عليه السلام الله جي بارگاھ ۾ درخواست گذار ٿيو: "رَبِّ اشۡرَحۡ لِيۡ صَدۡرِيۡ" (طٰهٰ: 25/20) اي منهنجا پروردگار مون لاءِ منهنجي سيني کي کول.

شرح صدر مان مراد آهي الله تعالىٰ کان اندر جي اهڙي بصيرت گهرجي، جنهن جي ڪري اسلام جو هر عمل دلپزير ۽ آسان لڳي. هي انسان ۾ اهڙي اندروني ڪيفيت آهي، جنهن جي ڪري انسان جي فطرت سامعه ۽ نيڪي جي جذبن ۾ خوشگوار هم آهنگي پيدا ٿي ويندي آهي ۽ اندر مان اهڙو آواز ايندو آهي، جنهن سان هر نيڪ عمل لاءِ اتساهه ۽ آمادگي ٿي ويندي آهي. حضور اڪرم ﷺ جو شرح صدر بابت فرمان آهي تہ شرح صدر ۾ انسان آخرت طرف مائل ٿي ويندو آهي. هن دنيا کان هن جي دل متنفر ٿي ويندي آهي ۽ هو موت کان اڳ موت جي تياري ڪري وٺندو آهي، پر ان جي برخلاف جنهن تان الله تعالىٰ جي نظر عنايت هٽي ويندي آهي تہ قبولِ حق کان هن جي دل تنگ ٿي ويندي آهي، ساهہ اٽڪڻ لڳندو آهي. انهن تي رجس، ناپاڪي ۽ پليدي مسلط ڪئي ويندي آهي. شرح صدر مان مراد اها بہ آهي تہ الله عزوجل اسلام جي صداقت تي پوري طرح مطمئن ڪندو آهي. هر قسم جا شڪ شبها ۽ تذبذب دور ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن سان نيڪ ڪمن لاءِ دل آماده ۽ برن ڪمن کان دلي نفرت پيدا ٿي ويندي آهي، پر جنهن کي مشيت خداوندي گمراهہ ظاهر ڪندي آهي، ان جو سينو بلڪل تنگ ٿي ويندو آهي. هو گهٽتن محسوس ڪندو آهي، جڻ آسمان طرف چڙهائيءَ تي چڙهي رهيو هجي ۽ هن جو دم گهٽجڻ لڳي. اهڙي طرح الله رجس (ناپاڪي) مسلط ڪندو آهي، انهن ماڻهن تي جيڪي ايمان نٿا آڻين. پر ان جي برعکس جيڪي ماڻهو خدا جي ٻڌايل سڌي رستي تي هلندا آهن ۽ عقل و فڪر کان ڪم وٺندي وحيءَ جي صداقت تي ايمان آڻيندا آهن، انهن لاءِ حق ۽ سچ جا رستا کلي ويندا آهن. اسان پنهنجن آيتن کي تفصيل ۽ وضاحت سان بيان ڪري، انهن

ماڻهن لاءِ هدايت جو سبب پيدا ڪيو آهي، جيڪي هن مان نصيحت حاصل ڪرڻ گهرن ٿا.

اهڙا نيڪ ماڻهو جيڪي پنهنجي محنتن، قربانين ۽ نيڪ عمل جي ڪري الله جي قربت حاصل ڪن ٿا، انهن لاءِ سندن رب وٽان دارالسلام سلامتي جو گهر يعني جنت آهي، جتي هو امن ۽ سلامتي واري زندگيءَ گذارين ٿا ۽ هنن جي چڱن ڪمن جي ڪري الله انهن جو دوست ۽ مددگار آهي. " اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" (البقره: 257/2) الله مؤمنن جو ساٿي ۽ حمايتي آهي. جنهن ڏينهن حساب ڪتاب جي لاءِ سيني انسانن ۽ شيطان صفت جنن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري مخاطب ٿي چوندو ته واقعي اوهان انسانن سان ڪيترن کي پنهنجي چار ۾ ڦاسائي ڇڏيو. جهڙيءَ طرح عزازيل عليه اللعنة چيو هو: "وَلَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ شٰكِرِيْنَ" اي منهنجا الله تون انهن انسانن سان اڪثر کي پنهنجو شڪرگذار نه ڏسندين ۽ انسانن مان جيڪي انهن شيطان صفت جنن جا ساٿي رهيا، اهي چوندا ته اي اسان جا رب! اسان ٻئي ڌريون هڪ ٻئي کان فائدا حاصل ڪندا رهيا آهيون. اسان هنن کان پنهنجو ڪم وٺندا هئاسون ۽ هي اسان کان فائدا حاصل ڪندا هئا. اسان شيطان جنن کان خبرون وٺي پنهنجن اڳڪٿين جا دڪان چمڪائيندا رهياسون. آخرڪار اسان ان موت تي پهچي وياسون، جيڪو موت تو اسان لاءِ مقرر ڪرڻ فرمايو آهي. الله تعاليٰ ڪين فرمائيندو اوهان جي انهن ڪڌن ڪرتوتن گمراهي ۽ سرڪشيءَ سبب دوزخ جي باهه اوهان جو ٺڪاڻو آهي. جتي اوهان کي هميشه رهڻو آهي. سواءِ انهن جي جن کي الله ان باهه جي تپش کان بچائي رکي. بيشڪ اوهان جو رب حڪمت وارو ۽ ازلي علم وارو آهي. اهڙي طرح اسان هنن ظالمن کي سندن بڇڙن عملن جي ڪري هڪ ٻئي جو ساٿي ڪيون ٿا، جنهن ۾ هو سمورا ساڳي عذاب جو مزو چکيندا رهندا.

يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ
وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ؕ قَالُوْا شَهِدْنَا عَلٰۤى اَنْفُسِنَا وَغَرَّتْهُمُ
الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَشَهِدُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿۱۳۰﴾ ذٰلِكَ اَنْ لَّمْ
يَكُنْ رَّبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّ اَهْلُهَا غٰفِلُوْنَ ﴿۱۳۱﴾ وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا

عَمِلُوْا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ۝١٣٢ وَرَبُّكَ الْغَنِيُّ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ اِنْ يَّشَاْ
يُذْهِبْكُمْ وَيَسْتَخْلِفْ مِنْۢ بَعْدِكُمْ مَّا يَشَآءُ كَمَآ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ ذُرِّيَّةِ قَوْمٍ
اٰخَرِيْنَ ۝١٣٣ اِنَّ مَا تُوْعَدُوْنَ لَاٰتٍ ۙ وَّمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ۝١٣٤

اي جنن ۽ انسانن جي جماعت! ڇا اوهان وٽ خود اوهان مان رسول نہ آيا هئا، جيڪي توهان کي منهنجون آيتون ٻڌائيندا هئا ۽ توهان کي توهان جي هن ڏينهن واري ملاقات کان خبردار ڪندا هئا. چوندا تہ اسان پنهنجو پاڻ تي خود گواهہ آهيون (تہ واقعي اسان وٽ پيغمبر آيا هئا ۽ اسان هنن کي ڪوڙو ڪيو) دراصل دنياوي زندگي هنن کي ڌوڪي ۾ وڌو هو ۽ هاڻي هنن خود پاڻ تي شاهدي ڏني آهي تہ هو ڪافر هئا. (130) هي پيغمبر موڪلڻ جو سارو سلسلو ان ڪري هيو تہ اهو الله جو دستور ناهي تہ هو شهرن کي سندن ظلم جي ڪري اهڙيءَ حالت ۾ هلاڪ ڪري جو ان جا رهائشي (پيغام خداوندي کان) بي خبر هجن. (131) ۽ هر قسم جي ماڻهن کي سندن اعمال جي حساب سان جيڪي ڪجهہ هنن ڪيو آهي، مختلف درجا ملندا آهن ۽ جيڪي بہ اعمال هو ڪن ٿا الله انهن کان غافل نہ آهي. (132) ۽ تنهنجو رب بي پرواهہ ۽ رحمت ڏٺي آهي، جيڪڏهن هن جي مشيت گهري تہ توهان سڀني کي ختم ڪري ۽ توهان جي وڃڻ کان پوءِ جنهن کي بہ گهري وٺي اچي. جهڙيءَ طرح اوهان کي بہ ٻين (اڳين) ماڻهن جي نسل مان پيدا ڪيو هو. (133) يقين رکو تہ جنهن حقيقت جو اوهان سان وعدو ڪيو ٿو وڃي ان کي اچڻو ئي اچڻو آهي. توهان الله کي عاجز نٿا ڪري سگهو. (134)

ان قيامت واري ڏينهن جڏهن نيڪي، بدي ۽ انڪار اقرار بابت الله تعالىٰ جنن ۽ انسانن جي جماعت کان پڇندو تہ ڇا دنيا ۾ اوهان وٽ توهان مان ئي خدا جا رسول ڪو نہ

آيا هئا، جيڪي اوهان آڏو الله جون آيتون (احڪام) بيان ڪن ۽ توهان کي خبردار ڪن تہ خدا جي هنن حڪمن جي دل و جان سان پيروي ڪريو، توهان هت جيڪي بہ ڪارناما سرانجام ڏئي رهيا آهيو، انهن جا پورا پورا نتيجا توهان جي اکين آڏو ظاهر ٿي ويندا. (الزمر: 71/39) جن ڪان توهان انڪار ڪري ڪو نہ سگهندا ۽ اقرار ڪندا تہ اها ڳالهہ درست آهي تہ اسان ڏانهن الله جا رسول آيا هئا ۽ خبردار بہ ڪيو هو. هو پاڻ پنهنجي خلاف شاهدي ڏيندا.

قصوروار ہیں سب، اعتراف کون کرے
سزا کا فیصلہ اپنے خلاف کون کرے

جنهن لاءِ ڪنهن خارجي شهادت جي ضرورت نہ پوندي ۽ چوندا تہ اسان انهن کي ڪوڙو ڪيو، حقيقت اها آهي تہ هن دنيا جي چمڪ ڏمڪ هنن جي اکين کي حق ڏسڻ کان انڪاري ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻي هنن لاءِ هن ڪانسواءِ ڪو چارو نہ آهي، جو پنهنجي خلاف پاڻ گواهي ڏين تہ هو ڪافر هئا. هيءَ پوري روئداد ان ڪري بيان ڪئي وئي آهي تہ اهو معلوم هجي تہ تنهنجو رب ڪنهن قوم کي تيستائين تباهي نہ ڏيندو آهي، جيستائين هنن کي پوري طرح خبردار نہ ڪيو وڃي تہ خدا جي هنن حڪمن جي پڇڪڙيءَ جي سزا ۾ ڪين تباهہ ڪيو ويندو ۽ ڪانئن پڇيو ويندو تہ اوهان هنن ڇٽن نفع بخش قانونن جو انڪار ڇو ڪيو هو تہ جيئن ڪين پتو پوي تہ اهو هنن جي غفلت جو نتيجو آهي. ”وَلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ“ (الرعد: 13 /7) هر قوم لاءِ هادي پيغمبر آيو آهي. اتمام حجت بعد ئي ان قوم جو مؤاخذو ڪيو ويو آهي. اوهان جي ايمان آڻڻ ۾ توهان جو پنهنجو فائدو آهي ۽ انڪار ڪرڻ ۾ اوهان جو پنهنجو نقصان آهي. الله تعالىٰ اوهان جي اقرار ۽ انڪار کان بينياز آهي. اوهان جي ايمان آڻڻ سان نہ هن کي ڪو فائدو پهچي ٿو ۽ نہ وري انڪار ڪرڻ سان سندس بادشاهي ۽ اقتدار ۾ فرق اچي ٿو. ”قُلْ مَا يَعْبَؤُا بِكُمْ رَبِّيْ لَوْلَا دُعَآؤُكُمْ“ (الفرقان: 77/25) ”دُعَآؤُكُمْ“ توهان جي دعا ۽ التجا، معنىٰ اوهان جي تخليق الله جي عبادت آهي، اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي، جيڪا توهان جي ذميداري آهي، باقي الله وٽ ان ڪان سواءِ تنهنجو ڪهڙو قدر و قيمت آهي. يا الله جي توهان کي ڪهڙي پرواهہ آهي. هيءَ رعايت ڪفر ۽ مصيت تي برقرار رهڻ جي اجازت نہ آهي، پر سخت وعيد آهي. ”وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ

اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنَّا عٰمِلُوْنَ ۝ وَانْتَظِرُوْا اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ۝“ (هود: 11/122-121) جيڪي ايمان نٿا آڻن، انهن کي چئو ته اوهان پنهنجو عمل ڪيو ۽ اسان به پنهنجو عمل ڪيون ٿا. اوهان (نتيجن ۾) انتظار ڪريو، اسان به انتظار ڪريون ٿا. ٿوري عرصي بعد هي وعدو سچو نڪتو ۽ فتح مڪه بعد قبيلن جا قبيلا، فوج در فوج دائره اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳي. ”وَرَاَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًا ۝“ (النصر: 2/110)

الله تعاليٰ وٽ هر ماڻهوءَ جي مقام ۽ حيثيت ۽ درجي جو تعيّن ان جي عملن جي روشني ۾ ٿئي ٿو. (البقره: 2/ 253، الانعام: 165/6، الرعد: 4/13، النحل: 26/16، بني اسرائيل: 55/17، الزخرف: 32/43) نيڪ اعمال وارن کي سندن نيڪيءَ جي لحاظ سان مقام ملي ٿو، جنهن ۾ ڪي ابرار، ته ڪي مُقرّبين ته ڪي صدّيقين ۽ شهداءَ ۽ صالحين جي درجي تي پهچن ٿا ته ڪي وري پنهنجي بد اعمالي سبب فاسق، فاجر، منافق، ڪافر ۽ مشرڪ ٿين ٿا. ان ڪري انهن جي جزا ۽ سزا جو عمل به سندن درجات مطابق متعين ٿيندو آهي. (البقره: 251/2، الانعام: 165/6) ان ڪري الله جي انسانن جي اعمال تي پوري نگاهه آهي ۽ ڪو به عمل هن جي قانون مڪافات جي نگاهن کان لڪل نه آهي. خدا جو هيءُ نظام ڪنهن جو به محتاج نه آهي، جو ان ڪانسواءِ هلي نه سگهي. هي ان الله جي هٿ وس قدرت ۽ قوت سان قائم آهي، جيڪو بي پرواهه بادشاهه آهي، جنهن کي ڪنهن جي مدد يا تعاون جي ضرورت ناهي، هو هر شيءِ کان بي نياز هئڻ جي باوجود سراپا رحمت آهي ۽ هر هڪ کي نڪته ڪمال تائين پهچڻ ۾ هر نوازش سان نوازيندو رهي ٿو. اهڙي طرح هن جي رحمت جا دروازا اوهان لاءِ کليل آهن، جيڪڏهن توهان هن جي رحمت مان فائدا حاصل ڪو نه ڪندا ۽ پنهنجي اندر حقيقي زندگيءَ جي صلاحيت پيدا نه ڪندو ته پوءِ اهو قانون مشيت مطابق توهان کي زنده قومن جي صف مان ڪڍي اوهان جي جاءِ تي ڪنهن ٻي قوم کي آڻيندو. (النساءِ: 133/4، ابراهيم: 14/20-19، فاطر: 35/17-16، محمد: 38/47) جهڙيءَ طرح اوهان کي ٻئي قوم مان يا ان جي نسل مان آندو آهي.(133) هي بيان ڏيان سان ٻڌو، هي خبردار ڪرڻ ۽ تنبيه ڏيڻ وارو حڪم ڌمڪي يا دڙڪو ناهي، جيڪو ڪجهه اوهان کي ٻڌايو ٿو وڃي اهو هر حال ۾ ٿي رهندو. توهان اسان کي هن ڪرڻ کان روڪي يا بي بس ڪري نٿا سگهو.

قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّىْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ تَكُوْنُ لَهٗ
عَاقِبَةُ الدَّارِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۱۳۵﴾ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ مِمَّا ذَرَاَ مِنَ الْحَرْثِ
وَالْاَنْعَامِ نَصِيْبًا فَقَالُوْا هٰذَا لِلّٰهِ بِزَعْمِهِمْ وَهٰذَا لِشُرَكَآئِنَا ۚ فَمَا كَانَ لِشُرَكَآئِهِمْ
فَلَا يَصِلُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَمَا كَانَ لِلّٰهِ فَهُوَ يَصِلُ اِلٰى شُرَكَآئِهِمْ ؕ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿۱۳۶﴾
وَكَذٰلِكَ زَيَّنَ لِكَثِيْرٍ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ قَتْلَ اَوْلَادِهِمْ شُرَكَآؤُهُمْ لِيُرْدُوْهُمْ
وَلِيَلْبِسُوْا عَلَيْهِمْ دِيْنَهُمْ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿۱۳۷﴾

اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صلى الله تعالى عليه وآله وسلم ! چئو تہ اي منهنجي قوم ! توهان پنهنجي طريقي تي هلو، مان پنهنجي طريقي تي هلي رهيو آهيان. پوءِ جلدي اوهان کي پتو پئجي ويندو تہ آخرت ۾ سنو انجام ڪنهن جو آهي. حقيقت اها آهي تہ ظالم ڪڏهن بہ ڪاميابي حاصل ڪونہ ڪندا.(135) هنن جو ظلم انهيءَ حد تائين پهچي ويو آهي، جو الله لاءِ هن جي پيدا ڪيل کيتي ۽ چوپاين مان هڪ حصو الله لاءِ مقرر ڪن ٿا ۽ چون ٿا هڪڙو حصو الله جو آهي ۽ هيترو حصو خدا سان شريڪ ڪيل بتن جو آهي. پوءِ جيڪو هنن الله سان شريڪ ڪندڙن لاءِ مقرر ڪيو آهي، اهو تہ الله تائين نٿو پهچي، پر جيڪو حصو الله لاءِ رکيل آهي، اهو هنن جي شريڪ بتن تائين پهچي وڃي ٿو. ڪهڙا نہ برا فيصلا آهن، جيڪي هي ماڻهو ڪن ٿا. (136) ۽ اهڙي طرح ڪيترن مشرڪن کي انهن جي شريڪ بتن اولاد کي قتل ڪرڻ جهڙو برو فعل ڪيترو نہ خوشنما بڻائي ڇڏيو آهي تہ جيئن هو انهن مشرڪن کي تباهہ ڪري ڇڏين ۽ انهن جي دين ۾ هنن کي مغالطي جو شڪار بڻائي ڇڏين، جيڪڏهن الله جي قانون جي اهڙي مشيت نہ هجي ها تہ هو ائين

ڪو نہ ڪري سگهن ها. پوءِ توهان هنن کي سندن حال تي ڇڏي ڏيو تہ هو جيڪي ٺٺولين ۾ مشغول رهن ٿا ۽ ڪوڙ ٺاهي ڪندا رهن.(137)

هنن مخالفن کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏ تہ هنن ۾ ڪنهن بحث مباحثي يا جهيڳڙي جهٽي جي ڪا گنجائش ناهي. توهان بہ آزاد آهيو تہ مان بہ آزاد آهيان. توهان پنهنجي منصوبي مطابق ڪم جاري رکو ۽ مان پنهنجي پروگرام موجب ڪم ڪندو رهندس. "لَآ اِكۡرَاهَ فِى الدِّيۡنِ" اوهان تي ڪنهن بہ قسم جو زور بار ناهي ۽ نہ وري مون تي اوهان جو ڪو دٻاءُ آهي. آخرڪار ڪاميابي ڪنهن کي ٿي نصيب ٿئي ۽ آخرت موچاري ٿي ٿئي، اهو خدا جي اٽل قانون موجب رونما ٿيندو ۽ ظالمن کي ڪڏهن بہ ڪاميابي نہ ملندي.

هاڻي هنن ظالمن جي ظلم کان آگاهي ڏني ٿي وڃي تہ اهو ڪهڙو ظلم آهي، جنهن جي ڪرڻ سان هنن تي فلاح ۽ ڪاميابيءَ جا دروازا بند ٿي وڃن ٿا. هنن کي خبر آهي تہ هي زمين الله جي آهي. هنن ڪيتن جانورن وغيره جو خالق خدا ئي آهي. پر هنن جو اهو مسلڪ آهي تہ اسان تي خدا جو فضل هنن ديوين ديوتائن، فرشتن، جنن ۽ آسماني ستارن وغيره جي طفيل آهي. ان ڪري هو پنهنجي کيت ۽ جانورن جا بہ حصا هڪ حقيقي الله لاءِ مخصوص ڪندا آهن تہ ٻيو حصو پنهنجي جعلي خدائن لاءِ رکندا آهن تہ جيئن هنن تي انهن جعلي معبودن جون مهربانيون جاري رهن. هنن جو هي پورو عمل سراپا خسارو آهي. هنن جيڪو حصو پنهنجي جعلي معبودن لاءِ رکيو آهي، ان مان ڪجهہ بہ حقيقي الله عزوجل کي نٿو ملي، پر جيڪو حصو هو حقيقي الله لاءِ مخصوص ڪن ٿا، اهو پنهنجن معبودن کي ڏين ٿا. هنن جي دلين ۾ انهن خودساخته معبودن جو حقيقي الله کان بہ وڌيڪ ڊپ موجود آهي ۽ هو انهن جي عظمت جا وڌيڪ قائل آهن ۽ جيڪو ڪجهہ هي ڪري رهيا آهن، اهو نهايت برو آهي. هنن جو هي سارو معاملو غلط ۽ بي وقعت آهي. سندن نقلي معبودن، ديوين ۽ ديوتائن مشرڪن لاءِ پنهنجي اولاد کي قتل ڪرڻ خوبصورت مشغلو ۽ سٺو عمل بنايو آهي، جنهن کي هونيڪيءَ جو ڪم سڏين ٿا ۽ هنن جي هٿان اولاد جهڙي پياري نعمت کي هلاڪ ڪرائين ٿا ۽ سندن مذهبي عقيدن کي انهن لاءِ مشڪوڪ ڪري ڇڏين ٿا. هي سڌرڻ وارا نہ آهن، ان ڪري هنن کي سندن حالت زار تي رهڻ ڏيو پلي هو ٺٺولين جا ٺاهہ ٺاهي پنهنجي تباهي جو جواز پيدا ڪندا رهن.

وَ قَالُوْا هٰذِهٖۤ اَنْعَامٌ وَّ حَرْثٌ حِجْرٌ ۖ لَّا يَطْعَمُهَاۤ اِلَّا مَنْ نَّشَآءُ بِزَعْمِهِمْ وَ اَنْعَامٌ
حُرِّمَتْ ظُهُوْرُهَا وَ اَنْعَامٌ لَّا يَذْكُرُوْنَ اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا افْتِرَآءً عَلَيْهِ ؕ
سَيَجْزِيْهِمْ بِمَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۱۳۸﴾ وَ قَالُوْا مَا فِيْ بُطُوْنِ هٰذِهِ الْاَنْعَامِ
خَالِصَةٌ لِّذُكُوْرِنَا وَ مُحَرَّمٌ عَلٰۤى اَزْوَاجِنَا ۚ وَ اِنْ يَّكُنْ مَّيْتَةً فَهُمْ فِيْهِ شُرَكَآءُ ؕ
سَيَجْزِيْهِمْ وَصْفَهُمْ ؕ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۳۹﴾ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ قَتَلُوْۤا اَوْلَادَهُمْ
سَفَهًۢا بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّ حَرَّمُوْا مَا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ افْتِرَآءً عَلَى اللّٰهِ ؕ قَدْ ضَلُّوْا وَ مَا
كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿۱۴۰﴾ ع ١٦

۽ ائين چون ٿا تہ هنن چوپاين ۽ ڪيتيءَ تي پابندي لڳل آهي، هنن جو خيال آهي تہ جن کي اسان ڪارايون، ان ڪانسواءِ ڪو ٻيو انهن کي ڪائي نٿو سگهي. ڪجھ جانورن جي پٺي حرام ڪئي وئي آهي ۽ ڪجھ چوپايا اهڙا آهن جن بابت الله لاءِ جڙتو ڳالهيون ناهي بهتان هڻن ٿا تہ هنن تي الله جو نالو وٺڻ نہ ٿا گهرن، هي جيڪي ڪوڙا ناهہ ناهي رهيا آهن، عنقريب الله انهن کي ان جو بدلو ڏيندو. (138) ۽ اهو بہ چون ٿا تہ هنن چوپاين جي پيٽ ۾ جيڪي ٻچا آهن، اهي صرف اسان جي مردن لاءِ مخصوص آهن ۽ اسان جي عورتن لاءِ حرام آهن، پوءِ هنن جو ٻچو مئل پيدا ٿئي تو تہ پوءِ ان مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ مرد ۽ عورتون سڀ شريڪ تي وجن ٿا. جيڪي ڪارناما هي ڪري رهيا آهن، عنقريب الله انهن کي ان جو پورو پورو بدلو ڏيڻ وارو آهي. يقينًا هن جو هر ڪم حڪمت ۽ پوري معلومات تي ٻڌل آهي.(139) جن ماڻهن پنهنجي اولاد کي ڪنهن جائز سبب جي ڪري نہ پر محض جهالت ۽ حماقت جي ڪري قتل ڪيو آهي، اهي وڏي خساري ۾ آهن ۽ الله جيڪو رزق هنن کي ڏنو هو، اهو الله تي بهتان هڻي

حرام ڪري ڇڏيو آهي. هو بري طرح گمراهه ٿي ويا آهن ۽ ڪڏهن به هدايت تي نه آيا آهن.(140)

هنن جي جهالت ۽ بي وقوفي وارين رسمن جو ڇا ٿا پڇو. هو پنهنجن چوپاين ۽ کيتيءَ جي پئدائش مان ڪجهه حصو الڳ ڪري چون ٿا ته اسان پنهنجي عقيدي مطابق جنهن کي ڪارايون، ان مخصوص طبقي ڪانسواءِ ڪو بيو ماڻهو ان مان ڪجهه به کائي نٿو سگهي، هن نياز لاءِ هنن جو پنهنجو خاص قانون نهيل هيو ته هي عام ماڻهن لاءِ نه پر سندن خاص ماڻهن لاءِ مقرر آهي، الله هنن جي هن فعل شنيع (گندي ڏنڌي) کي مشرڪن جو عمل سمجهي ٿو. هي هنن جو خود ساخته رواج آهي. اهڙيءَ طرح هنن جانورن جو کير ڏهڻ وقت يا انهن جي پٺي تي سواري ڪرڻ وقت يا انهن کي ذبح ڪرڻ وقت يا انهن کي ڪاٽڻ وقت انهيءَ جو پابنديءَ سان اهتمام ڪيو ويندو هو ته ان وقت الله جو نالو نه ورتو وڃي. اهي جڙتو رسمون هيون، انهن لاءِ خدا پاران ڪو به حڪم يا سَنَدَ ناهي. الله عنقريب هنن کي انهن جڙتو ۽ نڳيءَ جي ناهه وارين حرڪتن جو ضرور بدلو ڏيندو.

ان وقت جي عرب معاشري ۾ جانورن جي نذر نياز ۽ منت طور پيش ڪرڻ لاءِ عجيب و غريب خودساخته شريعت رواج ۾ هئي، جنهن موجب جانور جي پيٽ مان جيڪو ٻچو پيدا ٿيندو هو، ان جو گوشت رڳو مرد ماڻهو کائي سگهن ٿا، عورتن لاءِ ان جو گوشت حرام آهي. پر جيڪڏهن اهو ٻچو پيٽ مان ئي مئل نڪري ته پوءِ ان جو گوشت مرد ۽ عورتون سڀ کائي سگهن ٿا. هنن جي هن بناوٽي شريعت جو جلد خدا کين بدلو ڏيندو. الله حڪيم ۽ عليم آهي، يعني سندس ڪم حڪمت سان لبريز ۽ مڪمل معلومات تي مبني آهي. هي رسم رواج رائج ڪرڻ وارا اوهان جا وڏڙا ۽ مذهبي اڳواڻ پنهنجي خيال ۾ ته وڏا معتبر ۽ داناء هيا، پر حقيقت ۾ اوهان جي خسيس حرڪتن ۽ رسمن رواجن کي ڏسي هر شعور وارو ماڻهو سمجهي سگهي ٿو ته ڪيترا ته عقل کان عاري، بي انتها جاهل ۽ بيوقوف هئا، جو پنهنجي اولاد جهڙي عزيز رشتي، خاص طور معصوم نياڻين کي ماڻهن جي واهه واهه چوڻ تي قتل ڪري ڇڏيندا هئا ۽ ان کي پنهنجي عزت جو نشان سمجهندا هيا. سندن اهي بي هودا ۽ ظالمانا رويا توهان جي وڏڙن جي نانءُ هڄڻ ڪري مقدس ۽

معتبر نٿا ٿي سگهن. سندن هي جهالت ۽ بيوقوفي وارو عمل خساري وارو ڏنتو آهي ۽
الله تي تهمت لڳائي حلال شيءِ کي حرام ڪرڻ سراپا جهالت ۽ گمراهي آهي ۽ هو ڪڏهن
بہ سڌي راهہ تي هلڻ وارا نہ آهن.

وَ هُوَ الَّذِیۡۤ اَنۡشَاَ جَنّٰتٍ مَّعۡرُوۡشٰتٍ وَّ غَیۡرَ مَعۡرُوۡشٰتٍ وَّ النَّخۡلَ وَ الزَّرۡعَ
مُخۡتَلِفًا اُکُلُهٗ وَ الزَّیۡتُوۡنَ وَ الرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّ غَیۡرَ مُتَشَابِهٍ ؕ کُلُوۡا مِنۡ ثَمَرِهٖۤ
اِذَاۤ اَثۡمَرَ وَ اٰتُوۡا حَقَّهٗ یَوۡمَ حَصَادِهٖ ۫ۖ وَ لَا تُسۡرِفُوۡا ؕ اِنَّهٗ لَا یُحِبُّ الۡمُسۡرِفِیۡنَ ﴿١٤١﴾ ۙ
وَ مِنَ الۡاَنۡعَامِ حَمُوۡلَةً وَّ فَرۡشًا ؕ کُلُوۡا مِمَّا رَزَقَکُمُ اللّٰهُ وَ لَا تَتَّبِعُوۡا خُطُوٰتِ
الشَّیۡطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَکُمۡ عَدُوٌّ مُّبِیۡنٌ ﴿١٤٢﴾ ۙ ثَمٰنِیَةَ اَزۡوَاجٍ ۚ مِنَ الضَّاۡنِ اثۡنَیۡنِ وَ مِنَ
الۡمَعۡزِ اثۡنَیۡنِ ؕ قُلۡ ءٰٓالذَّکَرَیۡنِ حَرَّمَ اَمِ الۡاُنۡثَیَیۡنِ اَمَّا اشۡتَمَلَتۡ عَلَیۡهِ اَرۡحَامُ
الۡاُنۡثَیَیۡنِ ؕ نَبِّـُٔوۡنِیۡ بِعِلۡمٍ اِنۡ کُنۡتُمۡ صٰدِقِیۡنَ ﴿١٤٣﴾ ۙ وَ مِنَ الۡاِبِلِ اثۡنَیۡنِ وَ مِنَ
الۡبَقَرِ اثۡنَیۡنِ ؕ قُلۡ ءٰٓالذَّکَرَیۡنِ حَرَّمَ اَمِ الۡاُنۡثَیَیۡنِ اَمَّا اشۡتَمَلَتۡ عَلَیۡهِ اَرۡحَامُ
الۡاُنۡثَیَیۡنِ ؕ اَمۡ کُنۡتُمۡ شُهَدَآءَ اِذۡ وَصّٰىکُمُ اللّٰهُ بِهٰذَا ۚ فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰی
عَلَی اللّٰهِ کَذِبًا لِّیُضِلَّ النَّاسَ بِغَیۡرِ عِلۡمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یَهۡدِی الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِیۡنَ ﴿١٤٤﴾ ع

الله اهو آهي، جنهن قسم قسم جا باغ پيدا ڪيا، انهن ۾ ڪجهہ اهڙيون وليون
آهن، جن کي سهارو ڏئي مٿي چاڙهيو ويندو آهي تہ ڪي ٽڙ وارا وڻ آهن،
جيڪي بنا سهاري بيٺل آهن ۽ ڪجين جا باغ ۽ ٻي زراعت جن جا ذائقا الڳ
الڳ آهن ۽ زيتون ۽ انار جيڪي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ملندڙ بہ آهن تہ هڪ ٻئي
کان الڳ بہ آهن، جڏهن اهي ڦر ڏين تہ انهن جي ڦل ۽ ميون کي کائو ۽ جڏهن
انهن جي ڪٽائيءَ جو وقت اچي تہ الله کي ياد ڪريو ۽ ان جو حق ادا ڪريو ۽
اسراف يا فضول خرچي نہ ڪريو. بيشڪ هو (الله) فضول خرچ ماڻهن کي پسند

نٿو ڪري(141) ۽ چوپاين ۾ الله اهي جانور بہ پيدا ڪيا آهن، جيڪي بار کڻن
ٿا ۽ اهي بہ آهن، جيڪي زمين سان لڳل رهن ٿا، الله جيڪو رزق اوهان کي
عطا ڪيو آهي، کائو ۽ شيطان جا پيروڪار ٿي ان جي نقش قدم تي نہ هلو،
يقين ڪريو تہ اهو شيطان اوهان جو کليو ۽ پڌرو دشمن آهي.(142) هن چوپاين
جا کل چار جوڙا پيدا ڪيا آهن، بہ رڍن جي نسل مان تہ بہ ٻڪرين جي نسل
مان، ذرا هنن کان اهو معلوم ڪيو تہ الله انهن مان ٻنهي نرن کي حرام ڪيو
آهي يا ٻنهي مادين کي حرام ڪيو آهي يا ان ٻچي کي جيڪو انهن ٻنهي نسلن
جي مادين جي پيٽ ۾ موجود آهي، جيڪڏهن اوهان سچا آهيو تہ پوءِ مون کي
علمي جواب ڏيو.(143) ۽ انهيءَ طرح الله اٺن ۾ بہ نر ۽ مادي پيدا ڪيا آهن ۽
ڳئون جي بہ (نر ۽ مادي پيدا ڪئي آهي. اُٺ ۽ ڏاچي هڪ ٻئي جو ازواج يا زوج
يا جوڙو آهن. ڏاند ۽ ڳئون هڪ ٻئي جو زوج جوڙو آهن. رڍ ۽ دنبو هڪ ٻئي جو
زوج ۽ جوڙو آهن، تہ ٻڪري ۽ ٻڪر هڪ ٻئي جو زوج يعني ٽوٽل 4 زوج يا 8
جانور هڪ ٻئي جو جوڙو آهن.) ٻڌايو تہ هنن جي ٻنهي نرن کي خدا حرام ڪيو
آهي يا انهن جي ٻنهي مادين کي حرام ڪيو آهي، يا ان ڦر کي جيڪو انهن ٻنهي
مادين جي پيٽ ۾ موجود آهي. ڇا توهان ان وقت حاضر هئا، جڏهن الله توهان
کي هن جو حڪم ڏنو هو تہ پوءِ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم هوندو جو الله ڏانهن
اهڙي ڪوڙ جي نسبت ڪري جنهن سان بغير ڪنهن علمي دليل جي، ٻين کي
گمراهہ ڪري، حقيقت اها آهي تہ الله ظالم ماڻهن کي هدايت نٿو بخشي. (144)

هي آهن، هنن جا مذهبي اڳواڻ، جن انسانن لاءِ خدا جي حلال نعمتن تي بہ قد غن
لڳائي، نوع انسان کي انهن جي استعمال کان محروم ڪيو آهي ۽ خدائي نعمتن جو
انڪار ڪيو آهي، مگر الله جي ربوبيت جي طفيل تمام انسانن جي پرورش ۽ نشونما لاءِ
هن باغات جو سلسلو پکيڙي ڇڏيو آهي، جن ۾ اهڙا وڻ بہ آهن، جيڪي پنهنجن ٿڙن تي

مضبوط بنا ڪنهن سهاري جي بيٺل آهن ۽ وري بعض نازڪ نرم وليون يا انگور آهن، جن کي سهارو ڏئي بيهاريو وڃي ٿو، جن مان قسمين قسمين ميوا ۽ ڦل ملن ٿا ۽ جيڪي ذائقي ۾ هڪٻئي کان مختلف آهن، ان کان سواءِ ڍڳهين کجين جا باغ آهن ۽ مختلف پيداوار وارا هر طرف کيت ٺي کيت آهن، جن ۾ انسانن لاءِ رزق جو بندوبست ڪيل آهي. ان کان علاوه زيتون ۽ انار جا باغ آهن، جيڪي پنهنجي لذت ۽ ذائقي ۾ نمايان آهن، خدا جي نعمت جون هي سڀ شيون پوري انسانيت لاءِ اپايون، ويون آهن، جنهن ڪري هنن جا داڻا، ڦر ۽ ميوا وڏي ذوق ۽ شوق سان پاڻ به کائو ۽ ٻين کي به ڏيو. خدا جي اها ڏات پاڻ لاءِ محدود نه رکو، پر لاباري يا ميون جي پچڻ وقت پنهنجي ضرورت پوري ٿيڻ بعد باقي خدا جي مخلوق ۾ ونڊ ڪيو يعني خدا کي ڏيو. (الحاقه: 34/69، الفجر: 18/89، الماعون: 3/107) هن ۾ ڪنهن به قسم جو اسراف ۽ فضول خرچي نه ڪيو. الله طرفان هي صلهٔ عام آهي، ان ڪري عوام کي به ان مان بهره ور ڪريو. خداوند ڪريم جون نعمتون رکو هنن اسمن تائين محدود ناهن، ”فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ“ پر انهي کان وڌيڪ بي شمار آهن، جن جو ڪو حد حساب نه آهي. هن رحيم ڪريم الله اوهان جي آسانيءَ لاءِ چوپايا جانور پيدا ڪيا آهن، جن ۾ ڪي قدآور آهن، ته ڪي ننڍي قد وارا آهن، جن تي اوهان بار کڻو ٿا. سواري ڪيو ٿا ۽ انهن جو کير پيئو ٿا، گوشت کائو ٿا، ايتري قدر جو انهن جي ڇيٽي ۽ ڦينگڙين سان پنهنجا کيت ۽ زراعت آباد ڪريو ٿا. خدا جي هنن نعمتن جو جيترو به شڪر ڪجي، اهو ٿورو آهي. الله جيڪو ڪجهه اوهان جي رزق لاءِ پيدا ڪيو آهي، ان کي شوق سان کائو پيئو ۽ ان مان فائدو حاصل ڪريو، پر ياد رکو ته شيطان جي پيروي ڪري، ان جي نقش قدم تي هلي پاڻ کي تباهه ۽ برباد نه ڪريو. شيطان اوهان جو ظاهر ظهور دشمن آهي.

خدا پاران انسانن جي ضرورتن کي مدنظر رکندي اٺ قسم جا جانور پيدا ڪيا آهن، جيڪي توهان وٽ موجود آهن، صبح و شام هنن مان فائدا حاصل ڪريو ٿا. (الزمر: 6/39) انهن جانورن ۾ نر ۽ ماديون موجود آهن، رڍن ۽ ٻڪرين ۾ نر به آهن ته ماديون به آهن، هنن جي حلال حرام جون فهرستون توهان پنهنجو پاڻ ناهيون آهن، انهن جي ڪا به خدائي سَنَدَ يا ڪو ثبوت ناهي ته خدا هنن جي نرن کي حرام ڪيو آهي يا مادين کي حرام ڪيو آهي. يا انهن جي ٻچن کي حرام ڪيو آهي. اهي فتوائون اوهان جون جاري ڪيل آهن.

هنن لاءِ خدا پاران ڪا بہ سَندَ ناهي، اگر توهان وٽ ڪو ثبوت آهي تہ ڏيکاريو. اهڙيءَ طرح
الله اوهان لاءِ اٺ ۾ نر ۽ ماديون ۽ ڍڳائي مال ۾ نر ۽ ماديون پيدا ڪيون آهن، هي سمورا اٺ
چوپايا جانور آهن اهي سمورا اٺ جانور تي ويا جن مان چار جو مٿي ذڪر تي آيو آهي، باقي
اٺ ۽ ڍڳائي مال يا انهن جي مادين جي پيٽ ۾ موجود ٻچن ڪي خدا حرام ڪيو آهي يا اوهان
پنهنجن وڏڙن جي روايت تي اکيون ٻوٽي عمل ڪري حرام قرار ڏنو آهي. توهان جو هن
خرافات کي خدا ڏانهن منسوب ڪيو ٿا، ڇا اوهان ان وقت موجود هيا، جو جنهن وقت خدا
اهو حڪم جاري ڪرڻ فرمايو هو. هي سمورو نڳيءَ جو ناهہ توهان جو پنهنجو هٺ جو
جوڙيل آهي. ان کي خدا ڏانهن منسوب ڪرڻ وڏو بهتان ۽ ظلم آهي، جنهن سان عوام
الناس کي گمراهہ ڪرڻ گهرو ٿا. ياد رکو الله اهڙن ظلم ڪندڙ ظالمن کي ڪڏهن بہ هدايت
جي رستي تي نٿو هلائي. يهودين کي کُرن وارن جانورن ڳئون ۽ ٻڪريءَ جي چربيءَ جي
استعمال کان روڪيو ويو هيو، ان ڪري نہ تہ هي حرام هيون، پر يهودين جي بيحد
گمراهي ۽ سرڪشيءَ جي ڪري عارضي طور حلال شيون بہ روڪيون ويون هيون.
(النساء: 160/4) يهودي اهو بہ چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان جو ۽ اسان جي وڏڙن جو طريقو الله
جي مشيت خلاف هيو تہ پوءِ الله اسان کي روڪي ڇو نہ ڇڏيو، پر اسان تي تہ مال ۽ اولاد
جي ڪثرت ۽ خوشحاليءَ سان نوازي ٻڌايو تہ اسان جو طريقو درست آهي. خدا اهڙي
عقيدي کي گمراهي قرار ڏئي ٿو، ڇوتہ الله تعالىٰ طرفان اڪراه نہ آهي، پر انسان کي ارادي
۽ اختيار جي اجازت آهي، ان ڪري انسان کي سندس اعمال جو پابند ڪيو ويو آهي ۽ ان
جي گمراهي يا رهنمائي الله جي قانون مشيت ۾ موجود آهي، جيڪو رستو هو اختيار
ڪندو، هن کي ڇوٽ آهي، ان جو نالو قانون مشيت آهي.

قُلْ لَّآ اَجِدُ فِیْ مَآ اُوْحِیَ اِلَیَّ مُحَرَّمًا عَلٰی طَاعِمٍ یَّطْعَمُهٗۤ اِلَّاۤ اَنْ یَّكُوْنَ مَیْتَةً
اَوْ دَمًا مَّسْفُوْحًا اَوْ لَحْمَ خِنْزِیْرٍ فَاِنَّهٗ رِجْسٌ اَوْ فِسْقًا اُهِلَّ لِغَیْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ
اضْطُرَّ غَیْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ رَبَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿١٤٥﴾ وَعَلَی الَّذِیْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا
كُلَّ ذِیْ ظُفُرٍ ۚ وَمِنَ الْبَقَرِ وَالْغَنَمِ حَرَّمْنَا عَلَیْهِمْ شُحُوْمَهُمَاۤ اِلَّا مَا حَمَلَتْ

ظُهُوْرُهُمَآ اَوِ الْحَوَايَآ اَوْ مَا اخْتَلَطَ بِعَظْمٍ ؕ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِبَغْيِهِمْ ۖؗ وَ اِنَّا
لَصٰدِقُوْنَ ﴿۱۴۶﴾ فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ رَّبُّكُمْ ذُوْرَحْمَةٍ وَّاسِعَةٍ ۚ وَلَا يُرَدُّ بَاْسُهٗ
عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۱۴۷﴾

اي پيغمبر خاتم النبيين صلي الله تعالیٰ عليه وآله وسلم! هنن کي چؤ ته جيڪا وحي مون ڏانهن آئي آهي، ان ۾ ته مان نٿو ڏسان ته ڪنهن کاڌي کائڻ واري تي ڪا شيءِ حرام ڪئي وئي آهي، جيڪا هو کائيندو آهي، سواءِ هن جي ته اهو مردار هجي يا وهندڙ خون هجي يا سوئر جو گوشت هجي، ڇو ته اهو ناپاڪ آهي، يا خدا جي نافرمانيءَ ڪري ڪنهن جانور کي الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي نالي تي ذبح ڪيو وڃي. اهو به کائڻ فقط نهايت مجبوري (اضطراري) واري حالت ۾ هجي ۽ لذت لاءِ يا ضرورت کان وڌيڪ کائڻ ممنوع آهي ته پوءِ اهڙي حالت ۾ بيشڪ تنهنجو پروردگار بخش ڪرڻ وارو ۽ دائمي شفقت ڪرڻ وارو آهي.(145) اها ڳالهه درست آهي ته يهودين تي اسان هر ننهن وارو جانور حرام ڪيو هو ۽ ڳئون ۽ ٻڪريءَ جي چربي به اسان انهن لاءِ حرام ڪئي هئي، سواءِ ان جي جيڪا هنن جي پٺي يا آندن کي چنبڙيل هجي، يا ڪنهن هڏيءَ سان لڳي رهجي وڃي. هي انهن کي سندن سرڪشيءَ جي سزا ڏني هئي ۽ اسان بلڪل سچا آهيون.(146) ان جي بعد به جيڪڏهن هو توکي ڪوڙو ڪن ته هنن کي ٻڌاءِ ته تنهنجي پروردگار جي رحمت وڌيڪ ڪشادگي ۽ وسعت واري آهي. پر ان سان گڏ اها به حقيقت آهي ته هن جي ڏنل مهلت ختم ٿي وئي ته مجرم ماڻهن تان عذاب ٽري ڪو نه ويندو.(147)

هنن کي چؤ ته حلال حرام جو اختيار رڳو الله جو آهي، ٻئي ڪنهن کي به اجازت ناهي ته هو حلال کي حرام يا حرام کي حلال قرار ڏئي. مون ڏانهن جيڪا وحي ڪئي وئي آهي، مان ان مان ڪنهن شيءِ کي جيڪا معروف طريقي سان کاڌي وڃي ٿي، حرام نٿو

ڏسان، سواءِ هنن چار شين جي يعني مردار، جيڪو پنهنجي موت مري چڪو هجي يا جانور جو ذبح دوران وهندڙ خون، خنزير جو گوشت ڇو تہ اهو سراپا ناپاڪي آهي. (البقره: 173/2، المائده: 103/5، النحل: 14/16) خدا جي صريح حڪم جي نافرماني ڪندي حلال جانور ڪي بہ الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي نالي تي منسوب ڪندي ذبح ڪيو وڃي. بس اهي شيون حرام آهن، اهي هرگز نہ کائو. پر جيڪڏهن حلال شيءِ موجود ناهي ۽ سخت اضطراري جي حالت ۾ مجبور ٿي وڃي ۽ ان جي نيت لذت يا شوقيہ خواهش جي نہ هجي ۽ نہ وري قدرِ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ گهرجي تہ پوءِ جان بچائڻ لاءِ ان حرام قرار ڏنل شين مان جيڪو ڪجھ ملي، اهو کائي سگهي ٿو. هن حرام ڪيل شين جو کائڻ انسان جي نشو نما ۽ اخلاقي قدرن تي مضر اثر ٿئي ٿو. پر اضطراري واري اجازت ۾ مقرر ٿيل حدن اندر رهي کائڻ سان الله جي قانون جي پابندي ڪرڻ سبب انهن جي نقصان ڏيندڙ اثر کان محفوظ رهندو. هن آيت سڳوري جو مضمون البقره: 173/2، المائده: 3/5 ۽ نحل 14/16 ۾ بہ آيو آهي.

حلال ۽ حرام شين جي ذڪر ڪي وڌائيندي ٻڌايو وڃي ٿو تہ اسان يهودين تي هڪ ڪرا سمورا جانور حرام ڪيا هئا. معلوم هئڻ گهرجي تہ ڪجھ جانورن جي پير جا ننهن قاتل هوندا آهن، جيئن ڳئون، ٻڪري وغيره ۽ ڪن جا ننهن (سنب يا ڪر) صرف هڪ هوندا آهن، مثال گهوڙو گڏھ وغيره. جيڪي يهودين تي حرام ڪيا ويا هئا يهودين تي اهي شيون جيڪي بذات خود پاڻ حرام آهن، جيئن مردار ۽ وهندڙ رت، خنزير ۽ غير الله جي نالي منسوب ڪري ذبح ڪيل جانور، تہ ٻين انسانن وانگر حرام هئا. پر يهودين جي زيادتين ۽ اعتدال سبب انهن تي ڪجھ زياده شيون بہ حرام ڪيون ويون، ٻهرين شين جي حرمت خدا جي رحمت آهي ۽ پوين شين جي حرمت ڦٽڪار ۽ سزا طور آهي. (آل عمران: 93/3، النساء: 160/4) هنن تي ڳئون ۽ ٻڪريءَ جي چربي حرام ڪئي وئي هئي. پر جيڪا چربي هنن جي پٺيءَ يا آنڊن سان لاڳاپيل هئي يا جيڪا چربي هڏي تي هئي، اها معاف ڪئي وئي هئي، پر انهن جي سرڪشي ۽ بي اعتدالي جي سزا هئي ۽ عارضي طور حرام ڪئي وئي هئي، اصل ۾ حلال هئي. هي پوري حقيقت جيڪا الله بيان ڪئي آهي، سچ تي مبني آهي. ان هوندي بہ اهي توکي ڪوڙو چون تہ تون کين ٻڌاءِ تہ اوهان جو رب نهايت وسيع رحمت جو مالڪ آهي، توهان هن نافرمانيءَ بعد توبه تائب ٿيندا تہ خدا جي بخشش

۽ رحمت اوهان لاءِ وڏي وسعت ۽ ڪشادگي رکي ٿي، پر جيڪڏهن اوهان پنهنجي گناهن ۽ غلطين تي اڙيا رهيا ته اهڙن مجرمن تان خدا جو عذاب هٽائي نٿو سگهجي.

سَيَقُولُ الَّذِينَ أَشْرَكُوا لَوْ شَاءَ اللَّهُ مَا أَشْرَكْنَا وَلَا آبَاؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ
شَيْءٍ ۚ كَذَٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ حَتَّىٰ ذَاقُوا بَأْسَنَا ۗ قُلْ هَلْ عِنْدَكُمْ
مِنْ عِلْمٍ فَتُخْرِجُوهُ لَنَا ۖ إِنْ تَتَّبِعُونَ إِلَّا الظَّنَّ وَإِنْ أَنْتُمْ إِلَّا تَخْرُصُونَ ﴿١٤٨﴾
قُلْ فَلِلَّهِ الْحُجَّةُ الْبَالِغَةُ ۖ فَلَوْ شَاءَ لَهَدَاكُمْ أَجْمَعِينَ ﴿١٤٩﴾ قُلْ هَلُمَّ شُهَدَاءَكُمُ
الَّذِينَ يَشْهَدُونَ أَنَّ اللَّهَ حَرَّمَ هَٰذَا ۖ فَإِنْ شَهِدُوا فَلَا تَشْهَدْ مَعَهُمْ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ
أَهْوَاءَ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا وَالَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ وَهُمْ بِرَبِّهِمْ
يَعْدِلُونَ ﴿١٥٠﴾ ع — ع ١٨ ٥

عنقريب هي مشرڪ ائين چوندا ته جيڪڏهن الله گهري ها ته نه اسان شرڪ ڪريون ها ۽ نه اسان جا ابا ڏاڏا ۽ نه وري اسان ڪنهن شيءِ کي حرام ڪيون ها. جيڪي هنن کان اڳ گذري چڪا آهن، انهن به ساڳي طرح ڪوڙ چيو هو، ايستائين جو هنن اسان جي عذاب جو مزو چکيو. هنن کي چؤ ته اوهان وٽ ڪو علمي دليل آهي ته اسان جي اڳيان پيش ڪريو. پر حقيقت اها آهي ته اوهان محض گمان ڪري رهيا آهيو ۽ رڳو قياس آرايون ڪيو ٿا. (148) اي پيغمبر خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم! هنن کي چؤ ته اهڙو دليل ته الله جو ئي آهي، جيڪو حقيقت رسا آهي، جيڪڏهن هو گهري ها ته اوهان کي زبردستي هدايت ڏانهن وٺي اچي ها. (149) هنن کي چؤ ته پنهنجا اهي شاهد پيش ڪيو، جيڪي اها شاهدي ڏين ته الله هنن شين کي حرام ڪيو آهي. پوءِ جيڪڏهن هي پاڻ شاهدي به ڏين ته تون هنن سان ان گواهي ۾ ڀائيوار نه ٿجانءِ ۽ هنن ماڻهن جي خواهش پٺيان نه هلجانءِ

جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو آهي ۽ جيڪي آخرت تي به ايمان نٿا رکن ۽ جيڪي ٻين کي تنهنجي پروردگار جي خدائي ۾ برابر سمجهن ٿا. (150)

هي ماڻهو جڏهن هر طرف کان لاجواب ٿي وڃن ٿا ۽ پنهنجي مسلڪ جي جواز ۾ ڪوئي دليل ثبوت يا سَندَ پيش ڪري نٿا سگهن ته پوءِ ٻيو ڪو رستو نه ڏسي چون ٿا ته دنيا ۾ خدا جي مرضيءَ بغير ڪجهه به نٿو ٿئي، جيڪڏهن خدا کي منظور هجي ها ته اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا ڪڏهن به شرڪ نه ڪن ها ۽ نه وري ڪنهن شيءِ کي حرام ڪن ها، اسان جو پنهنجو ذاتي ڪو به قصور ناهي، هي سڀ مولا جي مرضي آهي. ڪافرن خاص طرح معتزله جو خيال آهي ته اسان جي گناهه ڪرڻ ۾ خدا جي مشيت شامل آهي. هنن ڪافرن مشيتِ ايزدي جو مفهوم سمجهيو ئي ناهي. هت مشيت خداوندي مان مراد آهي ته جيڪڏهن انسان پاڻ پنهنجي غلط راهه جو انتخاب ڪري ٿو ته پوءِ ڪيس مليل اختيار ۽ ارادي جي اجازت کي سلب نٿو ڪيو وڃي، پر خدا جو قانون به هن کي زبردستيءَ روڪي نٿو ۽ جيڪو هو ڪرڻ گهري ٿو، ان ۾ قانون مشيت شامل آهي، پر الله جي رضا ناهي. گويا خدا جي قانون موجب ڪرڻ جو اختيار آهي. هنن جي اها دعويٰ به نئين ناهي، هنن کان اڳ وارا به هن قسم جون ڳالهيون گهڙي حقيقت کي ڪوڙو چوندا رهيا آهن. آخرڪار هنن پنهنجي غلط روش جي ڪري اسان جي عذاب جي چاشني چکي. جيڪڏهن اهي ائين چوڻ ۾ سچا هيا ته پوءِ هنن کي سزا ڇو ملي؟ هنن کي چئو ته توهان وٽ اوهان جي هن دعويٰ لاءِ ڪو علمي دليل يا ثبوت آهي ته پيش ڪريو ته انسان پنهنجي اعمال جو ذميوار نه آهي، ڇو ته هن جي هٿ وس ڪجهه ناهي ۽ هو محض مجبور آهي، خدا جي حڪم کانسواءِ ڪک به نٿو چري. هر هنڌ هن جو حڪم هلي ٿو. (يٰس: 47/36، الزخرف: 20/43) سچ اهو آهي ته اوهان وٽ ڪنهن به دعويٰ جو ثبوت ناهي رڳو گمان ۽ قياس جي پويان لڳل آهيو ۽ وهمي اندازن ۽ هٿ ٺوڪين ڳالهين کان سواءِ اوهان وٽ ڪجهه ناهي.(148) هنن کي چئو ته محڪم ۽ حقيقت تي مبني صرف هڪ دليل آهي ۽ اهو الله جي وحيءَ جو دليل آهي ۽ جيڪڏهن اوهان وٽ خدا جي وحي جو دليل ناهي ۽ اوهان مشيت مان اها مراد ونو ٿا ته خدا

جي مرضي هجي ها تہ اسان ڪفر نہ ڪيون ها، يعني اوهان ڪي اختيار ۽ ارادي ڪان محروم ڪيو وجي ها پر اهو مطلب ڪڍڻ غلط آهي، اوهان ڪان ارادو ۽ اختيار نہ ڪسيو ويو آهي. حق ۽ باطل کولي بيان ڪيو ويو آهي پوءِ جيڪو رستو اوهان پنهنجي اختيار ۽ ارادي سان چونڊيو تہ الله جي مشيت ان ۾ رخنو نہ وجهندي ۽ خدا جو قانون مشيت توهان ڪي جاڏي وجو وڃڻ ڏيندو. اوهان پاڻ لاءِ ڪفر ۽ شرڪ جي راهہ چونڊڻ بدران ايمان ۽ اخلاص جو رستو اختيار ڪيو ها تہ الله بہ اوهان لاءِ هدايت جون آسانيون پيدا ڪري ها. ياد رکو تہ مشيت رضا ناهي.

هنن کي چؤ تہ اهڙا شاهد پيش ڪريو جيڪي شاهدي ڏين تہ اهي شيون خدا پاران حرام ٿيل آهن. جيڪڏهن بالفرض هو ڪو اهڙو شاهد پيش ڪن تہ پوءِ ان ڪان سندن دعوىٰ جو ثبوت گهرو، جيڪو هو ڏئي نہ سگهندو. سچي گواهي تہ اها آهي، جنهن جو شاهد کي پڪو يقين ۽ صحيح علم هجي. ڪو بہ معقول ماڻهو پوري پوري ڄاڻ نہ هجڻ ۾ ڪڏهن بہ شهادت نہ ڏيندو ۽ ان کي خدا جي مشيت نہ سڏيندو. دراصل اوهان مشيتِ خداوندي جو مفهوم سمجهيو ئي ناهي، مشيت تہ توهان جي اعمال جي اجازت جو نالو آهي. يعني اوهان جيڪو ڪرڻ گهرندا، الله اوهان کي زور زبردستي ڪري نہ روڪيندو. پر جيڪڏهن ڪو ابن ڏاڏن جي رسم رواج کي جاري رکڻ لاءِ هٺي ڏئي ٿو يا پنهنجن ذاتي مفادن کي حقيقت تي ترجيح ڏئي شهادت ڏئي ٿو تہ توهان هنن جي خواهشن تي سندن پيروي نہ ڪجو. حضرت يعقوبؑ پنهنجو پاڻ تي ڪجهہ حلال شيون استعمال ڪرڻ بند ڪيون هيون. اهو سندس فعل هيو، الله تعالىٰ جو حڪم نہ هيو. رڳو انهن جي استعمال کان پاڻ کي روڪيو هيو، پر حرام قرار نہ ڏنو هيو، پر بعد ۾ اهل ڪتاب جي يهودي عالمن ان کي پنهنجي طرفان حرام ڪيو هيو، جيڪو غلط هيو. بيو سبب اهو بہ هيو تہ الله تعالىٰ جي نازل ڪيل شريعت (قرآن) جو جڏهن اعلان ٿيو تہ پوءِ يهودين ان سان بغاوت ڪئي ۽ مخالفت ۾ اچي ڪيترين حلال شيون پاڻ تي حرام ڪيون ۽ دين اسلام ۾ انهن جي حلال هجڻ تي ٽوڪون ۽ چٽرون ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي راءِ کي توريت جي تعليم سڏڻ لڳا، پر ڪانئن اهو وسري ويو تہ توريت حضرت ابراهيم، حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوبؑ ڪان سوين سال بعد نازل ٿيو آهي. تورات حضرت ابراهيم ۽ حضرت يعقوبؑ جو دين

ناهي. جن ماڻهن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو آهي، انهن کي ڪوڙو سمجهي ٿو، انهن جا
پوئلڳ نہ ٿجو، جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا آڻن ۽ هن دنيا جي زندگيءَ کي ئي زندگي
سمجهن ٿا، اهي الله سان ٻين کي برابري جو درجو ڏين ٿا. قرآن هنن جي اهڙن باطل عقيدن
کي سندن خام خيالي، جهل ۽ انڌائپ قرار ڏئي ٿو. هن دعويٰ جي ثبوت ۾ هنن وٽ ڪا
سَنَدَ ناهي، الله جي رضا يا مشيت هجي ها تہ سيني انسانن کي سڌي راهہ تي هلائي ها ۽
پوءِ سندن ارادو ۽ اختيار ختم ٿي وڃي ها، پر هو سندن اختيار سلب ڪرڻ نٿو گهري. هن
انسانن کي عقل فهم ۽ فراست سان پنهنجي اختيار ۽ ارادي جو مالڪ بڻايو آهي. تمام
انبياءِ ڪرام جي تعليم بہ اهائي آهي. ان ڪري هنن جي اها دعويٰ تہ اسان هي ڪم خدا
جي حڪم هيٺ ڪيون ٿا. اسان جو ڪو ڏوهہ ناهي، نهايت ڪم عقل ۽ جهالت تي مبني
آهي، جيڪو مشيت ۽ حجت ناهي.

قُلْ تَعَالَوْا اَتْلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ اَلَّا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا وَّبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۚ
وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ مِّنْ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُكُمْ وَاِيَّاهُمْ ۚ وَلَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ
مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ ۚ وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكُمْ
وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۵۱﴾ وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ
حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۚ وَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ ۚ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا
اِلَّا وُسْعَهَا ۚ وَاِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوْا وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۚ وَبِعَهْدِ اللّٰهِ اَوْفُوْا ؕ
ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿۱۵۲﴾ وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ
وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ
تَتَّقُوْنَ ﴿۱۵۳﴾ ثُمَّ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ تَمَامًا عَلَى الَّذِيْٓ اَحْسَنَ وَتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ
شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ بِلِقَآءِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ ع ١٩ / ٦

هنن کي چؤ تہ اچو مان اوهان کي ٻڌايان تہ اوهان جي رب اوهان لاءِ ڪهڙيون شيون حرام ڪيو آهن، اهي هي آهن تہ هن سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪيو ۽ والدين سان حسن سلوڪ ڪريو ۽ پنهنجي اولاد کي مفلسيءَ جي ڊپ کان قتل نہ ڪريو. توهان کي بہ اسان روزي ڏيون ٿا ۽ انهن کي بہ ڏينداسون ۽ بي حيائيءَ جي داعي ڪمن جي ويجها نہ وڃو، خواهہ اهي ظاهر هجن يا ڳجها ۽ ڪنهن بہ جان کي جنهن کي الله حرام ڪيو آهي، ناحق قتل نہ ڪريو. هي آهن وڏي اهميت واريون ڳالهيون جن جي اوهان کي الله هدايت ڪئي آهي تہ جيئن توهان سمجهہ کان ڪم وٺو. (151) ۽ يتيم جي مال جي ويجهو بہ نہ وڃو. پر ان طريقي سان پلي نظرداري ڪريو، جيڪو هن لاءِ احسن طريقو آهي، جيستائين هو پنهنجي جواني (بلوغت) کي پهچي ۽ ماپ تور انصاف سان ڪريو. اسان ڪنهن تي بہ سندس قوت برداشت (استطاعت) کان وڌيڪ بار نٿا وجهون ۽ جڏهن بہ گفتگو ڪريو تہ حق ۽ سچ جي ڳالهہ ڪريو ۽ الله سان ڪيل عهد کي پورو ڪريو. هي شيون آهن، جن جي توهان کي الله هدايت ڪئي آهي تہ جيئن اوهان ياد رکو. (152) اي پيغمبر حق خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم! هنن کي هي بہ چؤ تہ هي منهنجو سڌو سنئون رستو آهي، ان ڪري ان جي نقش قدم تي هلو ۽ هن کي ڇڏي ٻين رستن جي پنيان نہ لڳو، ورنہ اهي توهان کي الله جي رستي تان هٽائي ڇڏيندا. هي اهي اهم ارشادات آهن، جن جي الله اوهان کي تاڪيد ڪئي آهي تہ انهن تي عمل ڪري متقي ٿي وڃو. (153) پوءِ اسان موسیٰ عليه السلام کي ڪتاب عطا ڪيو تہ جيئن نيڪ ماڻهن تي الله جي نعمت پوري ٿئي ۽ هر شيءِ جي تفصيل بيان ڪئي وڃي ۽ اهو ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رحمت بڻجي تہ جيئن هو الله سان ملاقات واري حقيقت کي تسليم ڪن.(154)

توهان پنهنجن خواهشن ۽ ابن ڏاڏن جي روايتن کي قائم رکڻ لاءِ ڪڏهن ڳئون

ڪڏهن ٻڪري ڪڏهن اٺ وغيره يا انهن جي مادي جانورن جي پيٽ ۾ موجود ٻچن جي حلال حرام بابت اسان سان الجهي رهيا آهيو ته ڪڏهن پنهنجن غلط عقيدن جي حق ۾ بحث مباحثا ڪري رهيا آهيو. هاڻي هت انهن براين جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جيڪي انساني شقاوت ۽ بدبختيءَ جون بنيادي برايون آهن ۽ انهن نيڪين جي دعوت ڏني ٿي وڃي، جيڪي راست بازي ۽ سڌي راهه روي جون سچائيون آهن. جن براين جي نه ڪرڻ بابت ۽ جن چڱائين جي ڪرڻ بابت احڪام جاري ڪيا ٿا وڃن، انهن تي عمل ڪرڻ لازم آهي. ياد رهي ته ڪجهه شيون الله عزوجل پنهنجن نبين ۽ ڪتابن جي ذريعي حرام ڪيون آهن، اهي خدا جي رحمت سبب حرام آهن، پر ڪجهه شيون ڪافرن جي بداعماليءَ ڪري حلال شيون به عارضي طور هنن لاءِ حرام ڪيون ويون آهن. اهو حڪم هن جي شقاوت، بدبختيءَ جو عذاب آهي. اچو ته مان توهان ڪي ٻڌايان ته اوهان جي پروردگار توهان تي ڪهڙين شين ڪي واجب قرار ڏنو آهي. خدا سان ڪنهن ڪي شريڪ نه ڪريو، خدا جي ذات صفات ۽ هن جي پاران وحي ٿيل ضابط حيات ۾ ٻئي ڪنهن ڪي هن جي برابر نه سمجهو. خدا عزوجل جي ذات پاڪ جي الوهيت ۾ ڪنهن ڪي شريڪ ڪرڻ، ڪنهن ڪي خدا جي برابر سمجهڻ يا خدا جو متبادل سمجهڻ جيئن يهود حضرت عزير عليه السلام ڪي ۽ نصارىٰ حضرت مسيح عليه السلام ڪي الله جو فرزند يا ٽن خدائن مان هڪ خدا، يا فرشتا الله جون ڌيئرون آهن، يا خودساخته معبود خدا جي خدائيءَ ۾ هٿ ونڊائي رهيا آهن. هن جي مدد ڪري رهيا آهن ۽ هن جا برابر جا شريڪ ڪار آهن، انهن ڪي خدا مڃڻ، سجدا ڪرڻ، الوهيت يعني سندس ذات ۾ شرڪت آهي. صفات ۾ شرڪ جو مطلب آهي الله جي علم غيب يا ڪنهن صفت ۾ ڪنهن ڪي شريڪ ڪرڻ. اختيارات ۾ شرڪ اهو آهي ته خدا جي حڪمن برابر ٻين جا حڪم به درست سمجهڻ ۽ حقوق ۾ شرڪ اهو آهي ته الله تعالىٰ جا جيڪي پنهنجن ٻانهن تي حق آهن، اهڙا حق غيرالله جا مڃڻ، اهو به شرڪ آهي. الله ذوالجلال جي ذات، صفات، اختيارات ۽ حقن ۾ ڪنهن ڪي شريڪ ڪرڻ شرڪ آهي. (بني اسرائيل: 24/17) الله تعالىٰ جي اطاعت بعد والدين سان حسن سلوڪ سان پيش اچو. پيرسني ۾ هنن جي حمايت ۽ خدمت ڪيو. (البقره: 83/2، النساء: 36/4) پنهنجي اولاد ڪي تنگدستي سبب سنڀالي نه سگهڻ جي انديشي ڪان قتل نه ڪريو. (بني اسرائيل: 17/315-

180- 177) ۽ نہ وري پنهنجين نياڻين کي زنده دفن ڪريو. (النحل: 16/58-59، التکوير: 81/8-9) توهان کي ۽ هنن کي رزق اسان ڏيون ٿا. ”وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِى الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا“ (هود: 11/6، العنڪبوت: 29/60) ڪو اهڙو چرند پرند ناهي، جنهن کي الله طرفان رزق روزي نہ ملندو هجي. فواحش يعني بيحيائيءَ جي قريب بہ نہ وڃو. ڀلي اها ظاهر ظهور بيحيائي هجي، يا پوشيده هجي. (الاعراف: 7/33-32) ڪنهن بہ جان کي جنهن کي خدا واجب الاحترام قرار ڏنو آهي، ان کي ناحق قتل نہ ڪريو. ناحق قتل نهايت سنگين جرم آهي. (بني اسرائيل: 17/33) هي نهايت اهميت وارا امور آهن، خدا اوهان کي حڪم ڏئي ٿو تہ عقل ۽ شعور کان ڪم وٺندي انهن جي ادائگيءَ جا پابند ٿيو. يتيمن جي مال سان هٿ چراند نہ ڪريو. پر هنن جي فائدي ۾ مال جي نگهداشت ڪرڻ جي اجازت آهي. جيستائين هو جوانيءَ جي عمر کي نٿا پهچن.(النساء: 4/6-5، بني اسرائيل: 17/34) ماپ تور انصاف سان پوري رکو. (بني اسرائيل: 17/35، المطفّفين: 83/1-3) هي احڪام توهان تي خوامخواه پابنديون مڙهڻ لاءِ ناهن، پر اوهان ۾ وسعتون پيدا ڪرڻ يا اوهان جي برداشت مطابق اوهان تي ذميداريون عائد ڪرڻ لاءِ آهن. (البقره: 2/286، الاعراف: 7/42، المؤمنون: 23/62) عدل ۽ انصاف تي مبني گفتگو ڪريو، خواه ان جو نقصان اوهان جي قريبي رشتيدار کي رسي ۽ الله سان ڪيل واعدا پورا نڀايو. (التوبه: 9/111) هي اهي اهم احڪامات آهن، جن جي پابنديءَ سان ادائگي ڪريو ۽ انهن کي ياد رکو. هنن کي ٻڌايو تہ دراصل هي آهي مون الله جو سڌو رستو جنهن تي هلو ۽ هن رستي کي ڇڏي ٻين رستن کي اختيار نہ ڪيو. اهي توهان کي خدا جي رستي کان جدا (پري) ڪري ڇڏيندا. ”فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا الضَّلٰلُ“ (يونس: 10/32) اوهان کي هن جو حڪم ان ڪري ڏنو آهي تہ توهان تقوىٰ سان مالا مال ٿيو، يعني زندگيءَ جي تمام خطرن کان محفوظ رهي امن ۽ سلامتي سان منزل مقصود تي پهچي وڃو. ياد رکو تہ سچائي ۽ حقيقت جو سڌو رستو اهوئي آهي. هڪ کان زياده رستا سچائيءَ جا ٿي نٿا سگهن، ان ڪري هڪ راهہ تي ئي هلو، جيڪا راهہ صراط مستقيم واري راهہ آهي. گهڻن رستن تي هلي گمراهہ نہ ٿي وڃو.

واٽون ويهہ ٿيون، ڪهہ جاڻان ڪيهي ويا (شاهہ ﷫)

* * *

ايڪ قصر، در لک ڪوڙئين ڪڻ ڳڙڪيون
جيڏانهن ڪريان پرڪ، تيڏانهن سڄڻ سامهون (شاهہ رحمة الله عليه)

* * *

"اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا" (الشورىٰ: 13/42) هڪ دين ڪي قائم رکو، ان ۾ تفرقا پيدا نہ ڪيو. هنن ڪي چؤ تہ جهڙي طرح هينئر اوهان جي هدايت ۽ رهبري جي لاءِ الله پاران قرآن نازل ڪيو ويو آهي، هن کان اڳ اسان موسىٰ عليه السلام کي بہ ڪتاب ڏنو هيو تہ جيئن احسن ۽ بهترين زندگيءَ گذارڻ لاءِ هن جي ذريعي سندس قوم تي نعمتن جي تڪميل ڪئي وڃي، جنهن ۾ تمام ضروري احڪامات الڳ الڳ ڪري صاف صاف نموني سان هر شيءِ جي وضاحت لاءِ کولي بيان ڪيا هئا. هنن حڪمن ۾ انسانن جي رهنمائي ۽ سندن ذات جي تعمير ۽ ترقي لاءِ پورو مواد موجود هو تہ جيئن هو خدا جي قانون ۽ يوم آخرت ۽ ان سان ملاقات کي تسليم ڪن.

وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَاتَّقُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿١٥٥﴾ اَنْ تَقُوْلُوْٓا
اِنَّمَآ اُنْزِلَ الْكِتٰبُ عَلٰى طَآئِفَتَيْنِ مِنْ قَبْلِنَا ۖ وَاِنْ كُنَّا عَنْ دِرَاسَتِهِمْ
لَغٰفِلِيْنَ ﴿١٥٦﴾ اَوْ تَقُوْلُوْا لَوْ اَنَّآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْكِتٰبُ لَكُنَّآ اَهْدٰى مِنْهُمْ ۚ فَقَدْ
جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِ
اللّٰهِ وَصَدَفَ عَنْهَا ۗ سَنَجْزِى الَّذِيْنَ يَصْدِفُوْنَ عَنْ اٰيٰتِنَا سُوْٓءَ الْعَذَابِ
بِمَا كَانُوْا يَصْدِفُوْنَ ﴿١٥٧﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ رَبُّكَ اَوْ
يَاْتِيَ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ ۗ يَوْمَ يَاْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ
تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا ۗ قُلِ انْتَظِرُوْٓا اِنَّا
مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٥٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا لَّسْتَ مِنْهُمْ فِيْ

شَيْءٍ ؕ اِنَّمَآ اَمْرُهُمْ اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿۱۵۹﴾ مَنْ جَآءَ
بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزٰۤى اِلَّا مِثْلَهَا
وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۱۶۰﴾

اهڙيءَ طرح هي برڪتن وارو ڪتاب آهي، جيڪو اسان نازل ڪيو آهي، لهٰذا ان جي پيروي ڪريو ۽ تقويٰ اختيار ڪريو ته اوهان تي رحمت ٿئي.(155) هي ڪتاب (قرآن) ان ڪري نازل ڪيو ويو آهي ته اوهان ائين نه چئو ته آسماني ڪتاب ته اسان کان اڳ ٻن ٽولن (يهود ۽ نصاريٰ) تي نازل ڪيو ويو هو. اسان ته ان ڪتاب جي پڙهڻ پڙهائڻ کان غافل آهيون. (156) يا توهان اها دعويٰ ڪريو ته جيڪڏهن اسان تي ڪتاب نازل ٿئي ها ته اسان هنن (يهودين ۽ عيسائين) کان يقيناً زياده هدايت تي هجون ها ته ڏسو توهان جي پروردگار پاران توهان وٽ هڪ روشن دليل، هدايت ۽ رحمت وارو ڪتاب اچي ويو آهي. پلا ان کان وڌيڪ ظالم ڪير هوندو جيڪو الله جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي ۽ ان کان منهن موڙي. جيڪي اسان جي آيتن کان منهن موڙيندا آهن، اسان انهن کي تمام گهڻو عذاب ڏيندا سون، ڇو ته هو منهن موڙيندا رهن ٿا. (157) هاڻي هو ايمان آڻڻ لاءِ ڪهڙي شيءِ جو انتظار ڪري رهيا آهن، ڇا هنن وٽ فرشتا اچن يا توهان جو پروردگار پاڻ اچي يا توهان جي پروردگار جون ڪجهه نشانيون اچي وڃن، حالانڪ جنهن ڏينهن تنهنجي پروردگار جي ڪا نشاني اچي وئي، ان ڏينهن ڪنهن به اهڙي شخص جو ايمان ان کي ڪو فائدو نه ڏيندو جو هن (نشاني) کان اڳ ايمان نه آندو هوندو. يا پنهنجي ايمان هوندي چڱي ڪمن جي ڪمائي نه ڪئي هوندي. ان ڪري هنن کي چئو ته اوهان به نتيجن جو انتظار ڪريو، اسان به ڪريون ٿا. (158) يقين ڪريو ته جن ماڻهن به پنهنجي دين ۾ تفرقو پيدا ڪيو

۽ ٽولن ٽولن ۾ ونڊجي ويا، انهن سان تنهنجو ڪو تعلق ناهي. هنن جو معاملو الله حوالي آهي، پوءِ اهو کين ٻڌائيندو ته توهان ڇا ڪجهه ڪندا رهيا آهيو.(159) جيڪو ماڻهو به نيڪي ڪري ايندو ته ان لاءِ اهڙين ڏهه نيڪين جو ثواب آهي، پر جيڪڏهن ڪو برائي ڪري ايندو ته ان کي رڳو ان برائي جي سزا ملندي ۽ انهن تي ڪو به ظلم زيادتي نه ٿيندو. (160)

هتي مخالفن کي چيو ٿو وڃي ته جيڪڏهن اوهان آسماني ڪتاب (توريت) مان ڪا نصيحت يا ڪو فائدو وٺي نه سگهيا آهيو ته اجان وقت ويو ناهي. هاڻي الله طرفان اوهان کي قرآن ڪريم ڏنو ويو آهي. هي معمولي ڪتاب ناهي، پر هي ڪتاب نهايت برڪتن ڀريو نازل ڪيو ويو آهي. هن جو اتباع ڪريو ۽ ان مطابق پنهنجي زندگي عزيز گذاريو تقويٰ اختيار ڪريو. يعني پاڻ کي تخريبي رستن کان بچايو ته جيئن اوهان جون خداداد صلاحيتون هر ڪمي ڪوتاهي کان محفوظ ٿي نکري نروار ٿين. هي ڪتاب (قرآن) ان ڪري به نازل ڪيو ويو آهي ته اوهان اها شڪايت نه ڪريو ته اسان کان ايمان جو تقاضا ڪرڻ مناسب ناهي ڇو ته هن کان اڳ جيڪو ڪتاب (تورات) نازل ڪيو ويو، اهو يهود ۽ نصاريٰ لاءِ هيو، جنهن جي پڙهڻ پڙهائڻ کان اسان عاري آهيون. پوءِ ان ڪتاب جي دليل تي اسان کي ڪهڙي طرح مجرم ٺاهيو ويندو، جيڪو نه اسان لاءِ آهي ۽ نه اسان ان کان واقف آهيون. اهو ساڳيو مضمون المائده: 19/5 ۾ انهيءَ انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. "اَنۡ تَقُوۡلُوۡا مَا جَآءَنَا مِنۡۢ بَشِيۡرٍ وَّلَا نَذِيۡرٍ" ۽ چؤ ته اسان ڏانهن خوشخبري ڏيندڙ خبردار ڪندڙ نه موڪليو ويو آهي. ان جو جواب آيو ته "فَقَدۡ جَآءَكُمۡ بَشِيۡرٌ وَّنَذِيۡرٌ" اجهو اوهان وٽ بشير ۽ نذير اچي ويو آهي. يا وري اها دعويٰ ڪريو ته جيڪڏهن اسان ڏانهن ڪو آسماني صحيفو موڪليو وڃي ها ته اسان انهن يهودين ۽ عيسائين کان وڌيڪ هدايت يافته ٿي ڏيکاريون ها. هاڻي جڏهن اسان ڏانهن ڪو به آسماني ڪتاب نه آيو آهي ته ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان مطابق زندگيءَ بسر ڪرڻ جو اسان کان سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اوهان جي هن اعتراض جي جواب ۾ ارشاد رباني آهي ته هاڻي اوهان ڏانهن اهڙو ڪتاب آيو آهي، جنهن جا دليل روز روشن جهڙا آهن. زندگيءَ جي سڌي رستي تي رهنمائي ڪرڻ وارو آهي ۽ رحمت يعني

انساني ضرورتن جو سارو سامان رکڻ وارو آهي. خدا پاران اهڙي عظيم نعمت جي اچڻ کان پوءِ جيڪو ماڻهو هن ڪتاب جي آيتن کي ڪوڙو سمجهندو ۽ ان کان منهن موڙيندو تہ پلا اهڙي بدبخت شخص کان ڪو ماڻهو وڌيڪ ظالم ٿي سگهي ٿو. پوءِ اهڙن ظالمن کي يقين ڪرڻ گهرجي تہ جيڪي بہ نادان انهن آيتن کان منهن موڙيندو تہ ان لاءِ سخت عذاب آهي ڇو تہ هو حق اچڻ بعد بہ ان کان منهن موڙڻ وارا آهن. ياد رهي تہ سورة البيّنہ 98/2-3 ۾ "بَيِّنَة" جي وضاحت ۾ "رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتْلُوْا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ۝ فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ۝" آيو آهي. هنن وضاحتن ۽ هدايتن جي باوجود بہ هي ماڻهو ٽس کان مس نٿا ٿين ۽ هن حقيقت کي مڃڻ لاءِ تيار ناهن ۽ خوامخواهہ جا اعتراض ۽ سوال اٿاري رهيا آهن. شايد ان لاءِ تہ هي انتظار ڪري رهيا آهن تہ هنن ڏانهن فرشتو لهي اچي يا الله پاڻ اچي ڪين يقين ۽ تسلي ڏياري يا وري ڪا نشاني (معجزو) ظاهر ٿئي جنهن کي هو پنهنجن اکين سان ڏسن تہ پوءِ هو ايمان آڻيندا، هنن عقل جي انڌن کي معلوم هئڻ گهرجي تہ جڏهن اهڙيون محسوس نشانيون ۽ معجزا ظاهر ٿين ۽ هي انهن معجزن جي رونما ٿيڻ کان اڳ ايمان نٿا آڻين، يا جنهن ماڻهوءَ ايمان تہ آندو پر عمل صالح نہ ڪيا تہ انهن لاءِ ان وقت ايمان نفع بخش نہ ٿيندو. حضور ﷺ جن فرمايو تہ "لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ آمَنَتْ مِنْ قَبْلُ" (صحيح بخاري) يعني ان وقت ايمان آڻڻ نفعو نہ ڏيندو، جيڪڏهن هن اڳ ايمان نہ آندو آهي. ان بعد پاڻ سڳورن هيءَ آيت مبارڪ تلاوت ڪئي: "لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ" جيڪڏهن هن کان اڳ توبه نہ ڪئي آهي تہ پوءِ مرڻ وقت ايمان آڻڻ ڪو فائدو ڪونہ ڏيندو. "اِنَّ اللّٰهَ يَقْبَلُ تَوْبَةَ الْعَبْدِ مَالَمْ يُغَرْغِرْ" حالت نزع ٿيڻ کان اڳ الله ٻانهي جي توبه قبول ڪندو آهي، پر موت اچڻ وقت توبه قبول ناهي.

دين هڪ رستي تي هلڻ جو نالو آهي. هن کان اڳ موڪليل سمورا انبياءِ ڪرام ان دين تي هيا ۽ سمورن ڏانهن اها وحي ٿي هئي تہ مون کان سواءِ ڪو معبود ناهي، پوءِ توهان منهنجي عبادت ڪريو. (الانبياء: 25/21) حضرت نوح عليه السلام بہ ائين چيو تہ "وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ" (النمل: 91/27) حضرت ابراهيم عليه السلام کي جڏهن الله جل شانه چيو تہ "اَسْلِمْ ۙ قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" (البقره: 2/131-132) فرمانبردار ٿي وڃ، چيائين تہ مان جهانن جي پالڻهار جو فرمانبردار ٿيو آهيان. حضرت ابراهيم ۽ حضرت يعقوب عليهما السلام

پنهنجي اولاد کي وصيت ڪئي تہ ”فَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ“ (البقره: 132/2) حضرت يوسف عليه السلام چيو تہ ”تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا“ (يوسف: 101/12) حضرت موسىٰ عليه السلام چيو تہ ”فَعَلَيْهِ تَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّسْلِمِيْنَ“ (يونس: 84/10) پوءِ ان تي ئي توهان ڀروسو رکو، جيڪڏهن مسلمان آهيو. حضرت عيسىٰ عليه السلام جي حوارين چيو ”وَاشْهَدْ بِاَنَّنَا مُسْلِمُوْنَ“ (المائده: 111/5) تون شاهد رهجانءِ تہ اسان مسلمان آهيون. اهڙيءَ طرح تمام انبياءِ ڪرام جو اهو هڪ پيغام هڪ دين هيو، جيڪو صراط مستقيم جي نالي سان موسوم آهي. جيڪي ماڻهو ان جي وحدت انساني واري پيغام کي ڇڏي، تفرقا پيدا ڪري الڳ الڳ ٽولن ۾ ورهائجي وڃن ٿا تہ اهڙن نافرمان ماڻهن بابت تنهنجي ڪا بہ ذميداري نہ هوندي. هنن ماڻهن جو معاملو الله جي طرف منسوب ڪري ڇڏيو. اهو ئي ٻڌائيندو تہ هنن جي انهي روش جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو. هنن کي چئو تہ جيڪو ماڻهو بہ هڪ نيڪي ڪري تہ الله ان کي ان هڪ نيڪي جي ڪري ڏهہ نيڪين جي برابر انعام ڏيندو. پر جيڪڏهن ڪو شخص هڪ برائي ڪندو تہ ان کي هڪ برائيءَ جي برابر سزا ملندي. انهن سان ڪو ظلم يا ڪا زيادتي ڪا نہ ڪئي ويندي. يعني الله تعالىٰ جي رحمت نيڪي لاءِ تہ ڏهہ دفعا وڌيڪ ملندي، پر برائيءَ جو عذاب رڳو هڪ برائي وارو هوندو. ان ڪري ”وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا“ (المزمل: 8/73) پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽ پاڻ کي ٻين کان الڳ ڪري، رڳو ٻڪجا ٿي وڃو. ”فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ“ (البقره:152/2) توهان مون کي ياد رکو تہ مان بہ اوهان کي ياد رکان. هميشه نوازشن جو شڪر ادا ڪريو. ڪفران نعمت نہ ڪريو. ”سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَى“ (الاعلىٰ: 2/87) پنهنجي رب جي پاڪ نالي جي تسبيح جاري رک. ”سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ“ (الحديد: 1/57) زمين ۽ آسمانن ۾ جو ڪجهہ آهي، اهو ان الله جي تسبيح بيان ڪري ٿو.

قُلْ اِنَّنِيْ هَدٰىنِيْ رَبِّيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۚ دِيْنًا قِيَمًا مِّلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ۚ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٦١﴾ قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٢﴾ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٦٣﴾

قُلۡ اَغَیۡرَ اللّٰہِ اَبۡغِیۡ رَبًّا وَّ ہُوَ رَبُّ کُلِّ شَیۡءٍ ؕ وَلَا تَکۡسِبُ کُلُّ نَفۡسٍ اِلَّا
عَلَیۡہَا ۚ وَلَا تَزِرُ وَازِرَۃٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰی ۚ ثُمَّ اِلٰی رَبِّکُمۡ مَّرۡجِعُکُمۡ فَیُنَبِّئُکُمۡ بِمَا
کُنۡتُمۡ فِیۡہِ تَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿۱۶۴﴾ وَہُوَ الَّذِیۡ جَعَلَکُمۡ خَلٰٓئِفَ الۡاَرۡضِ وَرَفَعَ بَعۡضَکُمۡ
فَوۡقَ بَعۡضٍ دَرَجٰتٍ لِّیَبۡلُوَکُمۡ فِیۡ مَاۤ اٰتٰىکُمۡ ؕ اِنَّ رَبَّکَ سَرِیۡعُ الۡعِقَابِ ۫ۖ
وَاِنَّہٗ لَغَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ﴿۱۶۵﴾ ع

النصف ۲۰ ۱۱

اي پيغمبر خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم ! تون هنن کي چئو تہ منهنجي پالڻهار مون کي هڪ سڌي رستي تي هلڻ لاءِ رهنمائي ڪئي آهي. جيڪو هڪ نهايت مضبوط ۽ توانا دين آهي ۽ هر ڪمزوريءَ کان صاف پاڪ آهي. يعني ملت ابراهيمي جيڪو دنيا کان ڪٽجي الله لاءِ يڪو ۽ هڪ رخ تي ويو ۽ هو مشرڪن مان نہ هو. (161) هنن کي چئو تہ بيشڪ منهنجي نماز، منهنجي قرباني منهنجو جيئڻ مرڻ سڀ ڪجهہ الله لاءِ آهي، جيڪو ڪائنات جو پالڻهار آهي. (162) هن جو ڪو بہ شريڪ ناهي، مون کي اهڙو حڪم مليو آهي ۽ مان ان جي آڏو سڀ کان اول سر جهڪائڻ وارو آهيان. (163) هن کي چئو تہ ڇا مان الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پروردگار بنايان حالانڪ هو هر شيءِ جو پالڻهار آهي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو چڱا عمل ڪري ٿو تہ ان جو نفعو نقصان ڪنهن ٻئي کي نہ پر هن کي ملي ٿو ۽ ڪو بار کڻڻ وارو ڪنهن ٻئي جو بار نہ کڻندو. آخرڪار اوهان سيني کي پنهنجي پروردگار آڏو پيش ٿيڻو آهي، ان وقت هو توهان کي توهان جو پورو اعمال نامو ٻڌائي ڇڏيندو، جنهن ۾ اوهان اختلاف ڪندا رهيا. (164) هي اهوئي آهي، جنهن اوهان کي زمين تي خليفو مقرر ڪيو آهي ۽ بعض ماڻهن جا بعض کان وڌيڪ درجات ۽ مرتبا ڪيا تہ جيئن هن توکي جيڪي نعمتون ڏنيون، انهن ۾ توهان کي آزمائي. هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ هو عذاب ڏيڻ ۾ جلد سزا ڏيڻ وارو آهي ۽ ان ۾ بہ ڪو شڪ

ناهي تہ هو سزا ڏيڻ ۾ تيز آهي ۽ بيشڪ هو غفور رحيم جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي آهي تہ اها بخش ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحمت جو مالڪ آهي. (165)

اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ! تون هنن مخالفن کي چؤ تہ منهنجي پروردگار منهنجي رهنمائي زندگيءَ جي سڌي ۽ متوازن راهہ طرف ڪئي آهي. هي اهو رستو آهي، جيڪو حق جي متلاشي کي منزل مقصود تي پهچائي ٿو. (النحل: 9/16) هن رستي ۾ ڪو ور وڪڙ يا هيٺ مٿانهين ناهي. ”لَّا تَرَىٰ فِيهَا عِوَجًا وَلَآ أَمْتًا“ (طٰه: 107/20) تون ان (رستي ۾) نہ ور وڪڙ نہ هيٺ مٿي لاهي چاڙهي ڏسندين. هي رستو خدا جو اهو دين آهي، جيڪو پنهنجي بل بوتي مضبوطيءَ سان قائم آهي ۽ پوري انسانيت جي قيام ۽ استحڪام جو باعث آهي. هي اهو رستو آهي، جنهن تي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ پوري يڪسوئي ۽ توجهہ سان ان تي هلي دنيا لاءِ رهبريءَ جي راهہ ڏيکاري. ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ هڪ الله وحده لا شريڪ لہ جو اطاعت گذار رهيو ۽ ڪڏهن بہ الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. هو پڪو موحد هيو ۽ مشرڪن مان نہ هيو. هت ٻڌايو ويو آهي تہ هي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ وارو اهو دين آهي، جيڪو سراپا توحيد جو قائل آهي ۽ اهو طريقو ناهي، جيڪو اوهان هن ڏانهن منسوب ڪيو آهي. اگر اوهان بہ دين ابراهيمي کي قبول ڪيو ٿا تہ پوءِ پنهنجو مشرڪانہ طريقو ڇڏي، دين ابراهيمي عَلَيْهِ السَّلَامُ جو اهو طريقو اختيار ڪيو، جيڪو هنن آيتن ۾ آيو آهي. اهو ممڪن ناهي تہ مان ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ جو توحيد وارو رستو ڇڏي، سچي رب کان منهن موڙي، غيرالله جو عبادت گذار ٿيان، بلڪل ناممڪن آهي. هنن کي ٻڌاءِ تہ هن دين متين تي هلڻ سان ۽ يقين ۽ اخلاص سان اختيار ڪرڻ سان انسان جي زندگيءَ ۾ عجيب انقلاب ۽ نئون روح موجزن ٿئي ٿو. انسان جي زندگي گذارڻ جا طريقا توحيد جي رنگ ۾ اهڙي طرح رڱجي وڃن ٿا، جو هو وڏي واڪ چوي ٿو تہ منهنجي نماز، منهنجي قرباني، يا عبادت ۽ منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ ڪجهہ الله جي نظام جي قيام لاءِ آهي، جنهن جو ڪو بہ شريڪ ناهي. اهو الله جيڪو عالمين يعني پوري ڪائنات جو ابد کان ازل تائين عرش عظيم کان تحت الثریٰ جي هر شيءِ جو اهڙو پالڻهار آهي، جو انهن کي نقطہ عروج ۽ حد ڪمال تائين پهچائڻ سازگار ماحول حالات ۽ وسيلا مهيا ڪندڙ آهي. جنهن جو هن ڪائنات جي نظام کي بخوبي

هلائڻ لاءِ ڪو بہ شريڪ يا پائيوار نہ آهي. هو يڪتا هن عالم ڪون و مڪان ڪي وجود ۾ آڻي ان جي بلا غيري حڪمراني ڪري رهيو آهي. مان ڪنهن ٻئي جذبي خواهش يا مقصد کي ان سان شريڪ نٿو ڪريان. انهيءَ حقيقت جو نالو توحيد آهي. مون کي اسلام تي قائم رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ سڀ کان اول مان انهيءَ حڪم جي آڏو سر تسليم خم آهيان ۽ رهندس، يعني مسلمان ٿي رهندس. الله تعالىٰ جو فرمان آهي تہ هن کان اڳ جيترا بہ نبي سڳورا آيا آهن، انهن سمورن کي اها وحي ڪئي وئي هئي تہ مون (الله) کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي. (الانبياء: 25/21) سمورن انبياء ڪرام پاڻ کي مسلمان سڏايو آهي. هاڻي تون هنن کي چؤ تہ اهو ناممڪن آهي تہ مان اهڙي مهربان رب کي ڇڏي ڪنهن ٻئي کي پنهنجو رب ۽ حاجت روا سمجهان، جيڪو هر شيءِ جو پالڻهار ۽ نگهداشت ڪرڻ وارو آهي. هن پاران انسان کي ڏنل صلاحيتن ۽ استعداد جي باري ۾ هن جو قانون چوي ٿو تہ هر انسان پنهنجي عمل جو پاڻ ذميوار آهي، جنهن جي سٺي يا بري نتيجي جو مزو هو پاڻ چکيندو. ڪو بہ بار کڻڻ وارو ڪنهن ٻئي جو بار ڪونہ کڻندو. (البقره: 253/2، الانعام: 165/6، الرعد: 4/13، بني اسرائيل: 55/17، الزخرف: 32/43) آخرڪار توهان سڀني کي الله جي حضور پيش ٿيڻو آهي. ان وقت هو اوهان کي ٻڌائيندو تہ اوهان پاڻ ۾ ڪهڙا اختلاف رکندا هئا ۽ انهن جو نتيجو ڇا آهي. مذهبي پيشوائن جي سڀ کان وڏي گمراهي اها آهي تہ هنن دين جي وحدت واري نظام کي ڇڏي، ان ۾ تفرقو وجهي، پنهنجي پنهنجي مسلڪ کي دين جو درجو ڏنو آهي. "كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ" (المؤمنون: 53/23) هر گروهہ پنهنجي ٽولي تي نازان آهي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو انسانن جي نجات ۽ سعادت جو دارومدار ايمان ۽ عمل تي نہ رهيو، پر هرهڪ گروهہ پنهنجي خاص مسلڪ ۽ عقيدي کي دين سڏي، باقي ٽولن کي دين کان خارج ڪيو آهي. هو رڳو پنهنجي گروهہ ۽ ٽولي کي حق سمجهڻ لڳا. حالانڪہ دين ۾ فرقابندي زهر قاتل آهي. (آل عمران: 105/3) هن جون اهي گروه بنديون دين نہ آهن. دين اهو آهي، جنهن تي تون مضبوطيءَ سان قائم آهين. هن کان اڳ جي آيتن ۾ توريت ۽ انجيل جو ذڪر هيو، ان جي علم نہ هجڻ جو تہ اقرار نهي ٿو، پر قرآن جي اچڻ بعد ان جو انڪار ڪنهن بہ صورت ۾ الله کي قبول ناهي. شروع ۾ اصل دين بہ هڪ آهي ۽ قرآن ان دين جو محافظ ۽ نگران آهي. هر انسان کي سندس عمل ڪم ايندا. اهائي ملت

ابراهيمي آهي. هن سورت جي خاتمي تي ان طرف بہ اشارو آهي تہ جهڙيءَ طرح هن کان اڳ مختلف قومون مختلف فرقن جي جاءِ نشيني ڪندي رهيون آهن ۽ هاڻي ملت اسلام يعني اُمّتِ محمد ﷺ جي جاءِ نشينيءَ جو وقت آهي.

هي اهو قادر مطلق ۽ اڪيلو حڪمران آهي، جنهن اوهان کي پنهنجي قانون مشيت سان گذريل قومن جو جانشين بڻايو آهي. ان جي انهيءَ قانون مطابق هنن کي بعض تي رتبا ۽ مقام جي برتري بخشي آهي تہ جيئن معلوم ٿي سگهي تہ ڪنهن قوم هن جي نعمتن کي اصل مقصد ۾ استعمال ڪيو آهي. (البقره: 253/2، يونس: 14/10، الرعد: 4/13، بني اسرائيل: 55/17، الزخرف: 32/43) خدا جو قانون افراد جا انفرادي توڙي قومن جي اجتماعي عملن جا نتيجا مرتب ڪندو آهي ۽ انهن کي پنهنجي نعمتن جي ادائگيءَ بابت آزمائيندو رهندو آهي. "ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ" (التڪاثر: 102/8) ۽ توهان کان الله جي نعمتن بابت پڇاڻو ٿيندو. جيڪي ماڻهو پنهنجن خداداد صلاحيتن جو صحيح استعمال ڪن ٿا تہ ان جا ڇوٽا موٽا گناهہ معاف ڪري انهن کي نقصان ڏيندڙ نتيجن کان محفوظ ڪيو ويندو آهي ۽ انهن جي زندگي جي راهہ ۾ رڪاوٽون نٿيون اچن. پر جيڪي پنهنجي خداداد صلاحيت جو غلط استعمال ڪن ٿا، اهي جلد خدا جي گرفت ۾ اچي وڃن ٿا. بيشڪ الله پنهنجي خوبترين صفتن سان غفور ۽ رحيم يعني بخشش ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آهي.

الحمد لله والشڪر له اڄ اربع ڏينهن 8 جون 2022ع تي سورة الانعام جو تفسير ان جي توفيق ۽ خاص اعانت سان پڄاڻيءَ تي پهتو. الله منهنجي هن مخلصانہ محنت کي پنهنجي فضل و ڪرم سان پاڻ وٽ قبوليت عنايت ڪرڻ فرمائي ۽ منهنجي هن عاجزانہ نماڻي ڪوشس ۽ ڪاوش کي عوام جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ مددگار ۽ معاون ثابت ڪري.

وَمَا تَوْفِيْقِيْ اِلَّا بِاللهِ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى مُرْشِدِيْ وَ مَهْدِيِّيْ سَيِّدِ الْاَنْبِيَآءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ اَنِيْسِ الْغَرِيْبِيْنَ
رَحْمَةٍ لِّلْعَالَمِيْنَ مُرَادِ الْمُشْتَاقِيْنَ مُحَمَّدِنِ الْمُصْطَفٰى وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَ ذُرِّيَّتِهٖ وَاُمَّتِهٖ اَجْمَعِيْنَ آمِيْنَ
بَارَكَ اللهُ لِيْ وَلَكُمْ فِي الْقُرْآنِ الْعَظِيْمِ وَنَفَعَنِيْ وَاِيَّاكُمْ بِالْآيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ

غلام حسين مشتاق سڄاروي

گلاسڪو، اسڪاٽليند - برطانيہ

# سُورةُ الاَعَراف

سورة الاعراف مڪي سورت آهي، جنهن ۾ 24 رڪوع ۽ 206 آيتون آهن. قرآن ڪريم جي ترتيب ۾ ستون نمبر، پر نزول جي اعتبار سان 87 چيو ٿو وڃي. هن کان اڳ 86 سورتون مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي چڪيون آهن ۽ هن کان پوءِ 27 سورتون نازل ٿيون آهن. هيءَ سورت به ان زماني ۾ نازل ٿي، جنهن ۾ سورة الانعام نازل ٿي هئي، اها هجرت کان ٿورو اڳ مڪي دور جي آخري ڏينهن ۾ نازل ٿي آهي. هن سورة جو نالو "الاعراف" ان ڪري آهي، جو رڪوع 5 آيت 46 ۾ لفظ "اعراف" آيو آهي. "اعراف" جنت ۽ جهنم جي وچ ۾ بلند ديوار کي چيو ويو آهي. جهنم ۾ اهي شخص ويندا، جن جي براين جو وزن ڳرو هوندو. جنت ۾ اهي ماڻهو ويندا، جن جي نيڪين جو وزن ڳرو هوندو. اعراف تي اهي ماڻهو هوندا، جن جي نيڪين ۽ براين جو عمل برابر هوندو. اصحاب اعراف جنت وارن ۽ جهنم وارن کي ڏسي رهيا هوندا. هيءَ سورة به سورة الانعام جو جوڙ آهي. سورة الانعام ۾ زياده تر توحيد جو پيغام هيو ۽ هن سورة ۾ زياده تر بيان رسالت جو آهي. يعني هن جو مرڪزي مضمون رسالت ۽ آخرت آهي. مڪي مڪرمه ۾ حضور ﷺ کي تبليغ ڪندي چڱو عرصو گذري چڪو هيو ۽ ڪافر حضور ﷺ جي مخالفت ۽ عداوت ۾ زور وٺي ويا هيا، جنهن جي توڙ لاءِ حضور ﷺ کي تسلي ڏني ٿي وڃي ته توکي گهبرائڻ نه گهرجي، ڪاميابي توکي ملندي، جهڙيءَ طرح حضرت نوح، حضرت هود، حضرت شعيب، حضرت موسیٰ عليهم السلام ۽ سندن قومن جا بيان ڪيا ويا آهن. اتي به نبين سڳورن کي ڪاميابي ۽ ڪافرن کي شڪست ۽ عذاب مليو آهي.

حضور عليه الصلواة والسلام کي ۽ سندس اصحاب سڳورن کي آخر ۾ تبليغ

جي حڪمت ۽ ڪجهہ ضروري نصيحتون بہ ڪيون ويون آهن. هن سورة جي ابتدا حروف مقطعات ”الٓمّٓصٓ“ سان ٿي آهي، جنهن جو مفهوم ترجمي ۽ شرح ۾ ڏنو ويو آهي. حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ فرعون جو بيان ڪجهہ تفصيل سان آهي. حضرت موسىٰ عليه السلام کي ان وقت ۾ چئلينج هيا، فرعون ۽ ان جا سردار جن وٽ مال و دولت جا بيشمار خزانا، سلطنت ۽ حڪومت جو نشو بہ هيو تہ فرعون الوهيت جي دعوىٰ بہ ڪئي، جنهن جو مقابلو ڪرڻ ڪو آسان معرڪو نہ هيو، پر ان جي باوجود هن پنهنجي بني اسرائيل قوم کي غلاميءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪرائي، راهہ راست تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. بني اسرائيل بہ غلاميءَ جي دوران بت پرستيءَ جا منظر ڏسندي آئي هئي، سو اهي ڪڏهن بتن، ڪڏهن ڳابي جي پوڄا لاءِ تيار هئا، پر الله تعالىٰ حضرت موسىٰ عليه السلام هٿان فرعون ، قارون ۽ هامان ۽ پوري لشڪر کي شڪست ڏئي، غرقِ آب ڪيو ۽ بني اسرائيل کي بہ آزادي ملي وئي.

●●●

آيتون ٢٠٦ — سورة الاعراف (مكي سورت) — رڪوع ٢٤

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓمّٓصٓ ۚ ﴿١﴾ كِتٰبٌ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ فَلَا يَكُنۡ فِىۡ صَدۡرِكَ حَرَجٌ مِّنۡهُ لِتُنۡذِرَ بِهٖ وَذِكۡرٰى
لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٢﴾ اِتَّبِعُوۡا مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكُمۡ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَلَا تَتَّبِعُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ ؕ
قَلِيۡلًا مَّا تَذَكَّرُوۡنَ ﴿٣﴾ وَكَمۡ مِّنۡ قَرۡيَةٍ اَهۡلَكۡنٰهَا فَجَآءَهَا بَاۡسُنَا بَيَاتًا اَوۡ هُمۡ
قَآئِلُوۡنَ ﴿٤﴾ فَمَا كَانَ دَعۡوٰٮهُمۡ اِذۡ جَآءَهُمۡ بَاۡسُنَاۤ اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوۡۤا اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيۡنَ ﴿٥﴾
فَلَنَسۡـَٔلَنَّ الَّذِيۡنَ اُرۡسِلَ اِلَيۡهِمۡ وَلَنَسۡـَٔلَنَّ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۙ ﴿٦﴾ فَلَنَقُصَّنَّ عَلَيۡهِمۡ بِعِلۡمٍ
وَّمَا كُنَّا غَآئِبِيۡنَ ﴿٧﴾ وَالۡوَزۡنُ يَوۡمَئِذِ ۨالۡحَقُّ ۚ فَمَنۡ ثَقُلَتۡ مَوَازِيۡنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ
الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿٨﴾ وَمَنۡ خَفَّتۡ مَوَازِيۡنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ بِمَا كَانُوۡا
بِاٰيٰتِنَا يَظۡلِمُوۡنَ ﴿٩﴾ وَلَقَدۡ مَكَّنّٰكُمۡ فِى الۡاَرۡضِ وَجَعَلۡنَا لَكُمۡ فِيۡهَا مَعَايِشَ ؕ
قَلِيۡلًا مَّا تَشۡكُرُوۡنَ ﴿١٠﴾ ع ١/٨

الله جي (بابرڪت) نالي سان شروع جيڪو تمام گهڻو مهربان ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آهي.

ا-ل-م-ص يا الله عليم حڪيم ۽ بصير جو ارشاد گرامي آهي ته اي پيغمبر خاتم النبيين صلي الله تعالیٰ عليه وآله وسلم هي ڪتاب آهي جو تو ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي، جنهن بابت توکي ڪا پريشاني نه هئڻ گهرجي. هي انهيءَ لاءِ آهي ته تون ماڻهن کي هن جي

ذريعي هوشيار ڪرين ۽ مؤمنن ڪي ياد ڏهاني ٿئي.(2) تنهنجي پروردگار طرفان جو ڪجهہ تو تي نازل ڪيو ويو آهي، (اي انسانؤ!) ان جي پيروي ڪريو ۽ پنهنجي پروردگار ڪي ڇڏي ٻين (سرپرستي ڪندڙن) جي پنيان نہ هلو. افسوس جو اوهان ماڻهو هن مان گهٽ نصيحت حاصل ڪريو ٿا. (3) هن ڪان اڳ ڪيترين ئي آباديون آهن، اسان انهن ڪي هلاڪ ڪيو. هنن تي خدا جو عذاب راتو رات اچي ويو، يا جڏهن اهي منجهند جو آرام ۾ هئا تہ آيو.(4) پوءِ جڏهن هنن وٽ اسان جو عذاب آيو تہ هنن وٽ چوڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪو نہ هو، بس اقرار ڪري وينا تہ واقعي اسان ظالم هئاسون(5) سو هاڻي اسان انهن ماڻهن ڪان ضرور باز پرسش ڪنداسون جن ڏانهن پيغمبر موڪليا ويا هئا ۽ اسان انهن پيغمبرن ڪان بہ پڇنداسون تہ ڪين پيغام پهچائڻ ۾ هنن وٽان ڪهڙي موٽ ملي(6) پوءِ اسان هنن جي آڏو سندن سارا ڪارناما جيڪي اسان ڪي پوري طرح معلوم آهن، بيان ڪنداسون، ڇو تہ انهن واقعن جي سرزد هئڻ وقت (غير حاضر يا) ڪٿي غائب نہ هئاسون.(7) ۽ ان ڏينهن اعمال جو وزن معلوم ڪرڻ اٽل حقيقت هوندو، جن جي تارازيءَ جا پلڙا ڳرا هوندا، اهي فلاح (۽ ڪاميابي) ماڻيندا.(8) پر جن جي تارازيءَ جا پاٽ (پلڙا) هلڪا هوندا تہ پڪ ڄاڻو هي اهي ماڻهو هوندا، جن اسان جي آيتن جو (غلط استعمال جهڙو) ظلم ڪري پاڻ ڪي نقصان ڏنو هوندو.(9) اها هڪ حقيقت آهي تہ اسان توهان ڪي زمين تي اقتدار عطا ڪيو ۽ ان ۾ توهان لاءِ معاشي اسباب مهيا ڪيا پوءِ بہ اوهان هنن نعمتن ۽ نوازشن جو شڪر نٿا ڪريو.(10)

---

الٓمّٓصٓ حروف مقطعات مان آهن، جن جو ڪجهہ تفسيرن، خاص ڪري حضرت مخدوم نوح سرور ﷺ مفهوم بيان ڪيو آهي: "منم خدائ مي دانم وهويدا مي ڪنم ڪہ اين قرآني است

عظيم الشان كتاب كه فرستاده شد“ (مان ئي الله آهيان، جو (هر شيءِ) ڄاڻان ٿو ۽ هويدا (ظاهر) ڪيان ٿو تہ هي قرآن عظيم الشان ڪتاب توتي موڪليو ويو آهي، ” پس بايد كه نباشد ور سينهٔ تو تنگى “ (الخ) تہ پوءِ تنهنجي سيني تي (ڪنهن بہ قسم جي) تنگي هئڻ نہ گهرجي يا محسوس ٿيڻ نہ گهرجي. الله عليم حڪيم بصير فرمائي ٿو تہ اي نبي محترم اسان هي ڪتاب (قرآن) احڪام الاهي جو حامل تو ڏانهن نازل ڪرڻ فرمايو آهي تہ جيئن تون هن جي ذريعي غلط رستي تي هلندڙن کي سندن هن سلوڪ ۽ روش جي تباهہ ڪندڙ نتيجن کان خبردار ڪرين. ”ذِكْرٰى“ معنىٰ تمام گهڻو ۽ بار بار ياد ڪرائڻ. مؤمنن جي جماعت کي سندن فرضن جي ادائگي کان آگاهہ ڪرين، جن جي ڪري هو زندگيءَ جون خوشگوار ساعتون حاصل ڪري سگهن. ”أُوحِيَ إِلَيَّ هٰذَا الْقُرْاٰنُ لِأُنْذِرَكُمْ بِهٖ وَمَنْۢ بَلَغَ“ (الانعام: 6/ 19) هيءُ قرآن مون تي ان ڪري وحي ڪيو ويو آهي تہ ان جي ذريعي اوهان کي خبردار ڪيان ۽ انهن کي بہ، جن وٽ هي قرآن پهچي. هي آسان ڪم ناهي، هن جي ادائگي ۾ تمام وڏيون مشڪلاتون پيش اينديون، گهڻ ماڻهو فائدو حاصل ڪندا، تنهنڪري توکي ڪنهن گهبراهٽ يا تنگ دل ٿيڻ جي ضرورت ناهي. انهن مشڪلاتن جو جوانمردي سان مقابلو ڪندي ماڻهن کي چؤ تہ توهان خدا جي هن قانون جي اطاعت ڪريو، جيڪو اوهان جي پروردگار اوهان جي اصلاح، تعمير ۽ ترقي لاءِ اوهان ڏانهن نازل ڪرڻ فرمايو آهي. ”وَيُعَمُّ الْقُرْاٰنُ وَالسُّنَّةُ لِقَوْلِهٖ تَعَالٰى وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى“ (بيضاوي) هو پيغمبر خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم خواهش سان نٿو ڳالهائي، ان کي جيڪا وحي ٿئي ٿي، اهوئي چوي ٿو. ان مان مراد قرآن ۽ سنت پڻ آهن، ڇوتہ سنت نبوي بہ الله طرفان نازل ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح قطبي چوي ٿو: ”اَلْمُرَادُ مِنْهُ الْكِتَابُ والسُّنَّةُ“ توهان اهڙي مهربان مولا کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي کي پنهنجو ڪارساز ۽ همدرد سمجهي ان جي اطاعت نہ ڪريو. اوهان لاءِ زندگيءَ جي ڪاميابي انهيءَ طريقي حيات ۾ ئي آهي. هن دعوتِ عام کي سمجهڻ وارا ۽ ان تي ڌيان ڏيڻ وارا تمام ٿورڙا ماڻهو آهن. ”تَذَكَّرُوْنَ تَذَكُّرًا قَلِيْلًا“ (بيضاوي) يعني توهان ٿورو وقت ياد رکو ٿا، پوءِ پلجي وڃو ٿا. هن کان اڳ ڪيترئيون ئي آباديون هيون، جن کي سندن غلط راهہ روي جي ڪري مڪافات عمل ۾ هلاڪ ڪيو ويو. هنن تي اهو عذاب اهڙي وقت آيو جڏهن هو رات جو آرام سان گهري ننڊ ۾ هئا يا اهڙي وقت آيو، جو اهي منجهاندي وقت

آرام ڪري رهيا هئا، انهيءَ دوران اچانڪ عذاب الاهي اچي هنن کي تباهہ ۽ برباد ڪيو. جڏهن هو خواب غفلت ۾ زندگي جي اصل حقيقت کان بلڪل غافل هئا. هو پنهنجي دولت جي نشي ۽ اقتدار جي هوس ۾ ايترا تہ مدهوش هئا، جو هنن کي وهم ۽ گمان بہ نہ هيو تہ سندن بدمستين ۽ ظلمن جي نتيجي ۾ هي هولناڪ حادثو رونما ٿيڻ وارو آهي. هنن کي ڪو ماڻهو اصلاح لاءِ چوندو هو تہ ان طرف توجه نہ ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ اسان ڇا ڪيو آهي، جو تباهي ايندي. (البقره: 11/2) پر جڏهن هنن تي اوچتو عذاب ڪڙڪيو تہ هنن جون خواب غفلت مان اکيون کليون ۽ چوڻ لڳا تہ واقعي اسان ظلم ڪندا هئاسون. ”فَلَمۡ يَكُ يَنۡفَعُهُمۡ اِيۡمَانُهُمۡ لَمَّا رَاَوۡا بَاۡسَنَا“ (المؤمن: 85/40) جڏهن هنن اسان جو عذاب ڏٺو ۽ پوءِ ايمان آندائون تہ اهو ايمان هنن کي ڪو فائدو نہ ڏيندو. اهو پڇاڻي وارو ڏينهن هوندو، جنهن ڏينهن اسان هنن کان پڇنداسون تہ اوهان ڏانهن خدا جا رسول ڪتاب الاهي جا حڪم پڌائڻ لاءِ آيا هئا. اوهان هنن جو پيغام ٻڌڻ بعد ڇا ڪيو. ڇا هنن کي مثبت موٽ ڏني يا منڪر ٿي ويا. اسان خود پنهنجن رسولن کان بہ معلوم ڪنداسون تہ اوهان کي دعوت جو هنن کان ڪهڙو جواب مليو. (البقره: 143/2) اهو پڇاڻو اهڙو نہ هوندو، جو جڻ اسان کي ڪا واقفيت ناهي اسان کي سڀ خبر آهي، پر اسان هنن جي واتان اصل حقيقت ڄاڻڻ گهرون ٿا. اسان ڪنهن وقت بہ غير حاضر يا غائب نہ هياسون، پر هنن جي اعمال تي پوري نظر هئي ۽ ڪين سڀ ڪجهہ ٻڌائينداسون تہ ڇا ڇا وهيو واپريو. ”وَهُوَ مَعَكُمۡ اَيۡنَ مَا كُنۡتُمۡ (الحديد: 4/57) اوهان جتي بہ هجو الله اوهان سان گڏ آهي. ”نَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ“ (ق: 16/50) اسان هن کي هن جي ساهہ واري رڳ کان بہ ويجها آهيون.

حقيقت اها آهي تہ پڇاڻي وقت اسان جو ميزان هر هڪ ماڻهو جي اعمال جو نيڪ نيڪ وزن ٻڌائيندو. ان وقت ظاهر آهي تہ گناهن ثوابن جو ميزان اهڙو هوندو، جنهن جو مثبت ۽ چڱن عملن جو بار ميزان جي پلڙي (پڙ) تي ڀاري هوندو، اهي ڪامياب ۽ ڪامران هوندا. (القارعه: 101/8-7)، پر جن جو نيڪ عملن جي ڪميءَ سبب پلڙو هلڪو هوندو تہ اهي ماڻهو خساري ۾ هوندا. هي برو نتيجو انهن ماڻهن جو نڪرندو آهي، جن اسان جي قانون سان پنهنجي بداعمالي سبب ظلم ۽ زيادتي ڪئي. (الانبياء: 47/21) اها بہ حقيقت آهي تہ اسان اوهان کي زمين تي اقتدار ڏٽي ڪيو ۽ اوهان کي معاشي زندگي ۾ خوشحالي

مهيا ڪري اوهان جي رزق ۽ روزي جي فراوانيءَ جو پورو پورو انتظام ڪيو. هي سڀ
ڪجهہ بنامزدوري ۽ محنت جي اوهان کي عطا ڪيو سون. پوءِ اوهان مان نهايت ٿورڙا آهن،
جيڪي هن نعمت جا شڪر گذار ۽ قدر شناس آهن. انهن نعمتن کي عوام جي ڀلائي لاءِ
استعمال ڪرڻ جي بدران ذاتي مفاد، فتني فساد ۽ زيادتي جو ذريعو بڻايو ۽ ناشڪرا ٿي ويا.

وَلَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ ثُمَّ صَوَّرْنٰكُمْ ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ ۖ فَسَجَدُوْٓا
اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ لَمْ يَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿١١﴾ قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ اِذْ
اَمَرْتُكَ ؕ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ۚ خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّ خَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ ﴿١٢﴾
قَالَ فَاهْبِطْ مِنْهَا فَمَا يَكُوْنُ لَكَ اَنْ تَتَكَبَّرَ فِيْهَا فَاخْرُجْ اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿١٣﴾
قَالَ اَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤﴾ قَالَ اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿١٥﴾ قَالَ
فَبِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ ۙ﴿١٦﴾ ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ
بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَمِنْ خَلْفِهِمْ وَعَنْ اَيْمَانِهِمْ وَعَنْ شَمَآئِلِهِمْ ؕ وَلَا تَجِدُ
اَكْثَرَهُمْ شٰكِرِيْنَ ﴿١٧﴾ قَالَ اخْرُجْ مِنْهَا مَذْءُوْمًا مَّدْحُوْرًا ؕ لَمَنْ تَبِعَكَ
مِنْهُمْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٨﴾

۽ اسان توهان کي پيدا ڪيو، پوءِ اسان توهان کي صورتون ڏنيون، پوءِ فرشتن
کي چيو سون تہ آدم جي آڏو سجده ريز ٿي وڃو، سواءِ ابليس جي سڀ سجده ريز
ٿي ويا، پر هو سجدو ڪندڙن ۾ شامل نہ ٿيو.(11) الله فرمايو تہ توکي سجدو
ڪرڻ کان ڪهڙي شيءِ روڪيو، جڏهن مون توکي حڪم ڏنو هو. هن چيو تہ
مان هن کان بهتر آهيان، تو مون کي باهہ مان پيدا ڪيو آهي ۽ هن کي مٽيءَ
مان پيدا ڪيو آهي.(12) الله حڪم ڏنو تہ تون هيٺ هليو وڃ، چو تہ توکي اهو

حق نٿو ملي تہ تون هتي تڪبر ڪرين. نڪري وڃ، يقيناً تون ذليل آهين.(13) هن چيو مون کي ان ڏينهن تائين مهلت ملي، جڏهن ماڻهو زنده قبرن مان اٿاريا ويندا.(14) الله فرمايو تہ توکي مهلت آهي.(15) چوڻ لڳو تہ جڏهن تو گمراهيءَ ۾ وڌو آهي تہ مان بہ ضروري هنن خلاف تنهنجي سڌي رستي تي ڪين نشانو بنائي) ويهندس.(16) پوءِ مان هنن جي اڳيان ۽ پويان سڄي پاسي کابي پاسي هر طرف کان تاڙ ۾ ويهندس ۽ تون هنن مان گهڻن کي شڪرگذار نہ ڏسندين. (17) فرمايائين ذليل ۽ مردود ٿي هتان هليو وڃ، ياد رک انهن مان جيڪو بہ تنهنجي پيروي ڪندو تہ توهان سڀني سان جهنم کي پري ڇڏيندس. (18)

هتان حضرت آدم علیہ السلام جي خليفي ٿيڻ جي روئداد بيان ٿئي ٿي. ياد رهي تہ آدم جو اهو قصو قرآن مجيد ۾ ست ڀيرا آيو آهي. جن ۾ سورة الاعراف وانگر ڇهہ سورتون مڪي آهن ۽ هڪ سورت مدني آهي. هنن سڀني هنڌن تي آيل قصي کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري، ان سان گڏ انسان جي تخليق بابت آيتن کي ملائي پڙهبو تہ عقل و دانش وارن کي ڪجهہ معلومات ملي ويندي. تفسيرن ۾ هن تي ڪافي اختلاف راءِ رهيو آهي، خاص طور تي قديم ۽ جديد مفسرن جي تحقيق ۽ تفسير ۾ ڪافي فرق آهي، هن قصي کي ڪو تمثيلي تہ ڪو حقيقي سمجهي ٿو. آدم مان مراد هڪ انسان آهي يا نوع انسان جو نمائندو هجڻ ڪري سمورا انسان مراد آهن. اسان ابتدائي مرحلي ۾ تنهنجي تخليق جو منصوبو بڻايو. تنهنجي آفرنيش (پيدائش) جو مادو تيار ڪيو، پوءِ ان مادي کي انساني صورت بخشي ۽ پوءِ جڏهن زنده هستيءَ جي حيثيت ۾ انسان وجود ۾ آيو تہ ان ۾ پنهنجي طرفان روح (خدائي توانائي) ڦوڪي وڌو ۽ پوءِ فرشتن کي ان کي سجدو ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو ويو. (**الحجر:** 15/28-29، ص 38/71-72) فرشتن ڪيس سجدو ڪيو، سواءِ ابليس جي، ابليس سجدي ڪرڻ وارن ۾ نہ هيو. انساني تخليق جي تفصيلي ڪيفيت سمجهڻ مشڪل آهي، پر جيڪو ڪجهہ قرآن مجيد ۾ آيو آهي، اهو ان نظريي جي تصديق نٿو ڪري تہ انسان غير انساني ۽ نيم انساني مان ترقي ڪري، اشرف المخلوقات تائين پهتو آهي، اهو نظريو غلط آهي، انسان جي تخليق انساني منصوبي هيٺ ٿي آهي. جڏهن الله ابليس کي چيو تہ

مون توکي حڪم ڪيو تہ آدم کي سجدو ڪر پوءِ کھڙي شيءِ سجدي ڪرڻ کان روڪيو. هن چيو تہ مان آدم کان بهتر آهيان، تو مون کي باھہ مان پيدا ڪيو آهي ۽ هن کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي. الله تعاليٰ چيو تہ هيٺ هليو وڃ، تو لاءِ نيڪ نہ هيو تہ تون هن ۾ تڪبر ڪرين، هتان نڪري وڃ، يقينًا تون ذليل ۽ خوار آهين. ”لَا يَدْخُلَ الْجَنَّةَ اَحَدٌ فِيْ قَلْبِهٖ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ مِّنْ كِبْرٍ“ (صحيح مسلم) جنهن ۾ سرنهن جي داڻي جيترو بہ غرور ۽ تڪبر هوندو، اهو جنت ۾ نہ وڃي سگهندو.

تکبر عزازیل را خوار کرد
بزندان لعنت گرفتار کرد

(سعدي رحمة الله عليه)

خدا جي مخلوق هجڻ ۽ خالق جي حڪم ڏيڻ بعد بہ حڪم نہ مڃڻ، تڪبر ڪرڻ ۽ پاڻ کي بهتر سمجهڻ ۽ پنهنجي غلطي کي تسليم نہ ڪرڻ، اجان بہ ان تي ضد ڪرڻ سبب ابليس لعنتي ۽ ذليل و خوار ٿي ويو. هن الله کي عرض ڪيو تہ اي الله! مون کي ان ڏينهن تائين زنده رهڻ جي اجازت ڏي، جڏهن هي قبرن مان زنده ڪري اٿاريا ويندا. الله ڪيس چيو تہ توکي مهلت آهي، تون پنهنجا حربا هلائڻ تو گهرين تہ ان ۾ ڪا رڪاوٽ نہ وڌي ويندي، پر توکي پنهنجن منصوبن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ کلي ڇٽي هوندي، جنهن تي شيطان وراڻيو جيئن تہ تو مون کي گمراهي ڏانهن ڌڪيو آهي ۽ مون کي ذليل و خوار ڪيو آهي تہ مان بہ هنن انسانن کي گمراھہ ڪرڻ ۽ توکان دور رکڻ لاءِ تنهنجي صراط مستقيم يعني سڌي راھہ تي گهات لڳائي ويهندس ۽ پنهنجي مڪر ۽ فريب سان هنن کي گمراهيءَ طرف وٺي ويندس. مان هنن جي آڏو، پويان ۽ سڄي کٻي پاسي کان مطلب تہ هر طرف کان هر نموني جي ڪوشش ڪندس تہ هنن کي گمراھہ ڪيان، تون هنن مان اڪثر ماڻهن کي پنهنجن نعمتن ۽ نوازشن هوندي شڪرگذار نہ ڏسندين. ”وَلَقَدْ صَدَّقَ عَلَيْهِمْ اِبْلِيْسُ ظَنَّهٗ فَاتَّبَعُوْهُ اِلَّا فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ○“ (سبا: 20/34) شيطان پنهنجو گمان سچو ڪري ڏيکاريو. مؤمنن جي هڪ گروھہ کي ڇڏي، سڀ ماڻهو هن جي پٺيان لڳي ويا. الله فرمايو تہ ملعون هتان بري حال ۾ مردود ٿي نڪري وڃ. انسانن مان جيڪو بہ تنهنجي پيروي اختيار ڪندو تہ مان هنن کي ۽ توکي ڪٺو ڪري جهنم جي باھہ حوالي ڪندس. تنهنجي اها دعويٰ تہ

تون هنن کي گمراهہ ڪندين. (الحجر: 42/15 کان 44) ان لاءِ توکي اجازت آهي، پر ياد رک منهنجن نيڪ ٻانهن تي تنهنجو وس نہ هلندو. (بني اسرائيل: 17/67-65-64) توکي بزور ٻاڙو هنن کي گمراهہ ڪرڻ جي اجازت نہ آهي، جيڪي ماڻهو راهہ راست تي رهڻ گهرندا تہ انهن کي گمراهہ نہ ڪري سگهندين. (ابراهيم: 22/14)

وَيٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ فَكُلَا مِنْ حَيْثُ شِئْتُمَا وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ
الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۹﴾ فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا
مَا وٗرِيَ عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ
اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَا مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ الْخٰلِدِيْنَ ﴿۲۰﴾ وَقَاسَمَهُمَآ اِنِّيْ لَكُمَا لَمِنَ
النّٰصِحِيْنَ ﴿۲۱﴾ فَدَلّٰىهُمَا بِغُرُوْرٍ ۚ فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا
وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ۭ وَنَادٰىهُمَا رَبُّهُمَآ اَلَمْ اَنْهَكُمَا
عَنْ تِلْكُمَا الشَّجَرَةِ وَاَقُلْ لَّكُمَآ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمَا عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۲۲﴾ قَالَا رَبَّنَا
ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ۫ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾
قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ
اِلٰى حِيْنٍ ﴿۲۴﴾ قَالَ فِيْهَا تَحْيَوْنَ وَفِيْهَا تَمُوْتُوْنَ وَمِنْهَا تُخْرَجُوْنَ ﴿۲۵﴾ ع۲ ۱۵/۹

۽ اسان آدم کي چيو تون ۽ تنهنجي زال ٻئي جنت ۾ رهو ۽ جتان جا شيءِ وڻي سا کائو، پر هن درخت جي قريب بہ نہ وڃجو، ورنہ توهان (ٻئي) ظالمن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا. (19) پوءِ ائين ٿيو جو شيطان هنن ٻنهي جي دل ۾ وسوسو وڌو، تہ جيئن انهن جا شرمگاهہ جيڪي انهن تي ڪليل نہ هئا، اهي هنن ٻنهي سامهون کولي ڇڏي. هنن کي چيائين تہ اوهان جي پروردگار جي توهان کي هن

درخت کان روڪڻ ڪنهن ٻئي سبب لاءِ ناهي، پر رڳو ان ڪري روڪيو آهي تہ توهان فرشتا نہ ٿي وڃو يا توهان کي ابدي زندگي نہ ملي وڃي.(20) ۽ هنن آڏو قسم کنيائين تہ يقين ڪريو مان توهان جي خير خواهن مان آهيان.(21) اهڙي طرح ٻنهي کي ڏوکو ڏئي مائل ڪري ورتو. پوءِ جڏهن هنن ٻنهي ان وڻ جو مزو چکيو تہ انهن ٻنهي جا شرمگاهہ هڪ ٻئي تي ظاهر ٿي پيا ۽ هو جنت جي ڪجهہ پنن سان پاڻ کي ڍڪڻ لڳا. ان وقت سندن پروردگار کين سڏيندي چيو تہ ڇا مون توهان ٻنهي کي هن درخت کان روڪيو نہ هو ۽ توهان کي چيو نہ هو تہ شيطان اوهان ٻنهي جو کليو دشمن آهي.(22) جنهن تي ٻئي چوڻ لڳا تہ اسان جا پروردگار! اسان پاڻ سان ظلم ڪيو آهي، هاڻي جيڪڏهن تون اسان جي مغفرت ڪرڻ نہ فرمائيندين ۽ اسان تي رحم نہ ڪندين تہ اسان ضرور نامراد ٿي ويندا سون.(23) چيائين تہ توهان سمورا هيٺ لهي وڃو، توهان هڪٻئي جا دشمن آهيو ۽ توهان کي هڪ مقرر مدت تائين زمين تي رهڻو آهي ۽ هڪ خاص وقت تائين توهان جو سامان زيست بہ هوندو.(24) هاڻي توهان انهيءَ زمين تي زندگي گذاريندو، اتي ئي توهان کي موت ايندو ۽ اتان ئي توهان يوم حشر وقت ٻاهر ڪڍيا ويندو.(25)

---

هن قصي جي آيت نمبر11 ۾ "وَلَقَدۡ خَلَقۡنٰكُمۡ ثُمَّ صَوَّرۡنٰكُمۡ" جمع جا صيغا آهن، جن ۾ سڀني انسانن کي خطاب ڪيو ويو آهي. قرآن حڪيم ۾ ستن جاين تي حضرت آدم عليه السلام جو قصو آيل آهي. سورة البقره، سورة الاعراف، سورة الحجر، سوره بني اسرائيل، سوره ڪهف، سوره طٰهٰ ۽ سوره ص. يعني هي قصو ڇهہ دفعا مڪي سورتن ۾ آيو آهي تہ هڪ آخري دفعو مدني سورة البقره ۾ آيو آهي ۽ هر جڳه تي هلندڙ بيان جي سلسلي ۾ مثال طور پيش ڪيو ويو آهي. هن کان اڳ جي آيت ۾ آيو هيو تہ "قَلِيۡلًا مَّا تَشۡكُرُوۡنَ" ۽ شيطان چوي ٿو تہ "وَلَا تَجِدُ اَكۡثَرَهُمۡ شٰكِرِيۡنَ" هت ناشڪري يا لباس، فحاشي ۽ اوگهڙ جي

حوالي سان آيو آهي ۽ سورة البقره ۾ تڪبر، غرور جي حوالي سان آيو آهي. هت حضرت آدم ؑ کي چيو ويو تہ تون ۽ تنهنجي زال جنت ۾ رهو. اها جنت ڪٿي هئي، هن زمين تي يا ڪنهن ٻئي هنڌ، ان جي وضاحت نہ آهي. ڪين چيو ويو تہ هن جنت ۾ جتان گهرو ۽ جيڪي ڪجهہ گهرو، بنا ڏڙڪ کائو پيئو، پر رڳو هي هڪ قسم جو درخت آهي، ان جي ويجها بہ نہ وڃجو. درخت جو وڻ هت متشابهات ۾ آهي، پر ڪجهہ مفسرن چيو آهي تہ هنن کي پنهنجن خاص عضون جو علم نہ هيو، پر وڻ چکڻ سان انهن جو شعور جاڳي پيو، يا اهو جنت جو لباس هيو يا نيڪي بدي جو درخت هيو، جنهن جي ڦل کائڻ سان نيڪي بدي جو شعور ٿيو يا پهريون جنسي ميلاپ هو. سوره طٰهٰ: 120/20 ۾ ”شَجَرَةُ الْخُلْدِ“ آيو آهي، شجرة الخلد جي ڦل کائڻ ۽ هميشہ زنده رهڻ مان شجرة تناسل کي تقويت ملي ٿي. پوءِ شيطان انهن ٻنهي کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ سندن دلين ۾ وسوسا وڌا ۽ آهستي آهستي هنن کي انهي ڳالهہ تي مائل ڪيائين تہ هو هن شجره جي ويجهو وڃن، جنهن مان هن جي اها مراد هئي تہ هنن ٻنهي جي اوگهڙ هڪ ٻئي کي نظر اچي وڃي. پنهنجي هن اسڪيم کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪين چوڻ لڳو، الله اوهان کي هن وڻ کان انهيءَ لاءِ روڪيو آهي، جو توهان هن وڻ جي ڪري فرشتا نہ ٿي وڃو يا هميشہ هميشہ جي ابدي زندگي حاصل نہ ڪريو. پر جيڪڏهن هن وڻ جي ويجهو ويندو تہ ان جي برڪت سان اوهان کي دائمي زندگي ملي ويندي. جڏهن شيطان جي هن وعظ تي بہ اجان آدم ۽ حوا مائل ڏسڻ ۾ نہ آيا تہ پوءِ هن وڏا وڏا قسم کڻي هنن ٻنهي کي تسلي ڏني تہ مان اوهان جو دشمن ناهيان، پر خير خواهہ آهيان ۽ اوهان جي ڀلائي جو خواهان آهيان. اهڙي طرح شيطان آخر پنهنجي منصوبي ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ هنن ٻنهي کي ڌوڪو ڏئي وڻ وٽ وجڻ ڏنو ۽ اهڙيءَ طرح ڪين مڪر ۽ ڌوڪي سان هنن ٻنهي کي سندن مقام ۽ مرتبي کان ڪيرائي وڌو. هنن ان وڻ جو ڦل چکيو، جنهن جي چکڻ سان ئي هنن ٻنهي جي اوگهڙ (شرمگاهہ) هڪ ٻئي اڳيان ظاهر ٿي پئي. پنهنجي غلطي کي محسوس ڪندي هنن جلدي جلدي باغ جي وڻن جي پنن سان پنهنجي اوگهڙ کي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن تي سندن رب ڪين آواز ڏنو ۽ چيائين تہ ڇا مون اوهان کي هن وڻ جي ويجهو وڃڻ کان روڪيو نہ هو؟ ۽ توهان کي ٻڌايو نہ هو تہ شيطان اوهان جو ظاهر ظهور دشمن آهي، ان کان بچندا رهو. هي ٻئي پنهنجي هن

عمل تي ڏاڍو شرمسار ٿيا ۽ پنهنجي غلطي محسوس ڪندي الله جي بارگاهه ۾ عرض گذار ٿيا ته اي اسان جا پروردگار! اسان غلطي ڪري پاڻ سان ظلم ڪري وينا آهيون. (البقره: 37/2) جيڪڏهن اسان کي توکان معافي نه ملي ۽ بخشش سان نه نوازيو ۽ پنهنجي رحمت جي دامن ۾ نه ورتو ته اسان ته يقيناً نامراد ماڻهن ۾ شمار ٿي ويندا سون.

هتان معلوم ٿيو ته شرمگاهن جي حفاظت انسانن جي اولين ترجيح آهي. ان ڪري شيطان بي حيائي ۽ فحاشي جي ذريعي انسان جي هن پاڪدامني واري خوبيءَ کي ختم ڪري ٿو. گناهه کان بعد توبه ڪرڻ سان معافي ملي ٿي، اها انسان جي صفت آهي، پر گناهه ۽ غلطيءَ تي شرمسار نه ٿيڻ ۽ غرور ۽ تڪبر ڪرڻ شيطاني صفت آهي. آدم ۽ حوا کي الله پاران معافي ته ملي پر کين چيو ويو ته هاڻي توهان سمورا زمين تي سڪونت اختيار ڪريو، اوهان هڪٻئي جا ويري ۽ دشمن آهيو، اوهان کي زمين تي هڪ مقرر مدت تائين رهڻو آهي ۽ ان دوران اوهان لاءِ زندگي جي ضروريات جو سامان مهيا ٿيندو رهندو. هي جڳه اوهان جي آزمائش لاءِ آهي. اتي توهان کي زندگي گذارڻي آهي ۽ اتي ئي اوهان کي موت ايندو ۽ اتان ئي اوهان کي قيامت واري ڏينهن زمين مان ڪڍيو ويندو ۽ الله جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويندو. يعني دنيا ڪمائيءَ لاءِ آهي ته آخرت حساب لاءِ آهي.

هن قصي کي تمثيلي چوڻ لاءِ ڪيترا دليل ڏين ٿا (1) نبي معصوم هوندو آهي، الله تعالىٰ کيس گناهه کان بچائي ڇڏيندو آهي، پر هتي الله جي حڪم باوجود، شيطان آدم کي ورغلائي وڌو. (2) هابيل قابيل جي قصي ۾ آدم جو ڪو ڪردار نظر نٿو اچي، نبي ته بري ڪم کان ضرور روڪيندو آهي. (3) خلافت، امانت، ارادي ۽ اختيار ۾ نوع انسان سڀ شامل آهن، يعني هي اجتماعي حڪم آهي، انفرادي ناهي. (4) قرآن مجيد ۾ ڪٿي به هن قصي ۾ آدم جو پنهنجي امت کي امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو ذڪر ناهي. سوره آل عمران: 33/3 ۾ آدم ۽ نوح عليهما السلام جو ذڪر آهي. الفرقان: 37/25 ۾ ”وَقَوْمَ نُوْحٍ لَّمَّا كَذَّبُوا الرُّسُلَ“ مان معلوم ٿيو ته نوح عليه السلام کان اڳ به رسولَ آيا هيا. اڪثر تفسيرن، خاص ڪري قديم تفسيرن هن قصي کي تمثيلي نه، پر حقيقي انفرادي قرار ڏنو آهي. ان ڪري ادب سان نالو وٺڻ آدم عليه السلام چوڻ ۾ گناهه ناهي. جڏهن قرآن خاموش آهي ته اسان کي پڻ خاموش رهڻ گهرجي. هن قصي جو وڌيڪ تفصيل سورة ص جي آخري رڪوع جي تشريح ۾ پڙهو.

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَرِيْشًا ؕ وَلِبَاسُ
التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ؕ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿٢٦﴾ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ
لَا يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ كَمَآ اَخْرَجَ اَبَوَيْكُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ يَنْزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا
لِيُرِيَهُمَا سَوْاٰتِهِمَا ؕ اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَقَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ؕ اِنَّا
جَعَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَآءَ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٢٧﴾ وَاِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً قَالُوْا
وَجَدْنَا عَلَيْهَآ اٰبَآءَنَا وَاللّٰهُ اَمَرَنَا بِهَا ؕ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَاْمُرُ بِالْفَحْشَآءِ ؕ
اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨﴾ قُلْ اَمَرَ رَبِّيْ بِالْقِسْطِ ۟ وَاَقِيْمُوْا وُجُوْهَكُمْ
عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ؕ كَمَا بَدَاَكُمْ تَعُوْدُوْنَ ﴿٢٩﴾
فَرِيْقًا هَدٰى وَفَرِيْقًا حَقَّ عَلَيْهِمُ الضَّلٰلَةُ ؕ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا الشَّيٰطِيْنَ
اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٣٠﴾ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ خُذُوْا
زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّكُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ
الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣١﴾ ع

اي آدم جي اولاد! اسان توهان کي لباس عطا ڪيو آهي، جيڪو اوهان جي شرمگاهه جو پرده پوش آهي ۽ سينگار ۽ زيبائش جو ذريعو بہ آهي. هن کان وڌيڪ پاڪ تقوىٰ جو لباس آهي ۽ هي الله جي آيتن (نشانين) مان آهي تہ جيئن هو ماڻهو انهيءَ مان نصيحت حاصل ڪن.(26) اي بني آدم! (خيال ڪجو) شيطان توهان کي فتني ۾ نہ وجهي، جهڙيءَ طرح هن توهان جي والدين کي هن جنت مان ڪيرايو هو ۽ هن اُنهن جو لباس لهرائي ڇڏيو هو تہ جيئن

انهن جي اوگهڙ (شرمگاهہ) انهن تي عيان ڪري. يقينًا هو پاڻ ۽ هن جي اولاد اوهان کي اتان ڏسي ٿو، جتي اوهان هن کي نٿا ڏسي سگهو. اسان شيطانن کي انهن ماڻهن جو دوست بنايو آهي جيڪي ايمان نٿا رکن.(27) ۽ جڏهن هي ڪافر ڪو بيحيائيءَ جو عمل ڪن ٿا تہ چون ٿا تہ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي ائين ڪندي ڏٺو آهي. الله اسان کي اهڙو حڪم ڪيو آهي. توهان هنن کي چئو تہ الله تعاليٰ بي حيائي جو حڪم نٿو ڏئي. ڇا اوهان الله ڏانهن اهڙي ڳالهہ منسوب ڪري رهيا آهيو، جنهن جي توهان کي خود خبر ناهي.(28) تون هنن کي چئو تہ منهنجي رب تہ عدل ۽ انصاف جو حڪم ڏنو آهي ۽ هر نماز وقت پنهنجو رخ ان ڏانهن رکو. اطاعت کي خالص انهيءَ جي لاءِ ڪري ان کي ئي ياد ڪيو (پڪاريو) توهان هن ڏانهن رجوع ڪريو، جهڙيءَ طرح هن اوهان جي ابتدا ڪئي هئي، اهڙيءَ طرح موٽندؤ. (29) توهان مان هڪ گروهہ کي هن هدايت بخشي آهي ۽ هڪ گروهہ اهو آهي جنهن تي گمراهي مسلط ڪئي وئي. ڇو تہ انهن ماڻهن الله کي ڇڏي شيطانن کي دوست بڻايو ۽ هو سمجهن ٿا تہ هو سڌي رستي تي آهن.(30) اي آدم جي اولاد! (پٽ نياڻيون) هر نماز لاءِ (مسجد) اچو تہ زيب وزينت ڪري اچو ۽ کائو پيئو، پر اسراف نہ ڪريو، يقينًا هو اسراف ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري. (31)

---

حضرت آدم عليہ السلام جي قصي ۾ آيو آهي تہ شيطان هنن ٻنهي کي ورغلائي، ڌوڪو ڏئي، سندن لباس لهرائي ڇڏيو. لباس تہ آدم ۽ حوا جو لٿو هيو، پوري نوع انسان جو نہ لٿو هيو، ان ڪري هي قصو انفرادي ۽ حقيقي هجڻ جي باوجود نوع انسان لاءِ بہ آهي. حالانڪ انسان لاءِ لباس الله طرفان عطيو آهي، جيڪو شرمگاهہ جو ستر بہ آهي ۽ ان جي سينگار ۽ زيب زينت جو ذريعو بہ آهي، جنهن سان انسان پنهنجي اوگهڙ ڍڪي ۽ اگهاڙي ٿيڻ واري بي حيائي ۽ بي شرمي کان بچي ٿو. انهيءَ بيحيائيءَ کان بچڻ لاءِ تقويٰ سڀ کان سٺو

لباس آهي. "اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ اَنْ يُّرٰى اَثَرَ نِعْمَتِهٖ عَلٰى عَبْدِهٖ" (جامع ترمذي) بيشڪ الله تعالىٰ پسند ڪري ٿو تہ ان جي ٻانهن تي سندس نعمت جو اثر ظاهر ٿئي. هڪ حديث آهي: "اَلْبَذَاذَةُ مِنَ الْاِيْمَانِ" عاجزي ۽ خاڪساري ايمان جو حصو آهي.

اِنَّ الْمَرءَ لَمْ يَلْبَسْ ثِيَابًا مِّنَ التُّقٰى
تُقَلَّبُ عُرْيَانًا وَّ اِنْ كَانَ كَاسِيَا
خَيْرُ لِبَاسِ الْمَرءِ طَاعَةَ رَبِّهٖ
وَلَا خَيْرَ فِيْمَنْ كَانَ لِلّٰهِ عَاصِيَا

جيڪڏهن تقوىٰ لباس طور زيب تن ناهي تہ اهو ننگو آهي، ڀلي ٻيو ڪوبہ لباس ڍڪي. خدا جي اطاعت سڀ کان بهتر لباس آهي، پر جيڪڏهن ڪو نافرمان آهي تہ پوءِ ان وٽ خير ناهي.

تقوىٰ کي لباس بڻائڻ معنىٰ "در عمل ڪوش هرچہ خواهي پوش" جاهليت جي دور ۾ عرب لباس کي پنهنجي لاءِ خوامخواهہ تڪليف سمجهندا هئا ۽ ننگي هجڻ ۾ شرم جو احساس ڪرڻ هڪ خود ساختہ رسم سمجهندا هئا. پرده پوشي جي هنن وٽ ڪا اهميت نہ هئي. ٻين جي آڏو پنهنجو ستر کولڻ ۽ بي پرده ٿيڻ جي پرواهہ نہ ڪرڻ هنن جي رات ڏينهن جو شغل هو. مرد ۽ عورتون مادرزاد ننگا ٿي ڪعبة الله جو طواف ڪندا هئا ۽ اهڙي طواف کي اعلىٰ درجي جي نيڪي سمجهندا هئا. انهن کي هن بي حيائيءَ واري رسم کي روڪڻ لاءِ حڪم صادر ٿيو تہ اي بني آدم! اسان اوهان لاءِ لباس جو حڪم نازل ڪيو آهي، جيڪو اوهان جي بي حيائي ۽ بي شرمي کان پرده پوشي ڪري ٿو ۽ لباس انسان لاءِ سندس سينگار ۽ زيب و زينت جو بہ ڪم ڏئي ٿو. (آل عمران: 14/3) لباس کان عاري هجڻ تہ وڏي بي حيائي آهي. (الاعراف: 32/7) لباس پائي بہ بيحيائيءَ واريون حرڪتون ڪرڻ بہ وڏو گناهہ آهي. اصل لباس انسان جو تقوىٰ آهي، جنهن ۾ خدا جي حڪمن مطابق پاڻ کي بي حيائي کان بچائي رکي ٿو. الله تعالىٰ اوهان کي پنهنجن آيتن ذريعي هدايت ڪري ٿو تہ جيئن اهي جاهل ان مان نصيحت حاصل ڪري سگهن. ان ڪري اي بني آدم! خيال ڪريو

عقل ۽ دانش کان ڪم ونو. شيطان سرڪش جي ورغلائڻ ۽ غلط راھ تي لڳائڻ کان پاڻ کي بچايو، ورنہ ھو اوھان جي لاءِ بہ اھڙو فتنو، ھلاڪت ۽ مصيبت جو ڪارڻ بڻبو، جھڙيءَ طرح ھن توھان جي والدين (حضرت آدم ۽ بيبي حوا عليهما السلام) کي جنت جي زندگيءَ کان محروم ڪري، انھن کي انسانيت جي شرف ۽ شان واري لباس کان آجو ۽ عريان ڪري ڇڏيو ھو. جيڪو لباس ھنن لاءِ ستر ۽ پرده پوشي لاءِ ھيو. ان ڪري ڪڏھن بہ ھن کان مامون، محفوظ ۽ غير محتاط نہ ٿجو. ھو ۽ ھن جو قبيلو (ساٿي) اھڙي اھڙي جڳھہ تي اوھان کي نشانو بنائڻ لاءِ رھي ٿو، جتان ھو اوھان کي بخوبي ڏسي سگھي ٿو، پر اوھان ھن کي ڪو نہ ٿا ڏسو. ذوالنون مصري رحمة الله عليه چيو آھي تہ شيطان تنھنجو اھڙو دشمن آھي، جنھن کي اوھان ڏسي نٿا سگھو، پر ھو توھان کي ڏسي ٿو، ان ڪري تون اھڙي طاقت جي پناھہ ۾ اچي وڃ، جنھن کي تنھنجو دشمن نٿو ڏسي، پر ھو (الله) ان کي ڏسي ٿو. ھي انھي ماڻھن جا دوست ۽ مددگار ٿين ٿا، جيڪي الله ۽ ان جي قانون تي ايمان نٿا رکن.

جڏھن انسان سفلي قوتن جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ حيواني جذبا ۽ خواھشون بيحيائيءَ لاءِ آماده ڪن ٿيون تہ ھو برائيءَ کي برائي نٿو سمجھي، پر الٽو ان کي خودساختہ رسمون سڏي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ھي بي حيائي ۽ بي شرمي ناھي. ھي اسان جيڪي ڪجھہ بي حيائي ڪريون ٿا، اھو اسان کي ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ مليو آھي ۽ الله جو حڪم بہ اھڙو آھي. ان ڪري تون ھنن کي چؤ تہ يقينًا الله بي حيائي ۽ فحش ڪمن جو حڪم نٿو ڏئي. الله تہ رڳو نيڪي، حيا ۽ شرم برقرار رکڻ جو حڪم ڏئي ٿو، افسوس آھي جو توھان کي جنھن شيءِ جو علم ناھي، ان جو الله تي بھتان مڙھيو ٿا. ھنن کي چؤ تہ فضول ۽ بيھوده تھمت الله ڏانھن منسوب ڪرڻ کان پاڻ کي بچائي رکو. منھنجو پروردگار عدل، انصاف ۽ اعتدال سان زندگي گذارڻ جو حڪم ڏئي ٿو. ھو ڪنھن بہ بي حيائي جو نٿو چوي. ان ڪري اوھان پنھنجي جھالت ۽ وڏڙن جي غلط روايت کي بطور سند پيش نہ ڪريو، توھان پنھنجو پورو توجه ۽ ڌيان ھر نماز (مسجد ۽ سجدي ۾) ۾ ھن ڏانھن رکو. ھن جي آڏو سر تسليم خم ڪريو ۽ اطاعت کي بہ ان ذات لاءِ مخصوص ڪريو. ان ۾ ڪنھن ٻئي کي ھرگز شريڪ نہ ڪريو. اوھان جو آخرڪار ان ڏانھن ئي موٽڻ ٿيندو، جنھن اوھان کي پھريان پيدا

ڪيو هو. جنهن ڪان اوهان لاءِ فرار ٿيڻ جي ڪا جاءِ ناهي. اسان ڪي چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ اسان جي هن نصيحت کي قبوليندي، ڪجهہ ماڻهو حق ۽ هدايت جي راهہ اختيار ڪندا، پر ٻيو اهڙو گروهہ آهي، جيڪو پنهنجي خود ساختہ قانون ۽ ابن ڏاڏن جي غلط روش جي انڌي تقليد ڪندي ڀٽڪي ويندو، جنهن ڪري هن تي سعادت ۽ ڪاميابيءَ جون راهون بند ٿي وينديون. اهو ان ڪري جو هنن الله کي ڇڏي شيطان کي پنهنجو ڪارساز ۽ مددگار بڻايو آهي، هو گمراهہ ٿي ويا آهن، سندن اها دعوىٰ تہ هو سڌي رستي تي هلي رهيا آهن، بلڪل غلط ۽ ڪوڙي آهي. انسان لاءِ لباس ڍڪڻ تہ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. ۽ لباس نہ ڍڪڻ کي بيحيائي سڏي ٿو، پر اي بني آدم! خاص طرح توهان جڏهن نماز ادا ڪرڻ لاءِ مسجد اچو ٿا تہ سٺا صاف ڪپڙا پائي اچو. پر اسان وٽ معاملو الٽو آهي، شادي غمي يا آفيس اداري ۾ وڃڻو آهي تہ ماڻهو سٺا لباس زيب تن ڪندا آهن، پر جڏهن الله جي حضور نماز لاءِ ايندا آهن تہ ان وقت سٺا ڪپڙا پائي اچڻ جو اهتمام نہ ڪندا آهن. ان ڪري حڪم ٿيو تہ جڏهن بہ خدا جي بارگاهہ ۾ حاضري لاءِ اچو تہ صاف سٿرا ڪپڙا پائي اچو. ڪپڙا پاڪ ۽ صاف سٿرا هجن. ضروري ناهي تہ هر نماز تي شاديءَ تي پائڻ وارا ڪپڙا پائجن، پر الله تعالىٰ جي حضور ۾ اچڻ وقت صاف ۽ پاڪ ڪپڙا پاتل هجن. الله تعالىٰ کاڌي پيتي جي شين کي حلال ڪيو آهي. ان ڪري خدا جي ان نعمت سان معروف طريقي سان استفادو حاصل ڪريو. پر ان ۾ احتياط ڪريو تہ جيئن اسراف نہ ٿئي. ڇو تہ الله پنهنجن نعمتن ۽ نوازشن کي بي قدرو ٿيندي ڏسڻ نٿو گهري. ان ڪري اسراف ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري.

قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ ۭ قُلْ
هِيَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا خَالِصَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ
الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۝۳۲ قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا
بَطَنَ وَالْاِثْمَ وَالْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَاَنْ تُشْرِكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ

سُلْطٰنًا وَّاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ
اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿۳۴﴾ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ
رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ ۙ فَمَنِ اتَّقٰى وَ اَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ
وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۳۵﴾

اي پيغمبر ﷺ هنن کان پڇو تہ الله جي ان زينت کي ڪنهن حرام ڪيو آهي، جيڪا هن پنهنجن ٻانهن لاءِ پيدا ڪئي آهي ۽ کاڌي پيتي جي پاڪيزه شين کان ڪنهن منع ڪئي آهي. هنن کي چؤ تہ دنيا جي زندگي ۾ بہ اهي نعمتون مؤمنن لاءِ آهن ۽ ان سان گڏ منڪرن لاءِ بہ آهن، پر قيامت جي ڏينهن خاص انهن (مؤمنن) لاءِ آهن. (اتي ڪافرن جو ڪو حصو ڪونهي) اسان انهن ماڻهن لاءِ پنهنجون آيتون تفصيل سان بيان ڪيون ٿا، جيڪي ڄاڻن ۽ سمجهڻ گهرن ٿا.(32) هنن کي چؤ تہ منهنجي پروردگار تہ فحش (بي حيائي) کي حرام قرار ڏنو آهي، خواهہ اهو کلي ڪئي وڃي يا ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪجي ۽ گناهہ کي ۽ هر قسم جي زيادتي ڪرڻ کي حرام قرار ڏنو آهي ۽ ان کي بہ تہ توهان ڪنهن کي الله جو شريڪ ڪريو، جنهن لاءِ ڪا بہ سَندَ يا ثبوت نازل نہ آهي ۽ ان ڳالهہ کي بہ تہ اوهان خدا لاءِ (افتراءِ) غير مناسب ۽ غير ذميداريءَ واري ڳالهہ منسوب ڪريو، جنهن جي اوهان کي پوري خبر بہ ناهي.(33) (خدا جي هنن حرمتن جو خيال ڪيو ۽ ان جي گرفت کان ڊڄو) ڇو تہ هر قوم لاءِ هڪ مدت مقرر هوندي آهي، جڏهن هنن جي اها مدت پوري ٿئي ٿي تہ هڪ گهڙي نہ پٺتي ٿئي ٿي ۽ نہ هڪ گهڙي اڳتي ٿئي ٿي.(34) اي بني آدم! جيڪڏهن اوهان مان ئي توهان ڏانهن ڪي پيغمبر اچن ۽ توهان کي منهنجن آيتن کان آگاهہ ڪن تہ انهن جي ڳالهہ مڃجو،

چو تہ جيڪو بہ تقويٰ ڪندو ۽ پاڻ کي (خدا جي حڪمن جي انحرافي کان) بچائيندو رهندو ۽ پنهنجي اصلاح ڪندو تہ پوءِ ان لاءِ ڪو خوف آهي نہ غم. (35)

اي خدا جا رسول ﷺ! تون هنن خانقاهي مسلڪن جي پيروڪارن ۽ مفادپرستن مذهبي اڳواڻن کان پڇ تہ پلا اهو ڪير آهي، جنهن آرائش ۽ زيبائش جا خوش لباس پوشاڪ ۽ خوشگوار حلال شين جي کائڻ پيئڻ ۽ استعمال ڪرڻ کان روڪيو آهي. ڪاڌي پيتي ۾ طيبات پاڪ صاف ڪاڌا، جيڪي الله تعالىٰ حلال ڪيا آهن ۽ ڪپڙي يا لباس ۾ خوش لباس هجڻ کان منع ناهي. سادگي ۽ عاجزي الڳ آهي، باقي چڱي ۽ خوشحال لباس پائڻ تي بندش نہ آهي. امان سائڻ حضرت عائشه طاهره، مطهره، صديقه رضي الله عنها جو قول آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جڏهن ٻاهر ڪنهن سان ملڻ ويندا هيا تہ پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ کي ناهي، دستار کي چڱيءَ طرح سنواري، سٺي لباس ۾ نڪرندا هيا. ”اِذَا خَرَجَ الرَّجُلُ اِلٰى اِخْوَانِهٖ فَلْيَتَهَيَّءْ مِنْ نَّفْسِهٖ فَاِنَّ اللّٰهَ جَمِيْلٌ وَّ يُحِبُّ الْجَمَالَ“ جيڪڏهن اوهان مان ڪو پنهنجن ڀائرن سان ملڻ وڃي تو تہ (ڪپڙي لٽي ۾) تيار تي وڃي، چوتہ الله عزوجل پاڻ بہ جميل آهي ۽ جمال (خوبصورتيءَ) کي پسند ڪرڻ فرمائي ٿو. خدا جون اهي نعمتون ۽ نوازشون هن دنيا ۾ مؤمنن ۽ ڪافرن لاءِ يڪسان آهن، پر آخرت ۾ اهي نعمتون رڳو مؤمنن لاءِ مخصوص هونديون. خدا جي ربوبيت ۽ رحمت واري قانون کي هر انسان جائز طريقي سان حاصل ڪرڻ لاءِ برابر جو حقدار آهي، ان ڪري انهن تي هٺرادو بندشون ۽ پابنديون وجهڻ خدا جي حڪمن جي صريحًا خلاف ورزي آهي. اسان انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غلط روايتن ۽ رسمن کي ڇڏي، عقل ۽ دانش جي راهہ اختيار ڪن ٿا، تن لاءِ پنهنجون آيتون تفصيل سان بيان ڪيون ٿا. الله تعالىٰ زيب وزينت يعني خوش لباس ۽ پاڪيزه ڪاڌن کان منع نہ ڪيو آهي، اهو هٺ ٺوڪيو نظريو آهي. خدا تہ جن شين کان روڪيو آهي، اهي هي آهن تہ هر قسم جي بي حيائيءَ جا ڪم کلم کلا ڪجن يا لڪي ڇپي ڪجن، گناهہ جا ڪم جن ۾ انسان پروردگار جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ قوت ۽ استطاعت جي باوجود ڪوتاهي ڪري، جن سان انساني صلاحيتون ڪمزور ۽ مفلوج ٿي وڃن. ڪنهن سان بہ ناحق سرڪشي ۽ زيادتي ڪرڻ، خدا سان ٻين کي شريڪ ڪرڻ، جنهن انهن

۾ هن جي قانون سان انسان جي خود گهڙيل قانون جي تابعداري ڪرڻ ۽ خدا ڏانهن اهڙيون شيون منسوب ڪرڻ، جن جي اوهان کي خبر به نه هجي. خدا جو اهو قانون آهي ته قومن جي اصلاح لاءِ خدا پاران رسول ۽ ڪتاب نازل ٿيندا آهن، پوءِ جيڪا قوم خدا جي فرمان جي پوئواري ڪندي ته ان کي عروج حاصل ٿيندو آهي، پر جيڪڏهن ڪا قوم فساد، فتني ۽ ناجائز ڪمن ۾ مشغول رهندي آهي، ان کي هڪ مقرر مدت تائين مهلت ڏني ويندي آهي. اها مهلت واري مدت پوري ٿيڻ شرط ان قوم جو زوال شروع ٿي ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ اها مهلت ختم ٿي ويندي آهي ۽ ان جا نتيجا نڪرڻ لڳندا آهن، جيڪي هڪ گهڙي نه پٺتي ٿين ٿا ۽ نه هڪ گهڙي اڳ اچن ٿا. (يونس: 10/50-49-11، **الحجر:** 15/5-4، **بني اسرائيل:** 7/17) صحيح مسلم شريف جي هڪ حديث شريف جو مطلب آهي ته گناهه اهو آهي، جيڪو تنهنجي سيني ۾ ڪٽڪي ۽ ماڻهو ان کي ٻڌڻ، ڏسڻ بعد ان کي برو سمجهن.

هن اهم ۽ اڻ ٽر اصول ڏانهن توجه ڇڪائيندي، اسان انسانن کي تمدني زندگي جي ابتدا ۾ ئي اها تلقين ڪئي هئي ته اسان جا رسول توهان طرف وقت بوقت ايندا رهندا، جيڪي اوهان تائين اسان جون آيتون ۽ احڪام پهچائيندا رهندا، پوءِ اوهان ماڻهن مان جن تقوىٰ جو رستو اختيار ڪيو ۽ محتاط طريقي سان زندگي گذاري ۽ انهن قانونن مطابق پنهنجي زندگي بسر ڪئي ۽ پنهنجي اصلاح ڪندو رهيو، جنهن سان هو پاڻ به امن و سلامتي سان رهي ۽ ٻين کي به سڪون ۽ آرام سان رهڻ ڏئي ته ان سان اهڙو معاشرو جنم وٺندو، جنهن ۾ نه ڪنهن کي خوف هوندو نه وري هو غمگين ٿيندو.

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا
خٰلِدُوْنَ ﴿٣٦﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ
يَنَالُهُمْ نَصِيْبُهُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا يَتَوَفَّوْنَهُمْ ۙ
قَالُوْٓا اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا وَشَهِدُوْا
عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿٣٧﴾ قَالَ ادْخُلُوْا فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ

قَبۡلِكُمۡ مِّنَ الۡجِنِّ وَالۡاِنۡسِ فِى النَّارِ ؕ كُلَّمَا دَخَلَتۡ اُمَّةٌ لَّعَنَتۡ اُخۡتَهَا ؕ
حَتّٰۤى اِذَا ادَّارَكُوۡا فِيۡهَا جَمِيۡعًا ۙ قَالَتۡ اُخۡرٰٮهُمۡ لِاُوۡلٰٮهُمۡ رَبَّنَا هٰٓؤُلَاۤءِ
اَضَلُّوۡنَا فَاٰتِهِمۡ عَذَابًا ضِعۡفًا مِّنَ النَّارِ ۙ قَالَ لِكُلٍّ ضِعۡفٌ وَّلٰـكِنۡ لَّا
تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٣٨﴾ وَقَالَتۡ اُوۡلٰٮهُمۡ لِاُخۡرٰٮهُمۡ فَمَا كَانَ لَـكُمۡ عَلَيۡنَا مِنۡ فَضۡلٍ فَذُوۡقُوا
الۡعَذَابَ بِمَا كُنۡتُمۡ تَكۡسِبُوۡنَ ﴿٣٩﴾ ع

۽ جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو ۽ تڪبر ڪري ان ڪان منهن موڙيو، اهي ماڻهو دوزخي آهن، ان ۾ هميشہ رهندا.(36) ٻڌايو تہ ان شخص ڪان وڌيڪ ظالم ڪير هوندو جيڪو الله تي ڪوڙ هڻي يا ان جي آيتن کي ڪوڙو قرار ڏئي، اهڙن ماڻهن جي مقدر ۾ جيڪو (هن دنيا جي زندگي ۾ لکيل) حصو آهي، اهو انهن کي ملندو رهندو، تيستائين جو هنن وٽ اسان جا فرشتا سندن روح قبض ڪرڻ لاء ايندا ۽ ڪائن پڇندا تہ الله ڪانسواءِ اوهان جنهن کي سڏيندا هئا، اهي ڪٿي آهن، هو جواب ڏيندا تہ اهي گم ٿي ويا آهن ۽ پنهنجي مٿان گواهي ڏيندا تہ هو ڪافر هئا.(37) الله فرمائيندو تہ جنن ۽ انسانن جو جيڪو ٽولو اوهان ڪان اڳ گذري چڪو آهي، انهن سان گڏ توهان بہ دوزخ ۾ داخل ٿي وڃو. انهن مان جيڪو بہ گروهہ جڏهن دوزخ ۾ داخل ٿيندو تہ پنهنجي ساٿي ٽولي تي لعنت ڪندو، ايتري قدر جو جڏهن سڀ اتي ڪٺا ٿي ويندا تہ انهن مان پويون ٽولو پهرئين ٽولي لاءِ چوندو اي اسان جا رب! هي ئي اهي ماڻهو آهن، جن اسان کي گمراهہ ڪيو، ان ڪري هنن کي ٻاهہ جو ٻيڻو عذاب ڏي. ارشاد ٿيندو تہ اوهان سمورن لاءِ ٻيڻو عذاب آهي، جنهن جو اوهان کي پتو ناهي.(38) هنن جي موٽ ۾ پهريون ٽولو پوئين ٽولي لاءِ چوندو تہ اوهان کي اسان تي ڪا

۽ فضيلت ناهي سو اوهان ۽ پنهنجي ڪمائي جو ڪيتو لوڙيو ۽ عذاب جو مزو چکو.(39)

متقي ۽ نيڪ ماڻهن جي ابتڙ جيڪا ۽ قوم الله جي آيتن، حڪمن ۽ قانون جي خلاف ورزي ڪندي ۽ انهن کي ڪوڙو چوندي ۽ سرڪشي ۽ تڪبر جو اظهار ڪندي ته اها قوم يقيناً تباهه ۽ برباد ٿي ويندي ۽ پنهنجن ڪئن ڪرتوتن جي ڪري هميشه لاءِ دوزخ ۾ هوندي. اهو مضمون سورة البقره: 2/39-38، سوره طٰه: 20/ 124-123 ۾ آيو آهي. هت ان ساڳئي وعدي جي ياد ڏهاني لاءِ قريش کي چيو ٿو وڃي ته اوهان وٽ ۽ هڪ رسول خاتم النبيين صلی الله عليه وآله وسلم جي بعثت ٿي چڪي آهي. جيڪڏهن شيطان جي فتني کان بچڻ گهرو ٿا ته ان جي پيروي ڪريو، ورنه توهان مان جيڪو الله جي آيتن کي ڪوڙو سمجهندو، تڪبر ۽ غرور ڪري ان کان منهن موڙيندو ته اهڙي روش واري انسان کي دوزخ ۾ رهڻو پوندو. الله جي انهيءَ قانون مڪافات مطابق قومن جو عروج ۽ زوال يا حيات و موت جا فيصلا ٿيندا آهن. غور ڪريو ته اهڙي ظالم ماڻهو کان وڌيڪ ڪو ٻيو ماڻهو ظالم ٿي سگهي ٿو، جيڪو الله جي پاران آيل روشن دليلن ۽ آيتن کي تڪبر ۽ غرور ڪندي منهن موڙي ۽ انهن کي ڪوڙو قرار ڏئي. اهڙن مجرمن جي هر حالت ۾ گرفت ٿيندي پر خدا جي قانون ۾ مهلت ۽ آهي. مڪافات عمل کان اڳ مهلت واري وقت ۾ ٻين ماڻهن وانگر دنيا ۾ زندگي جا اسباب ملندا رهندا، پر جڏهن مهلت جي مدت ختم ٿيندي ته هن جي گرفت لاءِ الله جا فرشتا اچي ويندا ۽ ڪانئس پڇندا ته اوهان جا اهي معبود ڪيڏانهن ويا، جن کي اوهان پنهنجو معبود بڻايو هو. تنهن تي هو جواب ڏيندا ته اهي ڏسڻ ۾ نٿا اچن. ڪٿي گم ٿي ويا آهن، اسان جو ساٿ ڇڏي ويا آهن ۽ اهي مجرم ان وقت قبول ڪندا ته اسان الله کي ڇڏي، ٻين کي معبود بڻائي ڪفر ڪيو آهي. هنن مجرمن جي اقرار بعد کين ڏوهي قرار ڏئي چيو ويندو ته جنن ۽ انسانن مان جيڪي گروهه توهان کان اڳ گذري چڪا آهن، انهن سان گڏ اوهان ۽ دوزخ ۾ داخل ٿي وڃو. دوزخ ۾ داخل ٿيندڙ انهن گروهن مان هر هڪ پنهنجي ٻئي ساٿي گروپ تي لعنت وجهندو، هر هڪ ٻئي کي قصور وار ناهيندي چوندو ته اسان اوهان جي ڪري تباهه ٿي وياسون. پوءِ جڏهن اهي سمورا هڪ هنڌ گڏ ٿي ويندا ته جيڪي

بعد ۾ داخل ٿيا هئا، سي اڳ ۾ داخل ٿيل گروهہ لاءِ چوندا تہ اسان هنن جي نقش قدم تي هليا آهيون، اسان جي گمراهيءَ جو هي ڪارڻ آهن، انهيءَ ڪري هنن جي پنهنجي گمراهي واري عذاب سان گڏ اسان کي گمراهہ ڪرڻ واري عذاب جو جوابدار بنائي مٿن ٻيڻو عذاب ڪيو وڃي. (الاحزاب: 33/ 67-66) جنهن تي الله طرفان ڪين چيو ويندو تہ اوهان ٻنهي ڌرين لاءِ ڊبل عذاب آهي، جهڙي طرح اوهان پهرين جا پوئلڳ ٿي گمراهہ ٿيا هئا، اهڙي طرح توهان جي گمراهي سبب توهان کان پويان ايندڙ توهان جي تقليد ۾ گمراهہ ٿيا، اوهان اڻ ڄاڻ نہ ٿيو، ڊبل عذاب ٻنهي تي ٿيندو. ياد رهي تہ هي آخرت جو منظر آهي. پر هن دنيا ۾ بہ قومن جو زوال انهيءَ انڌي تقليد تي ٿيندو آهي. هن ساري مڪالمي بعد پهريون گروهہ پوئين گروهہ کي چوندو اوهان جو ۽ اسان جو ڏوهہ ساڳيو آهي، اوهان کي اسان تي ڪا فضيلت يا فوقيت ناهي، ان ڪري اوهان پنهنجن بدعملن جي عذاب جو مزو چکو.

إِنَّ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا وَاسْتَكْبَرُوا عَنْهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمْ أَبْوَابُ السَّمَاءِ
وَلَا يَدْخُلُونَ الْجَنَّةَ حَتَّىٰ يَلِجَ الْجَمَلُ فِي سَمِّ الْخِيَاطِ ۚ وَكَذَٰلِكَ نَجْزِي
الْمُجْرِمِينَ ﴿٤٠﴾ لَهُمْ مِنْ جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَمِنْ فَوْقِهِمْ غَوَاشٍ ۚ وَكَذَٰلِكَ
نَجْزِي الظَّالِمِينَ ﴿٤١﴾ وَالَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا
إِلَّا وُسْعَهَا أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٤٢﴾ وَنَزَعْنَا مَا
فِي صُدُورِهِمْ مِنْ غِلٍّ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهِمُ الْأَنْهَارُ ۖ وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلَّهِ
الَّذِي هَدَانَا لِهَٰذَا وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِيَ لَوْلَا أَنْ هَدَانَا اللَّهُ ۖ لَقَدْ جَاءَتْ
رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۖ وَنُودُوا أَنْ تِلْكُمُ الْجَنَّةُ أُورِثْتُمُوهَا بِمَا كُنْتُمْ
تَعْمَلُونَ ﴿٤٣﴾

الثلثة

هي قطعي فيصلو آهي تہ جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو آهي ۽ تڪبر ڪري ان کان منهن موڙيو آهي، انهن لاءِ آسمان جا دروازا ڪونہ ڪوليا ويندا ۽ اهي هرگز جنت ۾ داخل نہ ٿيندا، جيستائين اُٺ سوئيءَ جي سري مان نٿو گذري. ياد رکو اسان ڏوهارين کي اهڙي سزا ڏيندا آهيون.(40) انهن لاءِ دوزخ جو بسترو آهي ۽ مٿان ڍڪڻ جو اوڇڻ آهي. ياد رکو اسان ظالمن کي اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون.(41) پر هنن ڏوهارين جي برعڪس جن ماڻهن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيائون تہ اسان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ان جي قوت برداشت ۽ استطاعت کان وڌيڪ بار نہ وجهندا آهيون، اهي ئي جنتي ماڻهو آهن ۽ اهي ئي ان ۾ هميشہ رهندا.(42) انهن جي دلين مان سڀ رنجشون ڪڍي ڇڏينداسون. هنن جي هيٺان نهرون وهي رهيون هونديون ۽ هو چوندا تہ الله جو شڪر آهي تہ جنهن اسان کي هن رستي تي هلڻ جي هدايت بخشي آهي، پر جيڪڏهن الله اسان کي هدايت نہ بخشي ها تہ اسان هي رستو اختيار نہ ڪري سگهون ها. حقيقت اها آهي تہ الله طرفان موڪليل رسول بلڪل سچو پيغام کڻي آيا. ان مهل ئي هنن کي پڪاريو ويندو تہ هي جنت آهي، جنهن جو اوهان کي توهان جي عملن جي عوض وارث بڻايو ويو آهي. (43)

---

انساني تاريخ اهڙن مثالن سان لبريز آهي، جنهن ۾ مڪافات عمل جو قانون عمل پيرا آهي. حقيقت هي آهي تہ جيڪو ماڻهو بہ اللّٰه جي آيتن جي تڪذيب (ڪوڙو) ڪندو ۽ انهن خلاف سرڪشي، غرور ۽ تڪبير جو اظهار ڪندو آهي، چاهي اهو پنهنجو پاڻ ڪري يا ٻين ماڻهن جي تقليد ۾ اها روش اختيار ڪري ٿو تہ هن لاءِ آسمان جا دروازا هرگز نہ ڪوليا ويندا ۽ نہ وري جنت ۾ داخل ٿي سگهندو، اهو ايترو تہ ناممڪن آهي، جيترو اُٺ سئيءَ جي سوراخ مان نہ گذري وڃي. اهڙن غلط ماڻهن جا نتيجا بہ اهڙا ئي نڪرندا آهن. (المائده: 66/5، الاعراف: 7/98-96-71) اهي ڪڏهن بہ خدا جي رحمتن جا خوشگوار نتيجا نہ ڏسي

سگھندا آهن. اهڙن ماڻهن جو هر معاملو جهنم جو عذاب هوندو. ظالمن ۽ سرڪشي ڪندڙن جو هميشہ اهڙو نتيجو نڪتو آهي، جيڪو بلڪل انصاف مطابق آهي. پر جيڪي ماڻهو يا قوم الله تي ايمان آڻين ٿا يعني پنهنجي زندگي الله جي رضا مطابق گذارڻ گهرن ٿا، برن ڪمن کان پاڻ کي بچائي عمل صالح ڪندا رهن ٿا تہ انهن جو معاشرو جنتي معاشرو هوندو آهي. هن دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ هو انهيءَ ۾ هميشہ هوندا. اهڙن ماڻهن کي الله تعالیٰ سندن استطاعت ۽ قوت برداشت مطابق ذميداري عائد ڪندو آهي. ڪنهن کي سندس قوت برداشت کان وڌيڪ آزمائش کان محفوظ رکندو آهي، جنهن سان هن جي اندر جون صلاحيتون وڌيڪ وسعت پذير ٿي ويندیون آهن.(البقره: 286/2، المائده: 65/5، الانعام: 153/6، المؤمنون: 62/23) مقصود حيات حاصل ڪرڻ لاءِ اهي ضروري شيون آهن. انسان هجڻ جي ناطي اهڙي خوشگوار معاشري جي رهائشين ۾ بہ هڪ ٻئي طرفان بغض ڪيني، عداوت سازش وغيره جهڙي ڪدورت يا لغزش هوندي بہ، تہ الله تعالیٰ ان کي ختم ڪري ڇڏيندو (۽ اهي ماڻهو پيار تي هڪ ٻئي جي روبرو هوندا.) (الحجر:47/15) هنن جي زندگي سدا بهار هوندي، جن جي باغن جي دامن ۾ نهرون جاري هونديون ۽ بي ساختہ چئي ڏيندا تہ ڪيترو نہ حمد ۽ ثنا جي لائق آهي اها ذات جنهن اسان جي رهنمائي هڪ بهترين رستي طرف ڪئي. جيڪڏهن الله پاران اسان جي اهڙي رهنمائي نہ ٿئي ها تہ اسان ڪڏهن بہ هن مقام تي پهچي نہ سگهون ها. بلاشڪ الله جا موڪليل رسول حقيقي تعليم ڪٺي آيا، ان وقت اها ندا ايندي تہ هيءَ اها جنت آهي، جنهن جو اوهان کي نيڪ عملن جي ڪري وارث بڻايو ويو آهي، اها بشارت آخرت ۽ جنت لاءِ ۽ هن دنيا جي خوشگوار زندگي لاءِ يڪسان آهي.

وَ نَادٰۤى اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ اَصۡحٰبَ النَّارِ اَنۡ قَدۡ وَجَدۡنَا مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا
حَقًّا فَهَلۡ وَجَدۡتُّمۡ مَّا وَعَدَ رَبُّكُمۡ حَقًّا ؕ قَالُوۡا نَعَمۡ ۚ فَاَذَّنَ مُؤَذِّنٌۢ
بَيۡنَهُمۡ اَنۡ لَّعۡنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيۡنَ ۙ ۴۴ الَّذِيۡنَ يَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِيۡلِ

وقف لازم باختلاف

اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ كٰفِرُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَبَيْنَهُمَا حِجَابٌ ۚ

وَعَلَى الْاَعْرَافِ رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّا ۢ بِسِيْمٰىهُمْ ۚ وَنَادَوْا اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ

اَنْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ۣ قف لَمْ يَدْخُلُوْهَا وَهُمْ يَطْمَعُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَاِذَا صُرِفَتْ اَبْصَارُهُمْ

تِلْقَآءَ اَصْحٰبِ النَّارِ ۙ قَالُوْا رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾ ع ٥/٨/١٢

وَنَادٰۤى اَصْحٰبُ الْاَعْرَافِ رِجَالًا يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰىهُمْ قَالُوْا مَاۤ اَغْنٰى

عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٤٨﴾

جنت وارا ماڻهو ان موقعي تي دوزخ وارن کي سڏي پڇندا تہ اسان تہ ان وعدي کي سچو ڏٺو آهي، جيڪو اسان جي پروردگار اسان سان ڪيو هو، ڇا اوهان برن، ان وعدي کي ڏٺو جيڪو وعدو اللّٰه اوهان سان ڪيو هو. هو جواب ڏيندا تہ ها، پوءِ هڪ سڏ ڏيندڙ (سڏيندڙ) انهي دوران انهن وچ ۾ پڪاريندو تہ خدا جي لعنت هنن ظالمن تي هجي(44) ۽ انهن تي بہ جيڪي اللّٰه جي راهہ کان روڪيندا هئا ۽ ان ۾ عيب ڪڍندا هئا ۽ اهي ئي آخرت جا انڪاري آهن.(45) انهن ٻنهي ٽولن جي وچ ۾ پردي جي هڪ ديوار هوندي ۽ ڪجهہ بلندين (اعراف) تي ٻيا ماڻهو هوندا، هي انهن کي سندن علامت سان سڃاڻيندا هوندا ۽ جنت وارن کي پڪاري چوندا تہ اوهان تي سلامتي هجي. هي ماڻهو جنت ۾ داخل تہ نہ هوندا مگر ان جا اميدوار هوندا.(46) وري جڏهن هنن جون نگاهون دوزخ وارن ڏانهن ٽيڏيون تہ عرض ڪندا اي اسان جا پروردگار! اسان کي هنن مان نہ ڪجان(47) ۽ اهل اعراف، جهنم مان جن ماڻهن کي هو سڃاڻيندا هئا، هنن جي خاص نشانن جي ڪري کين چوندا تہ اڄ نہ توهان جي (جمعيت) جماعت توهان جي ڪم اچي ٿي ۽ نہ وري اوهان جو تڪبر، غرور ۽ دٻدٻو، جيڪو توهان دنيا ۾ ڪندا هئا.(48)

جن نيڪ ماڻھن کي سندن نيڪ اعمالن جي ڪري جنت ۾ موڪليو ويو ھو، اھي جھنم وارن کي سڏي ٻڌائيندا تہ جيڪي وعدا اسان جي پروردگار اسان سان ڪيا ھئا تہ اوھان کي جنت ۾ ھر طرح جون آسائشون ۽ آرام ميسر ھوندو، جيڪي طلب ڪندا اھو ملي ويندو، ڪنھن بہ قسم جو غم ۽ فڪر نہ ھوندو، اھو نيڪ نيڪ اسان کي ملي ويو آھي. ھاڻي توھان ٻڌايو تہ جيڪو الله اوھان کي چوندو ھو تہ توھان جي غلط روش جو نتيجو تباھي ھوندو، اوھان دروخ حوالي ٿيندا ۽ اتي ھر قسم جي عذاب ۾ مبتلا رھندا، ڇا خدا جو اھو وعدو بہ پورو نڪتو يا نہ نڪتو؟ دوزخي جواب ڏيندا تہ ھا، بلڪل سؤ سيڪڙو نيڪ نڪتو. اسان جي براين جا سڀ نتيجا ھڪ ھڪ ڪري اسان تي اچي ڪڙڪيا. انھيءَ دوران ھڪ پڪاريندڙ پڪاريندو تہ جيڪا بہ قوم خدا جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي تہ اھڙن ظالمن تي خدا جي ڦٽڪار ھوندي. يعني اھا قوم جيڪا الله جي رستي کان روڪيندي ۽ ماڻھن کي ان طرف اچڻ نہ ڏيندي ۽ خدا جي سڌي سنئين رستي ۾ ور وڪڙ پيدا ڪندي ۽ ماڻھن کي گمراھي ڏانھن وٺي ويندي تہ انھن جو شمار انھن ماڻھن ۾ ٿيندو، جيڪي قانون شڪني ۽ سرڪشي اختيار ڪندا آھن ۽ نہ وري آخرت ۾ الله آڏو مجرم جي حيثيت ۾ پيش ٿي حساب ڏيڻ جو سوچيندا آھن. جنت ۽ دوزخ جي زندگيءَ ۾ رات ۽ ڏينھن وارو (وڏو) فرق آھي، پر ڪفر ۽ ايمان جي درميان ھڪ سنھي لڪير آھي، جنھن کي پار ڪرڻ سان انسان ھڪ پر کان ٻئي پر پھچي وڃي ٿو. (الحديد: 12-15/57) انھن جنتي ۽ جھنمي جماعتن جي وچ ۾ ھڪ ديوار ھوندي، جنھن جي بلندين (اعراف) تي ڪجھ ممتاز انسان ھوندا، جيڪي ٻنھي ڌرين مان ھر ھڪ کي ڏسي رھيا ھوندا ۽ ھر ھڪ کي سندن نشاني مان سڃاڻيندا ھوندا. اھي اصحاب اعراف جنت وارن کي وڏي آواز پڪاري چوندا اوھان تي سلامتي ھجي، جو جنت ۾ داخل آھيو ۽ الله جي نعمتن ۽ نوازشن سان جنت ۾ ھر قسم جا مزا ماڻي رھيا آھيون. (الواقعه: 6/56 کان10) پر ھو پاڻ اجان ان جنت ۾ داخل نہ ٿيا ھوندا، مگر ڪين جنت جي گھڻي خواھش ھوندي، جيڪا جلدي پوري ڪئي ويندي. وري جڏھن ھنن جون نگاھون دوزخين ڏانھن ڪيون ونديون تہ انھن جي دوزخ ۾ حالت خراب ڏسي ڏڄي ويندا ۽ الله کي پڪاري عرض ڪندا تہ اسان جا پروردگار! اسان تي پنھنجي فضل جو ڦيرو ڪري انھن ظالمن سان جھنم ۾ شامل ٿيڻ کان

بچائجانءِ. اصحاب اعراف وري ڪجهہ ماڻهن کي، جن کي هو سڃاڻيندا هوندا تہ چوندا تہ دنيا
۾ تہ اوهان جي وڏي جماعت هئي، جيڪا هميشہ اوهان جو ساٿ ڏيندي هئي ۽ اوهان وڏي
تڪبر ۽ غرور واري دٻدٻي سان هوندا هئا، ڇا اهي اوهان جا ساٿي اڄ توهان جي ڪا بہ مدد
ڪري نٿا سگهن، اڄ توهان جي بي ڪسي ۽ بي حالي جي حالت ۾ اوهان جو اهو رعب
تاب دٻدٻو اڄ ڪنهن بہ ڪم نٿو اچي. اڄ اڪيلي سر هڪ عاجز ۽ بي بس انسان جي
صورت ۾ نظر اچي رهيا آهيو.

اَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمْتُمْ لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ بِرَحْمَةٍ ؕ اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ لَا خَوْفٌ
عَلَيْكُمْ وَلَآ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿٤٩﴾ وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ النَّارِ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ
اَفِيْضُوْا عَلَيْنَا مِنَ الْمَآءِ اَوْ مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ؕ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى
الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَهْوًا وَّلَعِبًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ
فَالْيَوْمَ نَنْسٰىهُمْ كَمَا نَسُوْا لِقَآءَ يَوْمِهِمْ هٰذَا ۙ وَمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿٥١﴾
وَلَقَدْ جِئْنٰهُمْ بِكِتٰبٍ فَصَّلْنٰهُ عَلٰى عِلْمٍ هُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾
هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا تَاْوِيْلَهٗ ؕ يَوْمَ يَاْتِيْ تَاْوِيْلُهٗ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ نَسُوْهُ مِنْ
قَبْلُ قَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۚ فَهَلْ لَّنَا مِنْ شُفَعَآءَ فَيَشْفَعُوْا لَنَآ
اَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ الَّذِيْ كُنَّا نَعْمَلُ ؕ قَدْ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ
مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٥٣﴾ ع ٦ ١٣

ذرا جنت طرف ڏسو ڇا جنت ۾ هي اهي ساڳيا ماڻهو آهن، جن جي باري ۾
توهان وڏا وڏا قسم کڻي چوندا هيا تہ هي ماڻهو ڪنهن بہ صورت الله جي
رحمت جا مستحق ٿي نٿا سگهن. اي جنت وارا اوهان هن جنت ۾ هميشہ لاءِ

رهو هاڻي نہ اوهان لاءِ خوف آهي نہ وري توهان غمگين ٿيندا. (49) هي دوزخي ماڻهو جنتي ماڻهن کي جنت ۾ ڏسي چوندا تہ پنهنجي طرفان ڪجهہ پاڻي اسان تي بہ وجهو ۽ جو رزق الله تعالیٰ اوهان کي ڏنو آهي، ان مان ڪجهہ ڏيو. هو چوندا تہ الله اهي ٻئي شيون (دوزخين) ڪافرن لاءِ حرام ڪيون آهن.(50) هي منڪر اهي ماڻهو آهن، جن پنهنجي دين کي کيل تماشو بڻايو ۽ جن کي دنيا جي زندگيءَ ڌوکي ۾ رکيو، سو اڄ اسان انهن کي اهڙيءَ طرح وساريندا سون، جهڙي طرح هنن هن ڏينهن واري خدا سان ملاقات کي وساريو هو ۽ جهڙي طرح هو اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا رهيا.(51) هن وقت اي پيغمبر خاتم النبيين ﷺ تنهنجي قوم جي انهن ماڻهن ڏانهن هڪ اهڙو ڪتاب آندو آهي، جنهن جو واضح بيان اسان هڪ قطعي علم جي بنياد تي رکيو آهي. ايمان آڻڻ وارن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي.(52) ڇا هي منڪر پنهنجي بداعماليءَ جي نتيجي جو انتظار ڪري رهيا آهن، جڏهن انهن جو برو نتيجو ظاهر ٿيندو تہ اهي ماڻهو جن هن کان اڳ (مڪافات عمل جو) انڪار ڪيو هو، ۽ ان کي وساري وينا هئا تہ چوندا بيشڪ اسان جي رب طرفان موڪليل پيغمبر بلڪل حق ۽ سچ جو پيغام کڻي آيا هئا، پر هاڻي آهي ڪو اهڙو سفارش ڪرڻ وارو جو اسان جي سفارش ڪري يا ڪا اهڙي صورتحال آهي جو اسان کي وري دنيا ڏانهن واپس ڪيو وڃي تہ اسان جيڪي اڳ ڪم ڪندا هئاسون، ان جي ابتڙ عمل ڪريون. درحقيقت هنن ماڻهن پاڻ کي نقصان ڏنو آهي ۽ جيڪي رٿون رٿيندا رهيا اهي سڀ انهن کان غائب ٿي ويون.(53)

---

اصحاب اعراف جيڪي اهل جنت ۽ اهل دوزخ جي وچ واري ديوار جي بلند برجن تي موجود هوندا ۽ پنهنجن نگاهن سان اهل جنت ۽ اهل دوزخ کي ڏسي رهيا هوندا، اهي جنت ۾ موجود ڪجهہ شخصيتن جهڙوڪ حضرت بلال، حضرت صهيب رومي، حضرت

ياسر رضي الله تعالیٰ عنهم جهڙن اولو العزم اصحابن ڏانهن اشارو ڪري دوزخين کان پڇندا ته هي اهي ساڳيا خوشقسمت انسان آهن، جن جي باري ۾ دنيا ۾ اوهان وڏا وڏا قسم کڻي چوندا هئا ته الله تعالیٰ پنهنجي رحمت سان مفلس ۽ نادار ماڻهن تي اسان جهڙن وڏي مان ۽ مرتبي وارن تي هرگز فضيلت ۽ فوقيت نه ڏيندو. ڏسو اڄ انهن کي چيو وڃي ٿو ته جنت جا دروازا اوهان لاءِ کليل آهن، جتي وڃو، جيڪو وڻي سو کائو پيئو. انهن جي مقابلي ۾ اوهان دوزخ جي باهه ۾ سڙي رهيا آهيو. جهنمي ماڻهو اهو ٻڌي ۽ اکين سان ڏسي جنتي ماڻهن کي عرض ڪندا ته اسان جي حالت تي رحم ڪري پنهنجن انهن جنتي نعمتن مان پاڻي يا رزق مان ڪجهه اسان کي به ذرو عنايت ڪريو ته اسان دوزخ جي هن عذاب کان ڪجهه وقت بچي سگهون. جنتي ماڻهو هنن کي جواب ڏيندا ته پروردگار هي نعمتون انهن کي عطا ڪندو آهي، جن هن تي ايمان آندو ۽ قانون الاهي مطابق پنهنجي زندگي گذاري. توهان جي بداعمالي، ڪفر ۽ شرڪ جي ڪري الله انهن نعمتن کي اوهان لاءِ حرام ڪري ڇڏيو آهي. اهي بدنصيب ماڻهو جن کي خدا جي رحمتن کان محروم ڪيو ويو آهي، اهي آهن جن کي زندگي جي پرڪشش نظارن اهڙو ته فريب ۾ رکيو، جو هنن دين کي کيل تماشو بڻائي پاڻ کي ڏوڪي ۾ وجهي ڇڏيو.(الانعام: 70/6) هنن جي هن بي توجهيءَ سبب اسان جي حڪمن کي وسارڻ ۽ اڄ واري ڏينهن جي ملاقات کي وساري ڇڏڻ ڪري اسان به کين پنهنجن رحمتن کان وساري ۽ محروم ڪري ڇڏيو آهي. هو دنيا واري زندگيءَ ۾ ايترا ته مدهوش ٿي ويا هئا، جو اسان جي آيتن کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون. اي رسول محترم خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ علیه وآله وسلم! حالانڪه اسان هنن کي هڪ اهڙو ڪتاب ڏنو آهي، جيڪو هر ڳالهه کي علم ۽ يقين جي بنيادن تي کولي کولي بيان ڪري ٿو. سڌي راهه جي رهنمائي ڪري ٿو ۽ انسانن کي گمراهيءَ جي غار مان ڪڍي روشني جي بلندين تي پهچائي ٿو، اهڙن انسانن کي جيڪي هن جي صداقت تي سچي دل سان ايمان رکن ٿا. چا هاڻي هي ماڻهو انهيءَ انتظار ۾ آهن ته جن شين کان کين ڊيڄاريو وڃي ٿو ڏسن ته ان جا ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا. واقعي ڪو عذاب اچڻ وارو آهي يا رڳو خالي دڙڪا دهمان آهن، پر جنهن ڏينهن هنن جي بدعملن، سرڪشي ۽ ڪفر جا نتيجا مڪافات عمل ذريعي ظاهر ٿيندا ۽ هنن کي عذاب هر طرف کان گهيري رهيو هوندو ته پوءِ چوندا ته اسان جي پروردگار جيڪي رسول موڪليا هئا، اهو برحق سچ

هيو. ڪاش اسان ان مان فائدو حاصل ڪريون ها. ڀلا هاڻي ڪو اهڙو سفارش ڪرڻ وارو آهي، جو اسان جي سفارش ڪري هن عذاب کان جان ڇڏائي يا اسان کي هڪ موقعو ڏئي وري دنيا ۾ واپس موڪليو وڃي ته يقينًا هاڻي اهي ڪم نه ڪنداسون، جيڪي هن کان اڳ ڪيا هئا. درحقيقت هو پاڻ کي پوري طرح برباد ۽ تباهه ڪري چڪا آهن ۽ جيڪو ڪوڙو ناهه هو ناهيندا رهيا آهن، اڄ اهو انهن کان گم ٿي ويو آهي. ان ڏينهن نه ڪو هنن جي حق ۾ سفارش ڪندو ۽ نه وري هنن کي ٻيهر دنيا ۾ موڪليو ويندو. هو پنهنجن گمراهين جي سزا ڀوڳيندا رهندا.

إِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِىْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى
عَلَى الْعَرْشِ قف يُغْشِى الَّيْلَ النَّهَارَ يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا لا وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُوْمَ
مُسَخَّرٰتٍۢ بِاَمْرِهٖ ط اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ ط تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۵۴﴾
اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً ط اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۵۵﴾ج وَلَا تُفْسِدُوْا
فِى الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَادْعُوْهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا ط اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ
الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۶﴾ وَهُوَ الَّذِىْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَىْ رَحْمَتِهٖ ط
حَتّٰۤى اِذَاۤ اَقَلَّتْ سَحَابًا ثِقَالًا سُقْنٰهُ لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَنْزَلْنَا بِهِ الْمَآءَ
فَاَخْرَجْنَا بِهٖ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ط كَذٰلِكَ نُخْرِجُ الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿۵۷﴾
وَالْبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخْرُجُ نَبَاتُهٗ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ج وَالَّذِىْ خَبُثَ لَا يَخْرُجُ
ع ۷ / ۱۴ اِلَّا نَكِدًا ط كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّشْكُرُوْنَ ﴿۵۸﴾ ع

بيشڪ توهان جو پروردگار اهو الله آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن مرحلن ۾ پيدا ڪيو آهي. هو پنهنجي مرڪزي تخت حڪومت تان براهه راست

ان جي نگراني ۾ اهتمام ڪري رهيو آهي. هن جي حڪم سان رات ڏينهن تي ڇانئجي وڃي ٿي ۽ وري ڏينهن رات جو تيزيءَ سان پيڇو ڪري رهيو آهي. سج چنڊ ۽ تارا پيدا ڪيا آهن، جيڪي هن جي حڪم (نظام) مطابق پنهنجي ڪارگذاريءَ ۾ مصروف آهن. ياد رکو ته خلق ۽ امر (يعني هي عالم محسوسات يا عالم ناسوت ان کان سواءِ اهڙو عالم جتان هن ڪائنات جي سرزد ٿيڻ وارا امر رونما ٿيندا آهن) اهي (سڀ الله جي مقرر نظام جي تڪميل لاءِ مصروف ڪار آهن) جهانن جو پروردگار اهڙو ته بابرڪت آهي، جنهن عقل کي حيران ڪندڙ اهڙو نظام قائم ڪيو آهي.(54) ان ڪري اوهان پنهنجي پروردگار کي عاجزي، انڪساري ۽ مانيٺي آواز سان پڪاريندا رهو، بيشڪ اُهو حد کان وڌي وڃڻ وارن کي پسند نٿو ڪري.(55) ۽ زمين تي امن و امان واري اصلاحي نظام ۾ فساد برپا نه ڪريو ۽ الله کي خوف ۽ اميد سان ياد ڪندڙ رهو. يقين ڄاڻو ته الله جي رحمت انهن ماڻهن جي قريب آهي، جيڪي احسان ڪندڙ آهن.(56) هي اهو الله آهي جيڪو پنهنجي رحمت (بارش) کان اڳ ۾ هوائن کي خوشخبري ڪري موڪليندو آهي، وري جڏهن اهي (هوائون) پاڻيءَ سان ٽمٽار بادل کڻي هلن ٿيون ۽ انهن کي هو ڪنهن غير آباد ميدان زمين طرف وٺي وڃي ٿو، جتي اهي مينهن وسائي غير آباد مرده زمين کي آباد ۽ زنده ڪري طرح طرح جا ميوا پيدا ڪري ٿو. ياد رکو، اسان اهڙي طرح مردن کي موت جي حالت مان ڪڍندا آهيون (يا سمجهو زوال پذير قومن کي وري ڪمال عطا ڪندا آهيون) ته شايد اوهان (هن مشاهدي مان) سبق حاصل ڪريو. پوءِ جيڪا زمين سٺي آهي اها پنهنجي رب جي حڪم سان سٺا ميوا ۽ ڦل ڏيندي آهي، پر جيڪا زمين خراب هوندي آهي، ان مان ناقص ۽ خراب پيداوار ڪانسواءِ ڪجهه به نٿو نڪري. اهڙي طرح اسان پنهنجين نشانين کي بار بار پيش ڪيون ٿا، اهڙن ماڻهن لاءِ جيڪي شڪر ڪرڻ وارا آهن.(58)

حقيقت ۾ اوهان جو پروردگار الله ئي آهي، جنهن الله آسمانن ۽ زمين کي ڇهن مرحلن (ڏينهن) ۾ پيدا ڪيو آهي، جن کي الله جون ڇهه تجليات/ تعينات سڏيو وڃي ٿو. ياد رهي ته هي اسان وارا چوويهه ڪلاڪن وارا ڏينهن رات مراد نه آهن. ڇو ته جڏهن سج، چنڊ ۽ تارا به پيدا نه ٿيا هئا ته پوءِ ڇهه ڏينهن ڪٿان آيا. (تفسير احسن البيان) الله جي تجلي به نور آهي ۽ ڏينهن به (روشن نور) آهن، ان ڪري انهن تجليات جي ڇهن مرحلن سان هي ڪائنات ڪالعدم ڪان وجود ۾ آئي، جنهن کي يَوْمُ سڏيو ويو آهي. ارشاد آهي ته ”اِنَّ يَوْمًا عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ“ (الحج: 47/22) يقينًا منهنجي رب جو هيءُ ڏينهن توهان جي هزار سالن برابر آهي. سورة المعارج 4/70 ۾ آهي: ”تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ“ فرشتا ۽ روح (جبريل) هڪ ڏينهن ۾ چڙهن ٿا جنهن جي مقدار پنجاهه هزار سال آهي. يوم جو صحيح ۽ اصل مراد ۽ مفهوم الله تعالىٰ ۽ سندس رسول خاتم النبيين ﷺ بهتر ڄاڻن ٿا. استویٰ علي العرش (عرش تي بلند بالا ۽ مستحڪم ٿيو) به الله جي ڪنهن هڪ هنڌ هجڻ هت استعاري طور سمجهائڻ لاءِ آيو آهي. يعني هو ڪائنات تي حڪم هلائڻ واري تخت تان پنهنجا حڪم هلائي رهيو آهي، جنهن ڪري هر شيءِ پنهنجن مقرر فرائض کي بنا ڪنهن نقص جي پوري جوش ۽ سرگرمي سان سر انجام ڏئي رهي آهي. هن ڪائنات جو وجود ۾ اچڻ ۽ ان جو پورو نظام هن جي دست قدرت جي مرهون منت آهي، جنهن موجب آسماني سيارا هڪ مضبوط ۽ غير متزلزل نظام هيٺ گردش ڪري رهيا آهن، جنهن ڪري رات جي اونداهي ڏينهن جي روشني کي ڍڪي ڇڏي ٿي ۽ وري ڏينهن رات کي ڌڪيلڻ لاءِ هن جو تيزيءَ سان پيڇو ڪري رهيو آهي. تفسير احسن البيان واري ”يَطْلُبُهٗ“ جو فاعل ”الليل“ کي ڪيو آهي، پوءِ معنىٰ ٿي ته ”رات، ڏينهن جو تيزيءَ سان پيڇو ڪري ٿي“. سج، چنڊ تارا سڀ هن جي امر جي شڪنجي ۾ آهن، ياد رهي ته خلق ۽ امر، يعني شين جو وجود ۾ اچڻ ۽ وجود ۾ اچڻ کان اڳ جو منصوبو مرحلو به سندس ئي مشيت موجب روان دوان آهي. هن ساري نظام تي غور ڪرڻ بعد اهو چوڻو ٿو پوي ته الله جي برڪتن سان هي عقل و هوش کي حيران ڪندڙ نظام قيام پذير آهي.

جڏهن اهو معلوم ٿي ويو ته سندس ربوبيت ۽ رحمت الله جي بي مثال ۽ لازوال

نظام سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي تہ پوءِ انسان کي گهرجي تہ سرڪشي ۽ وڏائي ڇڏي، الله کي عاجزي سان آهستي آهستي آواز ۾ ياد ڪري (بني اسرائيل: 110/17) ۽ ان جي مدد ۽ توفيق طلب ڪري ڇو تہ هو حدون پار ڪندڙ انسانن کي ڪڏهن بہ پسند نٿو ڪري. جڏهن خدا جي نظام سان معاشري ۽ ملڪ ۾ اصلاح ۽ امن جو رواج قائم ٿي وڃي تہ پوءِ ان ۾ فساد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. جيڪڏهن اوهان جو نارسا عقل اوهان کي غلط فيصلي ڪرڻ تي آماده ڪري تہ اوهان الله ڏانهن رجوع ڪريو ۽ ان کان اميد ۽ خوف ۾ رهي مدد حاصل ڪريو، دل ۾ هميشہ خدا جو خوف رهي تہ غلط ڪارڪردگيءَ جا نتيجا خراب نڪرندا ۽ هميشہ اميد رهي تہ الله جي پاران پلائي ٿيندي. ياد رکو تہ الله جي رحمت انهن ماڻهن جي قريب تر آهي، جيڪي احسان ڪندڙ آهن.(البقره: 22/2) فساد في الارض قتل کان بہ وڌو گناهہ آهي. خدا جي ربوبيت ۽ رحمت واري ڪائنات جي نظام تي غور ڪريو تہ هن کهڙي طرح هر جاندار جي زندهہ رهڻ ۽ ان کي زندگي جون ضرورتون مهيا ڪرڻ لاءِ باران رحمت جو اهتمام ڪيو آهي. هو پهريان خوشگوار هوائون هلائي ٿو، جيڪي بارش جي خوشخبري جي نويد ڏين ٿيون. پوءِ اهي پاڻيءَ سان لبريز بادلن کي غير آباد ۽ بنجر زمين طرف ڪٽي اچن ٿيون. جتي ساوڪ ۽ آباديءَ جو وجود بہ نہ هيو، اتي برسات جي برڪت سان هر طرف خوشحالي ۽ آبادي نظر اچي ٿي ۽ مرده يا غير آباد زمين کي نئين زندگي نصيب ٿئي ٿي، بلڪل اهڙيءَ طرح هن خارجي دنيا ۾ بہ موت کي حيات يا بي جان کي جاندار بڻائي ڇڏيون ٿا. اسان هنن مثالن کي ان ڪري پيش ڪري رهيا آهيون تہ توهان انهن مان سبق حاصل ڪري سگهو تہ هي قومن جو زوال ۽ عروج انهيءَ نظام جو حصو آهي. ”وَتِلْكَ الْاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ“ ۾ ”ايام“ مان مراد حڪومت/ حڪمران آهي، جيڪا برسات کي ڪائنات لاءِ مفيد بنائڻ لاءِ سني زرخيز زمين جو هجڻ بہ لازمي آهي، جتي الله جي اذن ۽ مشيت مطابق برسات پوڻ سان هر طرف هريالي ۽ عمدو فصل پيدا ٿئي ٿو، ڇو تہ هن زمين ۾ صلاحيت آهي تہ اها رحمتِ خداوند سان، سرسبز ۽ آباد ٿي، انسانن ۽ جاندارن جي معاش ۽ خوشحالي جي ضامن ثابت ٿئي، پر جيڪڏهن بنجر ڪلر واري ناڪاره زمين آهي تہ خدا جي هن رحمت مان اها ڪجهہ فائدو حاصل نٿي ڪري، اتي ڪو سلو بہ نٿو ڦٽي، پر جيڪڏهن ٿورو ڪجهہ پيدا ٿئي ٿو تہ اهو بہ ناقص هجي ٿو.

باران که در لطافتِ طبعش خلاف نیست
در باغ لاله روید در شور خار خس

(شيخ سعدي رحمة الله عليه)

**مينهن تہ هڪ جهڙو آهي، پر باغ واري سٺي زمين تي لاله زار پيدا ٿين ٿا ۽ کلر واري زمين تي ڪک ڪندا.**

هت بارش مان خدا جي هدايت ۽ رهبريءَ وارو نظام بہ مراد وٺي سگهجي ٿو ۽ زمين مان انساني صلاحيت ۽ ڪوشش ڏانهن اشارو آهي. يعني ڪي افراد يا قومون پنهنجي صلاحيت ۽ ڪوشش سان آسماني هدايت ۽ رحمت مان فائدو حاصل ڪرڻ جي قابل آهن، پر ڪي ماڻهو پنهنجي بي توجهي ۽ سستي ڪاهليءَ سبب فائدا حاصل ڪرڻ کان محروم آهن. اسان پنهنجي قانون ۽ آيتن کي مختلف رخن سان پيش ڪري اصل حقيقتن کي واضح ڪيون ٿا تہ توهان ان مان مستفيد ٿي خدا جا شڪر گذار بڻجا ٿيون.

لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ
اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنِّىْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿۵۹﴾ قَالَ الْمَلَاُ
مِنْ قَوْمِهٖۤ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۶۰﴾ قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ بِىْ ضَلٰلَةٌ
وَّلٰكِنِّىْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۶۱﴾ اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّىْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ
وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۶۲﴾ اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ
رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۶۳﴾
فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِى الْفُلْكِ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا
بِاٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ﴿۶۴﴾ ع ٨ ١٥

اسان نوح عليہ السلام کي سندس قوم ڏانهن رسول ڪري موڪليو هيو. هن انهن کي دعوت ڏني تہ منهنجي قوم جا افراد! الله جي بندگي ڪريو، ان ڪانسواءِ ڪو بہ اوهان جو معبود ناهي، مان اوهان تي هڪ هولناڪ ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو.(59) هن جي قوم جي رئيسن جواب ڏنو تہ اسان تہ توکي وڏي گمراهيءَ ۾ ڏسون ٿا.(60) هن چيو تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مان گمراهيءَ ۾ نہ آهيان، پر رب العالمين پاران موڪليل رسول آهيان.(61) توهان کي پنهنجي پروردگار جا پيغام پهچائي رهيو آهيان. توهان جي خير خواهي ڪيان ٿو ۽ الله جي طرفان اهو ڪجهہ ڄاڻان ٿو، جنهن جي توهان کي خبر ناهي.(62) ڇا هن ڳالهہ تي تعجب ڪري رهيا آهيو تہ توهان ڏانهن توهان مان ئي هڪ شخص جي ذريعي نصيحت آئي آهي تہ جيئن هو توهان کي خبردار ڪري، ان ڪري تہ اوهان الله جي عذاب کان ڊڄو ۽ ان لاءِ تہ اوهان تي رحم ڪيو وڃي.(63) ان هوندي بہ انهن هن کي وري ڪوڙو چيو تہ پوءِ اسان هن کي ۽ جيڪي هن سان ٻيڙي ۾ گڏ هئا انهن کي نجات ڏني ۽ ٻين انهن سمورن ماڻهن کي غرق ڪري ڇڏيو، جنهن بہ اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو، يقينًا هو دل ۽ دماغ کان انڌا ٿي ويا هئا.(64)

هاڻي وري خارجي دنيا تي نظر ڦيرايو ۽ تاريخي حقيقتن تي غور ڪريو تہ عالم انسانيت لاءِ اسان جو رهبري ۽ هدايت وارو قانون ۽ نظام ڪهڙي طرح ڪارفرما آهي. اسان ماڻهن جي هدايت لاءِ رسول ۽ ڪتاب موڪلڻ جو اهتمام ڪيو ۽ انهيءَ نظام کي جاري رکڻ لاءِ اسان حضرت نوح عليہ السلام کي اهو ئي قانون ڏئي موڪليو. هن پنهنجي قوم کي چيو تہ خدا جي محڪومي قبول ڪريو. هن جي ذات يڪتا ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ اهڙي هستي ناهي، جنهن جي اطاعت اختيار ڪجي. جيڪڏهن اوهان پنهنجي اصلاح نہ ڪئي ۽ انهيءَ ساڳي روش تي قائم رهيا تہ مان ڏسان ٿو تہ اوهان تي وڏي تباهي آڻيندڙ عذاب اچڻ وارو آهي. پر هن جي قوم جي سردارن جن وٽ مال و دولت جي فراواني هئي ۽

حڪومت ۽ اقتدار جي واڳ هٿ ۾ هئي. انهن لاءِ هي هدايت نامو انقلابي پيغام هو. ان ڪري هنن نوح ﷤ ڪي چيو تہ تون عجيب الٽي رستي جو ڏس ڏئي رهيو آهين، جيڪو اسان کي تباهي ۽ تنگ دستيءَ طرف وٺي ويندو. اسان کي پنهنجي هن طور طريقي اختيار ڪرڻ سان خوشحالي ۽ مال دولت جي فراواني حاصل آهي. تون اسان کي تباهي ۽ برباديءَ طرف وٺي وڃڻ ٿو گهرين. تون بلڪل گمراهہ ۽ ڀٽڪيل نظر اچين ٿو. نوح ﷤ کين چيو تہ نہ مان غلط رستي تي آهيان ۽ نہ وري توهان کي غلط رستي طرف دعوت ڏئي رهيو آهيان. مان تہ توهان جو خير خواهہ آهيان ۽ اوهان کي حق ۽ سچائي جي راهہ ٻڌايان ٿو، مان ان الله جو موڪليل رسول آهيان، جيڪو الله هن پوري ڪائنات ۾ مخلوقات جي ربوبيت ڪري کين حد ڪمال تائين پهچائڻ وارو آهي. اوهان کي منهنجو هي نوع انساني جي اصلاح، ڀلائي ۽ خوشحالي وارو عالمگير رباني نظام ان ڪري قبول ناهي جو اوهان ذاتي مفادن جي فڪر ۾ قاتل آهيو. درحقيقت هي حق نما ۽ ڪاميابي جو نظام منهنجو پنهنجو گهڙيل ۽ هٿ جو ناهيل نہ آهي، پر هي ازلي ۽ ابدي هدايت ۽ رهبري جو ڪامل ۽ مڪمل پيغام الله جي حڪم سان ان جي طرفان اوهان وٽ پهچائي رهيو آهيان. مان توهان جو هرگز بدخواهہ ناهيان، اوهان جي ڀلائي گهرڻ وارو خير خواهہ آهيان. آءٌ تہ الله طرفان عطا ڪيل علم جي بنياد تي اوهان کي اهو ٻڌائڻ گهران ٿو جنهن جو اوهان کي علم ناهي. اوهان جي خيال ۾ توهان جي روش فلاح ۽ ڪامراني جي راهہ آهي، پر مون کي پڪو پتو آهي تہ اوهان تباهي ۽ بربادي واري رستي تي گامزن آهيو. اوهان پنهنجي ان مغروري ۽ جهالت جا شڪار آهيو ۽ تعجب ڪريو ٿا تہ خدا پنهنجو پيغام توهان تائين پهچائڻ لاءِ اهڙي انسان جي ذريعي چو ڪيو آهي، جيڪو توهان مان ئي آهي ۽ توهان جي برادريءَ مان آهي ۽ اوهان کي بداعمالين جي نتيجي ۾ تباهہ ڪن حالتن کان آگاهہ ڪري ٿو تہ جيئن توهان حق جو رستو اختيار ڪري، تباهيءَ کان بچي وڃو ۽ خدا جي رحمتن سان مالامال ٿي وڃو.

پر هن ضدي ۽ ناسمجهہ قوم نوح ﷤ جي هر نصيحت ۽ هدايت کي ڪوڙو سڏيو ۽ پنهنجي روش تي قائم رهي پنهنجي تباهي جو سامان پيدا ڪيو. آخرڪار اسان ان کي ۽ ان جي ساٿين کي ٻيڙي جي وسيلي ان عذاب الاهي کان بچائي ورتو، جيڪو هن جي

قوم جي ماڻهن تي پيغام رباني کي ڪوڙو سمجهڻ ڪري آيو هو. جنهن ۾ هن (نااهل قوم) کي غرق ڪيو ويو هو. حقيقت اها آهي ته هو عقل و دانش کان محروم ٿي ويا هئا. جو هنن نوح عليه السلام کي ٻيڙي ٺاهيندي به ڏٺو ۽ الله جي عذاب کان خبردار ڪرڻ وارو به ڏٺو پر ان هوندي به هنن کي حق ۽ سچ جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

وَإِلَىٰ عَادٍ أَخَاهُمْ هُودًا ۗ قَالَ يَٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُۥٓ ۚ
أَفَلَا تَتَّقُونَ ﴿٦٥﴾ قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِن قَوْمِهِۦٓ إِنَّا لَنَرَىٰكَ
فِى سَفَاهَةٍ وَإِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكَٰذِبِينَ ﴿٦٦﴾ قَالَ يَٰقَوْمِ لَيْسَ بِى سَفَاهَةٌ
وَلَٰكِنِّى رَسُولٌ مِّن رَّبِّ الْعَٰلَمِينَ ﴿٦٧﴾ أُبَلِّغُكُمْ رِسَٰلَٰتِ رَبِّى وَأَنَا۠ لَكُمْ
نَاصِحٌ أَمِينٌ ﴿٦٨﴾

اهڙيءَ طرح عاد جي قوم ڏانهن ان جي برادريءَ مان هود عليه السلام کي موڪليو. هن پنهنجي قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان کانسواءِ اوهان جو ڪو به معبود ناهي، ڇا پوءِ ڊڄو نٿا؟(65) هن جي قوم جي سردارن جيڪي منڪر هئا، هن کي چيو ته يقيناً اسان توکي بي وقوفيءَ جو شڪار ڏسون ٿا ۽ اسان جو خيال آهي ته تون ڪوڙو آهين.(66) هن چيو ته اي منهنجي قوم! مان ڪنهن حماقت ۾ مبتلا نه آهيان، پر رب العالمين جو رسول آهيان. (67) توهان کي پنهنجي پروردگار جا پيغام پهچائي رهيو آهيان ۽ پوري ديانت سان اوهان جي خير خواهي ڪندڙ آهيان.(68)

اهڙيءَ طرح انسانن جي رشد و هدايت جو سلسلو جاري رکندي اسان عاد جي قوم ڏانهن سندن برادريءَ مان حضرت هود عليه السلام کي موڪليو. ان به ٻين رسولن وانگر

پنهنجي قوم کي نصيحت ڪندي چيو ته الله جي اطاعت ڪندي ان جي حڪمن جي پيروي ڪريو، ڇو ته الله وحده لا شريڪ له کان سواءِ اهڙي ڪا طاقتور قوت ڪانهي جنهن جي حڪمن کي تسليم ڪري، هن جي حڪمن جي روشني ۾ زندگي اختيار ڪجي، ڇا توهان قانون شڪني کان باز رهي، زندگيءَ جي تباهين ۽ بربادين کان بچڻ نٿا گهرو. بلڪل نوح عليه السلام جي قوم وانگر هن جي قوم جي وڏڻ ۽ سردارن جن کي مال و دولت جي فراواني ۽ حڪومت ۽ اقتدار جو نشو هو، جن هن مخلصانه دعوت جي مخالفت ڪئي تن چيو ته اسان کي لڳي ٿو ته تون عقل کان عاري آهين، تنهنجي اها دعوىٰ ته تون اهو پيغام خدا وٽان ورتو آهي، سو ڪوڙو آهي. قوم جي هن هتڪ پريي جواب ۾ هن ڪين چيو ته مان عقل و خرد وڃائي نه وينو آهيان ۽ جو ڪجهه مان اوهان کي چئي رهيو آهيان، اهو سو فيصد سچ ۽ حق آهي. مان ان پروردگار جو پيغمبر آهيان، جيڪو پنهنجي بي مثال ربوبيت سان پوري ڪائنات ۽ عالمگير انسانيت کي پالي رهيو آهي. اوهان هن عوام جي برابريءَ سان اصلاح ڪندڙ پيغام کي رڳو انهي ڪري ٺڪرائي رهيا آهيو، جو اوهان پنهنجن ذاتي مفادن جي ور چڙهيل آهيو. مون کي انهيءَ لاءِ اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي ته جيئن مان پنهنجي پروردگار جا اوهان کي حد ڪمال تائين پهچائڻ وارا پيغام پهچايان. مان ته اوهان جو خيرخواهه آهيان، هميشه اوهان جي بهتري گهران ٿو. مون تي ڀروسو ڪريو. مان توهان کي امن ۽ سلامتي واري راهه ڏيکارڻ گهران ٿو. خبر ناهي ته اوهان الائي ڇو هن مخلصانه دعوت کان ڀڄي رهيا آهيو.

اَوَ عَجِبۡتُمۡ اَنۡ جَآءَكُمۡ ذِكۡرٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ عَلٰى رَجُلٍ مِّنۡكُمۡ لِيُنۡذِرَكُمۡ ؕ
وَاذۡكُرُوۡۤا اِذۡ جَعَلَكُمۡ خُلَفَآءَ مِنۡۢ بَعۡدِ قَوۡمِ نُوۡحٍ وَّزَادَكُمۡ فِى الۡخَلۡقِ
بَصۜۡطَةً ۚ فَاذۡكُرُوۡۤا اٰلَاۤءَ اللّٰهِ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوۡۤا اَجِئۡتَنَا
لِنَعۡبُدَ اللّٰهَ وَحۡدَهٗ وَنَذَرَ مَا كَانَ يَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَا ۚ فَاۡتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ
اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ قَدۡ وَقَعَ عَلَيۡكُمۡ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ رِجۡسٌ

وَّ غَضَبٌ ؕ اَتُجَادِلُوْنَنِیْ فِیْۤ اَسْمَآءٍ سَمَّیْتُمُوْهَاۤ اَنْتُمْ وَ اٰبَآؤُكُمْ مَّا نَزَّلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ فَانْتَظِرُوْۤا اِنِّیْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِیْنَ ۝٧١ فَاَنْجَیْنٰهُ وَ الَّذِیْنَ مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَ قَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِیْنَ كَذَّبُوْا بِاٰیٰتِنَا وَ مَا كَانُوْا مُؤْمِنِیْنَ ۝٧٢ ع

ع ٩ ١٢ ٨

چا توهان ان ڳالهہ تي تعجب ڪريو ٿا تہ توهان ڏانهن خود اوهان منجهان هڪ شخص جي ذريعي سان توهان جي پروردگار جي ياد ڏهاني (نصيحت) آئي آهي تہ هو توهان کي خبردار ڪري، ياد ڪريو جڏهن نوح جي قوم بعد توهان کي اقتدار ڏٺي ڪيو ۽ توهان کي جسماني طور مضبوط بنايو، سو الله جي نعمتن کي ياد ڪريو تہ جيئن ڪاميابي حاصل ڪري سگهو.(69) هنن جواب ۾ چيو تہ تون اسان وٽ انهيءَ لاءِ آيو آهين تہ اسان هڪ خدا جي عبادت ڪريون ۽ انهن سان قطع تعلقات ڪريون، جن جي عبادت اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا آيا آهن. جيڪڏهن تون اها ڳالهہ نٿو سمجهين تہ جنهن عذاب جي اسان کي ڌمڪي ڏئي رهيو آهين، سچو آهين تہ پلي اهو عذاب اسان تي واقع ڪر.(70) هن وراڻيو تہ اوهان تي توهان جي رب پاران گندگي ۽ غضب اچي چڪو آهي، چا توهان مون سان انهن نالن تي جهڳڙو ڪري رهيا آهيو، جيڪي (هٿ ٺوڪيا) نالا توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن رکيا آهن، جن بابت الله طرفان ڪا سَندَ (ثبوت) نازل ناهي ٿيو. چڱو هاڻي اوهان بہ انتظار ڪريو ۽ مان بہ انتظار ڪريان ٿو.(71) آخرڪار اسان هن کي ساٿين سميت پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو ۽ انهن ماڻهن جي پاڙ پٽي ڇڏي، جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽ انهن کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا.(72)

هود ﷤ پنهنجي قوم کي شش و پنج ۾ ڏسي، مخاطب ٿيندي ڪين چيو تہ توهان هن ڳالهہ تي حيران آهيو تہ الله اوهان مان ئي ڪنهن کي توهان جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ چو منتخب ڪيو آهي ۽ پنهنجو رسول ڪري موڪليو آهي تہ اوهان کي خدا جي عذاب کان ڊيڄاري، حالانڪ هن منصب لاءِ ڪو خاص قسم جي خلقت واري انسان کي خدا پيغمبر ڪري موڪلي ها. توهان جي اها سوچ خدا جي سنت جي خلاف آهي. هن کان اڳ بہ حضرت نوح ﷤ اچي چڪو آهي، جيڪو بہ پنهنجي قوم جو فرد هو. هاڻي الله توهان کي نوح ﷤ کان پوءِ اقتدار عطا ڪيو آهي ۽ ڪيترين نوازشن سان نوازيو آهي. مال دولت ۽ خوشحالي کان سواءِ اوهان کي توهان جي تخليق ۾ قدوقامت عقل و دانش ۽ فهم و فراست جي فراواني ڪئي آهي. اوهان کي معلوم آهي تہ نوح ﷤ جي قوم جي تباهي چو آئي، ان مان سبق حاصل ڪريو ۽ الله جي خاص عنايتن، مهربانين ۽ نوازشن جي موٽ ۾ سندس حڪمن جي پيروي ڪري فلاح ۽ بهبود حاصل ڪريو.

حضرت هود ﷤ جي هن پر خلوص دعوت جي جواب ۾ هنن چيو تہ ڇا تون اسان کي اهو چوڻ آيو آهين تہ جن هستين کي اسان جا ابا ڏاڏا معبود سمجهندا هئا، انهن کي ڇڏي ڏيون ۽ انهن سان قطع تعلقات ڪري، رڳو تنهنجي اڪيلي الله جي عبادت ڪريون. ”اَوَلَوۡ كَانَ اٰبَآؤُهُمۡ لَا يَعۡقِلُوۡنَ شَيۡـًٔا وَّلَا يَهۡتَدُوۡنَ○“ (البقره: 170/2) توڙي هنن جا ابا ڏاڏا ڪجهہ نہ سمجهندا هيا ۽ هو هدايت تي بہ نہ هيا. تنهنجي خيال ۾ اسان ۽ اسان جا وڏڙا بي سمجهہ ۽ بي خبر هئا. حالانڪ تون ڏسين ٿو تہ اسان پنهنجي هن روش ۽ طور طريقي کي قائم رکندي ڪيترا خوشحال ۽ معزز آهيون. اسان تنهنجي ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهيون. جيڪڏهن واقعي تون پنهنجي دعوت ۾ سچو آهين تہ پلي اسان تي ان عذاب کي موڪل، جنهن کان بار بار ڊيڄاري رهيو آهين. مڪي جي قريش بہ توحيد جي دعوت جي جواب ۾ رسول الله ﷺ لاءِ چيو هيو: ”اَللّٰهُمَّ اِنۡ كَانَ هٰذَا هُوَ الۡحَـقَّ مِنۡ عِنۡدِكَ فَاَمۡطِرۡ عَلَيۡنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ اَوِ ائۡتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيۡمٍ○“ (الانفال: 32/8) اي الله! جيڪڏهن هي تنهنجي طرفان حق آهي تہ اسان تي آسمان طرفان پٿرن جو مينهن وساءِ يا ڪو ٻيو دردناڪ عذاب اسان تي موڪلي ڇڏ. حضرت هود ﷤ چيو تہ اوهان جنهن عذاب جو چئي رهيا آهيو اهو عذاب اوهان مٿان اچڻ وارو آهي ۽ ان جا هولناڪ نتيجا ظاهر ٿيڻ وارا آهن. توهان مون

سان پنهنجي انهن معبودن جي نالن تي جهڳڙو ڪري رهيا آهيو، جن جي ڪا حيثيت ۽ حقيقت ناهي. اهي توهان جي پنهنجن هٿن جون گهڙيل مورتيون آهن يا ڪي فرضي ۽ خيالي نالا آهن، جيڪي توهان جي وڏڙن جا رکيل آهن ۽ توهان هڪ الله کي ڇڏي تباهيءَ جي رستي تي هلي رهيا آهيو، جن لاءِ خدا طرفان ڪا سَنَدَ يا ثبوت نہ آهي. (النجم: 23/53) توهان منهنجي پر خلوص ۽ همدردانا نصيحت قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيو تہ پوءِ نتيجن جو مان بہ انتظار ڪريان ٿو ۽ اوهان بہ انتظار ڪريو. سو جڏهن مڪافات عمل ذريعي نتيجا ظاهر ٿيڻ لڳا تہ اسان هود عليه السلام ۽ ان جي ساٿين کي تباهي کان بچائي ورتو، پر جن نامراد ماڻهن اسان جي قانون کي قبول نہ ڪيو هو ۽ ان کي ڪوڙو قرار ڏنو هو، ان جي پاڙ پٽي ختم ڪري ڇڏيو. (هود: 59/11، الاحقاف: 46/25-24، الحاقة: 69/8-6)

وَإِلَىٰ ثَمُودَ أَخَاهُمْ صَالِحًا ۗ قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُ ۖ قَدْ جَاءَتْكُم بَيِّنَةٌ مِّن رَّبِّكُمْ ۖ هَٰذِهِ نَاقَةُ اللَّهِ لَكُمْ آيَةً ۖ فَذَرُوهَا تَأْكُلْ فِي أَرْضِ اللَّهِ ۖ وَلَا تَمَسُّوهَا بِسُوءٍ فَيَأْخُذَكُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٧٣﴾ وَاذْكُرُوا إِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَاءَ مِن بَعْدِ عَادٍ وَبَوَّأَكُمْ فِي الْأَرْضِ تَتَّخِذُونَ مِن سُهُولِهَا قُصُورًا وَتَنْحِتُونَ الْجِبَالَ بُيُوتًا ۖ فَاذْكُرُوا آلَاءَ اللَّهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ مُفْسِدِينَ ﴿٧٤﴾ قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا مِن قَوْمِهِ لِلَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا لِمَنْ آمَنَ مِنْهُمْ أَتَعْلَمُونَ أَنَّ صَالِحًا مُّرْسَلٌ مِّن رَّبِّهِ ۚ قَالُوا إِنَّا بِمَا أُرْسِلَ بِهِ مُؤْمِنُونَ ﴿٧٥﴾ قَالَ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا إِنَّا بِالَّذِي آمَنتُم بِهِ كَافِرُونَ ﴿٧٦﴾

وقف لازم

۽ ثمود جي قوم ڏانهن اسان انهن جي برادريءَ مان صالح عليه السلام کي موڪليو. هن چيو تہ اي منهنجي قوم جا باشندؤ! الله جي بندگي ڪريو ان ڪانسواءِ ڪو

ٻہ اوهان جو معبود ناهي. توهان ڏانهن توهان جي پالڻهار جو چٽو دليل اچي ويو آهي. هيءَ الله جي ڏاچي اوهان لاءِ هڪ آيت (نشاني) طور موجود آهي، ان کي ان کي آزاد ڇڏي ڏيو تہ اها خدا جي زمين تي ڪائيندي (پئيندي) رهي، هن کي ڪڏهن بہ بري ارادي سان هٿ نہ لڳائيو، ورنہ هڪ درد ناڪ عذاب توهان تي نازل ٿي ويندو.(73) ياد ڪريو اهو منظر، جڏهن الله عاد جي قوم کان پوءِ اوهان کي اقتدار عطا ڪيو ۽ زمين تي اوهان جا قدم ڄمايا، توهان ان (زمين) جي ڪليل ميدانن ۾ عاليشان محل اڏيو ٿا ۽ پهاڙن کي ڪٽي گهر ناهيو ٿا. سو الله جي احسانن کي ياد ڪريو ۽ زمين ۾ فساد برپا ڪرڻ وارا نہ ٿيو.(74) قوم جي متڪبر ۽ مک ماڻهن پنهنجي قوم جي انهن ڪمزور ۽ زيردست ماڻهن جيڪي ايمان آڻي چڪا هئا، کان پڇيو تہ ڇا اوهان جي خيال ۾ صالح ﷺ پنهنجي رب طرفان رسول ڪري موڪليو ويو آهي. هنن جواب ڏنو تہ اسان ان پيغام کي مڃون ٿا، جنهن سان هو موڪليو ويو آهي.(75) ان تي هنن تڪبر ڪندڙن چيو تہ اوهان جنهن تي ايمان آندو آهي اسان ان جو انڪار ڪيون ٿا.(76)

---

اهڙيءَ طرح ثمود جي قوم ڏانهن انهن جي برادريءَ مان صالح ﷺ کي موڪليو. هن بہ چيو تہ اي منهنجي قوم (برادري)! هڪ الله جي عبادت ڪريو ۽ ان جي حڪمن جي تابعداري ڪيو. ان يڪتا الله کانسواءِ ٻي ڪا بہ اهڙي هستي ناهي، جنهن کي معبود بڻائي ان جي آڏو سربسجود ٿجي. توهان جي رب پاران توهان ڏانهن چٽا ۽ صاف صاف دليل اچي چڪا آهن. توهان پاڻ کي خودمختار ۽ هر قانون کان بالاتر سمجهو ٿا. الله طرفان عطا ٿيل اسباب معاش کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي ان تي قابض آهيو، حالانڪ اهو صلهِ عام آهي. ائين ڇئي هن ثمود جي حڪمران ۽ صاحب اقتدار طبقي جي وڏيرن ۽ وڏ ماڻهپ لاءِ کليو چئلينج ڪيو. ياد رهي تہ ثمود ۽ عاد جي قوم پنهنجي دور جي مضبوط ۽ طاقتور قوم هئي، جنهن کي ان وقت جي قومن تي فوقيت حاصل هئي. حضرت صالح ﷺ کين

چيو تہ خدا جو نظامِ ربوبيت جيڪو سيني انسانن لاءِ يڪسان آهي، ڪي جيڪڏهن تسليم ڪريو ٿا تہ هيءَ هڪ ڏاچي الله جي آهي، ڪنهن جي ذاتي ملڪيت ناهي، ان ڪي زمين تي آزاد سمجهي ڪيس چرڻ ڦرڻ جي ڪلي اجازت ڏيو، هڪ ڏينهن جو پاڻي هن لاءِ خاص آهي تہ هڪ ڏينهن جو پاڻي توهان جي استعمال لاءِ آهي. الله جي قانون مساوات ڪي تسليم ڪيو ٿا تہ پوءِ هن ڏاچيءَ ڪي ڪو بہ اهنج نہ رسايو، ورنہ قانون شڪني جي جرم ۾ اوهان تي عذاب ايندو. (الشعراء: 154/26 ڪان 158، الشمس: 13/91 ڪان 15) صالح ﷺ ڪين چيو تہ اوهان عاد قوم جو حشر ڏسي چڪا آهيو تہ خدا جي نافرماني ۽ سندس قانون جي خلاف ورزي جو نتيجو ڪهڙو آهي، هنن جي سرڪشي ۽ حڪم عدولي جي نتيجي ۾ هنن ڪي هلاڪت ۽ بربادي ڏسڻي پئي، جنهن بعد الله اوهان ڪي هنن جي جاءِ تي اقتدار ڏٺي ڪيو ۽ زمين تي اوهان جي حڪمرانيءَ ڪي محفوظ ۽ مضبوط بڻايو. توهان الله جي زمين تي ڪليل ميدانن تي وڏا وڏا محلات تعمير ڪريو ٿا ۽ پهاڙن ڪي ترڇي ان ۾ محفوظ گهر بڻايو ٿا. توهان خدا جي انهن احسانن ۽ انعامن ڪي ياد رکو ۽ قانون شڪني ڪري ملڪ ۾ فساد برپا نہ ڪريو. حضرت صالح ﷺ جو اهو مشورو هنن ڪي سنو نہ لڳو. ان ڪري ثمود قوم جي سرڪش ۽ متڪبر اڳواڻن جن ڪي پنهنجي بي انتها مال دولت تي غرور هو ۽ وڏماڻهپي جي نشي ۾ مدهوش هئا، تن مؤمنن جي جماعت جيڪا ڪمزور ۽ حقير سمجهي ويندي هئي، انهن ڪي چيو تہ ڇا واقعي اوهان اهو سمجهو ٿا تہ صالح ﷺ پنهنجي پروردگار پاران رسول ڪري موڪليو ويو آهي. هنن چيو تہ ڪهڙو شڪ آهي، اسان تہ انهن سيني حڪمن ڪي دل و جان سان مڃون ٿا، جيڪي هن ڏانهن موڪليا وڃن ٿا. هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ خدا جي رسولن جي مخالفت هميشہ دولت مند، سرمائيدار ۽ صاحب اقتدار يا مذهبي ٺيڪيدارن طرفان ٿيندي رهي آهي ۽ قوم جي ڪمزور ۽ مظلوم طبقي هميشہ ان ڪي لبيڪ چئي ان جي آجيان ڪئي آهي. جنهن تي غضب ۾ آيل رئيسن، سردارن ۽ حڪمرانن ان غريب طبقي جي ماڻهن ڪي تڪبر ۽ غرور واري لهجي ۾ چيو تہ توهان جنهن ڪي سچو سمجهو ٿا، اسان ان ڪي تسليم ڪرڻ ڪان انڪار ڪريون ٿا. هاڻي ڏسون ٿا تہ اوهان اسان جي مدد جا محتاج آهيو يا ان هڪ خدا جا، جنهن جا پوئلڳ آهيو.

فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ وَقَالُوْا يٰصٰلِحُ ائْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ
كُنْتَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٧٧﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ
جٰثِمِيْنَ ﴿٧٨﴾ فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَةَ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ
لَكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُحِبُّوْنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٧٩﴾ وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَتَاْتُوْنَ
الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ
الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿٨١﴾ وَمَا كَانَ
جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ
يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۖ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٨٣﴾
وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ؕ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٨٤﴾ ع ١٠ ١٢ ١٧

پوءِ هنن (بحيثيت قوم) انهيءَ ڏاچي کي ماري ڇڏيو ۽ پنهنجي پروردگار جي حڪم جي انحرافي ڪئي ۽ چيائون ته اي صالح! (عَلَيْهِ السَّلَامُ) جيڪڏهن تون واقعي خدا جو موڪليل رسول آهين ته اسان تي اهو عذاب جنهن کان ڊيڄارين ٿو، پلي اسان تي آڻي ڇڏ.(77) آخرڪار سخت زلزلي اچي انهن کي ورتو ۽ هو پنهنجن گهرن ۾ اونڌا ئي اونڌا تي ويا.(78) پوءِ صالح عَلَيْهِ السَّلَامُ اهو چوندي هنن کي ڇڏي ويو ته اي منهنجي قوم وارؤ! مون ته پنهنجي رب جو پيغام توهان تائين پهچائي ڇڏيو ۽ اوهان جي گهڻي خيرخواهي ڪئي، پر اوهان خيرخواهن کي پسند نٿا ڪريو.(79) اهڙي طرح اسان لوط عَلَيْهِ السَّلَامُ کي موڪليو، جڏهن هن پنهنجي قوم کي چيو ته اوهان سيئي بي حيائي ڪيو ٿا، جنهن جو هن کان اڳ ارتڪاب ڪنهن قوم نه ڪيو آهي.(80) توهان عورتن کي ڇڏي، مردن سان

پنهنجي خواهش پوري ڪريوٿا، توهان درحقيقت حدون پار ڪرڻ واري قوم آهيو. (81) مگر هن جي قوم جواب ڏنو تہ هنن کي جلاوطن ڪيو، هي ماڻهو پاڻ کي وڏا پاڪباز سمجهن ٿا.(82) سو اسان هنن کي ۽ ٻين گهر وارن کي سواءِ هن جي زال جي بچائي ورتو، سندس زال پٺتي رهڻ وارن ۾ رهي پئي. (73) اسان ان قوم تي پٿرن جي اهڙي بارش وسائي جهڙي زوردار وسائڻ گهرجي. پوءِ ڏسو تہ انهن مجرمن جو ڪهڙو انجام ٿيو.(84)

سو ڏاچيءَ جو آزاد گهمڻ ڦرڻ ۽ هڪ ڏينهن هن لاءِ پاڻي پيئڻ لاءِ مخصوص ڪرڻ کان آخرڪار پوري قوم ناراض ٿي پئي ۽ هنن ان ڏاچيءَ کي ماري ڇڏيو ۽ ان ڳالهہ جو ثبوت ڏنو تہ هو خدا جي قانون کان سرڪش ۽ بي پرواهہ آهن، ان ڪري هنن صالح عليہ السلام کي چيو تہ اسان ڏاچيءَ کي ماري ڇڏيو آهي ۽ تون جيڪو چوين پيو تہ هن ڏاچي کي هٿ نہ لايو، ڪو اهنجاءُ نہ ڏيو، نہ تہ وڏو عذاب اچي ويندو. هاڻي ڀلي ان عذاب جي اسان لاءِ گهر ڪر، جيڪڏهن تون واقعي سچو آهين. ياد رکڻ گهرجي تہ سردارن جي گڏيل مشوري سان هڪ ماڻهو ڏاچيءَ کي قتل ڪيو، پر قتل ۾ پوري قوم کي ذميوار ٺهرايو ويو، ڇو تہ اجتماعي غلطي پوري قوم جي هوندي آهي. (الشمس: 14/91، القمر: 27/54 کان 31) ثمود قوم جي هن اجتماعي چئلينج جي جواب ۾ آخرڪار هنن کي هڪ هولناڪ آفت پڪڙي ورتو، جنهن جي ڪري هو ٻاهر نہ نڪري سگهيا ۽ پنهنجن گهرن ۾ اونڌا پاتا ويا. ياد رهي تہ قوم ثمود تي ايندڙ مصيبت کي هت "اَلرَّجْفَةُ" زلزلو/ آفت چيو ويو آهي تہ ڪٿي "صَيْحَةٌ" يعني چيخ چيو ويو آهي تہ ڪٿي "صَاعِقَةٌ" طاغيه/ سخت زوردار آواز چيو ويو آهي. يعني هي اهڙي آفت هئي، جيڪا هنن سمورن عذابن جو مجموعو هئي. (هود: 64/11 کان 67) سو صالح عليہ السلام هنن جي هٺ هوڏ ۽ سرڪشيءَ سبب نااميد ۽ مايوس ٿي، ڪناره ڪش ٿي ويو. ويندي ويندي هن پنهنجي قوم وارن کي چيو تہ اي منهنجي قوم! مون توهان جي رب جو پيغام مڪمل ۽ ڪامل توهان تائين پهچايو آهي، پوري ڪوشش ڪئي آهي تہ اوهان الله جي عذاب کان بچي وڃو ۽ ان جا فرمانبردار ٻانها ٿي خدا جي اطاعت ڪريو. مون پوري طرح هڪ خيرخواهہ جي حيثيت ۾ اوهان کي هدايت ڪئي، مگر اوهان کي منهنجي

خيرخواهي بہ پسند نہ آئي، سو اوهان هاڻي پنهنجي سرڪشي ۽ خودسريءَ جي سزا پوڳيو، مان ڏکي دل سان اوهان کان ڪناره ڪش ٿي رهيو آهيان.

اهڙيءَ طرح اسان لوط ؑ کي سندس قوم جي اصلاح لاءِ رسول بنائي موڪليو. جنهن پنهنجي قوم جي بدڪردار ماڻهن کي چيو تہ توهان بي حيائيءَ جا اهڙا ڪم ڪري رهيا آهيو، جنهن جو مثال هن کان اڳ واري ڪنهن قوم ۾ نٿو ملي. توهان بي حيائي جي انهيءَ انتها تي پهچي چڪا آهيو، جنهن ۾ اوهان عورتن بدران بي حيائي جي ۽ شهوت راني جهڙي ڪم لاءِ مردن کي استعمال ڪريو ٿا. اهڙي طرح خدا جي صريحًا حڪمن جي خلاف ورزي ڪرڻ ۾ رذل آهيو. اوهان کي گهٽو سمجهايو ويو آهي، پر توهان حد کان وڌي ويندڙ انسان آهيو. ياد رکڻ گهرجي تہ هي غير فطري ۽ بي حيائي جو ڪيس نبوت جي دور ۾ رپورٽ نہ ٿيو هو، ان ڪري حضور خاتم النبيين ﷺ جو هن تي ڪو سزا ڏيڻ جو مثال موجود ناهي. پر حديث شريف ۽ صحابہ ڪرام ۽ امام اهل اسلام طرفان ڪافي وضاحت آيل آهي. جڏهن تہ اها غير فطري حرڪت هر طرف پکڙيل آهي ۽ ڪجهہ ماڻهن جو پسنديده مشغلو آهي. ان ڪري انهن قيمتي اقوال ۽ احاديث کي پيش ڪرڻ ضروري آهي:

"مَنْ وَّجَدْتُّمُوْهُ عَمَلَ قَوْمِ لُوْطٍ فَاقْتُلُوا الْفَاعِلَ وَالْمَفْعُوْلَ بِهٖ" (سنن ترمذي: ابواب الحدود، باب ما جاء في حد اللوطي) توهان جنهن کي قوم لوط وارو عمل ڪندي ڏسو تہ فاعل ۽ مفعول کي قتل ڪري ڇڏيو. "اَلَّذِیْ يَعْمَلُ عَمَلَ قَوْمِ لُوْطٍ فَارْجُمُوا الْاَعْلٰی وَالْاَسْفَلَ وَارْجُمُوْهَا جَمِيْعًا" جيڪو بہ قوم لوط وارو عمل ڪري تہ مٿان واري ۽ هيٺ واري کي سيني جي سامهون رجم يعني سنگسار ڪريو. حضرت علي ؑ جي راءِ ۾ تلوار سان قتل ڪريو ۽ پوءِ لاش دفن ڪرڻ بدران ساڙي ڇڏيو. حضرت عمر ۽ حضرت عثمان رضي الله تعالیٰ عنهما جي چواڻي ڪين پراڻي پٽ پرسان بيهاري، مٿن پٽ ڪرائي عبرت ناڪ سزا ڏيو. ابن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما جي فتویٰ آهي تہ هنن کي ڪنهن اونهي عمارت تان مٿي پر ڪيرائي ماريو. امام شافعي رحمة الله عليه ڪين واجب القتل سڏي ٿو. امام شعبي، زهري، مالڪ ۽ احمد بن حنبل رحمة الله عليهما هنن جي سزا سنگسار ڪئي آهي. سعيد بن مُسيب، عطا، حسن بصري، سفيان، ثوري ۽ اوزاعي رحمة الله عليهما وغيره وٽ هن جرم جي سزا ساڳي زنا واري آهي. امام ابو حنيفه رحمة الله عليه حد مقرر نٿو ڪري، پر ڏوهہ جي نوعيت تي تعزير جو حڪم ڏئي ٿو. (اعاذنا الله من الفعل الشَّنيع)

لوط عليه السلام جي قوم وٽ ڪوئي معقول جواب ڪو نہ هيو، جنهن سان هو لوط عليه السلام جي قائل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪن، جواب هيو تہ بس اهو ساڳيو ئي جواب هيو، جيڪو پنهنجي قوت جي نشي ۾ مدهوش هوندا آهن ۽ ڏيندا آهن. يعني قوم جي وڏڙن گڏجي فيصلو ڪيو تہ هنن کي جلاوطني ڏئي هتان ڪيو. هي پاڻ کي وڏو پاڪباز سمجهن ٿا ۽ اسان کي بدڪردار بدمعاش جي لقبن سان ياد ڪن ٿا. سو اسان پنهنجي رحمت سان لوط عليه السلام ۽ ان جي ساٿ ڏيندڙن کي بچائي ورتو، پر لوط عليه السلام جي زال پٺتي رهندڙ مان هئي، اها بہ عذاب جي نذر ٿي وئي. خدا جي قانون ۾ پنهنجا اهي هوندا آهن، جيڪي ايمان ۾ همنوا هجن، ان ڪري جيڪڏهن زال بہ ايمان وارن مان نہ آهي تہ اها نبيءَ جي اهل بيت ناهي، پر غير آهي. هن نهايت قبيع فعل ڪندڙن کي مڪافات عمل طور پٿرن جي بارش ڪري عذاب ڏئي ماريو ويو. يقينًا اهڙن بڇڙن ۽ بي حيائي جي ڪمن جي سزا بہ نهايت سخت ۽ سنگين آهي. پٿرن جو مينهن هڪ خاص عذاب هيو، جهڙيءَ طرح سوره هود: 2/11 ۾ آهي: ”جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهَا حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ۙ مَّنْضُوْدٍ“ اسان هنن جي بستيءَ کي الٽي، هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو ۽ هنن تي تهہ بہ تهہ پٿرن جو مينهن وسايو.

وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ
غَيْرُهٗ ؕ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ وَلَا
تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوْا فِى الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا ؕ
ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ ﴿۸۵﴾ وَلَا تَقْعُدُوْا بِكُلِّ صِرَاطٍ
تُوْعِدُوْنَ وَتَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِهٖ وَتَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ
وَاذْكُرُوْٓا اِذْ كُنْتُمْ قَلِيْلًا فَكَثَّرَكُمْ ۠ وَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۸۶﴾ وَاِنْ كَانَ طَآئِفَةٌ مِّنْكُمْ اٰمَنُوْا بِالَّذِيْٓ اُرْسِلْتُ بِهٖ
وَطَآئِفَةٌ لَّمْ يُؤْمِنُوْا فَاصْبِرُوْا حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۸۷﴾

۽ مدين وارن ڏانهن اسان انهن جي برادريءَ مان شعيب ﷺ کي رسول ڪري موڪليو. هن چيو تہ اي قومي ڀائرؤ! الله جي بندگي ڪريو، ان ڪانسواءِ توهان جو ڪو معبود ناهي. توهان ڏانهن توهان جي رب پاران صاف رهنمائي اچي وئي آهي، ان ڪري ماپ تور پوري طرح ڪيو. ماڻهن کي انهن جي شين (خريد فروخت ڪرڻ) ۾ نقصان نہ ڏيو ۽ زمين ۾ فساد برپا نہ ڪريو، جڏهن تہ معاشرو نيڪ ناڪ حالت ۾ آهي. هن ۾ توهان جي ڀلائي آهي، جيڪڏهن واقعي توهان مؤمن آهيو.(85) ۽ زندگيءَ جي هر رستي تي اهڙي طرح نہ ويهو، جو ماڻهن کي خوفزده ڪريو ۽ ايمان آڻيندڙن کي خدا جي رستي تي اچڻ کان روڪڻ لڳو ۽ ان راهہ ۾ ور وڪڙ وارا عيب تلاش ڪريو ٿا. اهو وقت ياد ڪريو جڏهن اقليت ۾ هيا، پوءِ الله توهان کي اڪثريت ۾ آندو ۽ اکيون کولي ڏسو تہ دنيا ۾ فساد ڦهلائيندڙن جو ڪهڙو انجام آهي.(86) جيڪڏهن توهان مان هڪ گروهہ ان تعليم تي جنهن لاءِ مون کي موڪليو ويو آهي، ان تي ايمان آڻي ٿو ۽ ٻيو ٽولو ايمان نٿو آڻي تہ صبر سان ڏسندا رهو جيستائين الله اسان جي درميان فيصلو ڪري ۽ اهو ئي سڀ کان بهترين فيصلو ڪرڻ وارو آهي. (87)

حضرت ابراهيم ﷺ جي ٽين زال قطوراءِ جي پٽن مان هڪ جو نالو ”مديان“ هو، جيڪو بعد ۾ ”مدين“ سڏجڻ لڳو. حضرت ابراهيم ﷺ جي تعليم جي تاثير ڪري اهل مدين وارا ايمان آڻڻ وارن ۾ تہ هيا، پر بعد ۾ سندن رويا هڪ بگڙيل مسلمان قوم جا ٿي ويا هئا. هنن ۾ شرڪ سان گڏ تجارتي معاملن ۾ بدديانتي اچي وئي هئي. سندن اصلاح لاءِ اسان هنن جي برادريءَ مان ئي شعيب ﷺ کي رسول ڪري موڪليو. هن بہ پنهنجي قوم کي چيو تہ شرڪ ڇڏي، هڪ الله جي عبادت ڪريو ۽ ان جي حڪمن موجب زندگي بسر ڪريو. هو اڪيلو معبود آهي. هن ڪانسواءِ ڪو ٻيو معبود ناهي. توهان ڏانهن توهان جي پروردگار پاران اصلاح لاءِ واضح هدايتون اچي ويون آهن، ان ڪري ماپ تور ڪرڻ ۾

خيانت نہ ڪريو، وٺ صحيح رکو ۽ معاشي نظام ۾ عدل و انصاف ڪريو ۽ ماڻھن سان ڏيتي ليتي ڪرڻ ۾ خيانت ڪري نقصان نہ پھچايو. ماڻھن جي حقن تي ڌاڙا نہ هڻو. هن معاشري ۾ هلندڙ صحيح نظم و نسق ۾ خرابي پيدا نہ ڪريو. هي سڀ ڪجھ اوهان جي بھتري لاءِ ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن واقعي دل سان ايمان آڻڻ وارو آهيو تہ منھنجي نصيحت قبول ڪري ڪاميابي حاصل ڪريو. توهان پنھنجي ڪردار ۽ عمل سان برائي جون سموريون حدون پار ڪري چڪا آهيو ۽ زندگي جي هر رستي تي ڌاڪازني هڻڻ وارا آهيو. اوهان مان ڪجھ ماڻھو جيڪي الله جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ گھرن ٿا ۽ سڌي رستي جي تلاش ۾ رهن ٿا، توهان هنن کي ڊيڄاريو ٿا، دڙڪا ۽ ڌمڪيون ڏيو ٿا. قافلا لٽيو ٿا، ڀتو وصول ڪريو ٿا. سڌي رستي تي هلڻ کان روڪيو ٿا ۽ انسانيت جي سڌي ۽ سولي راھ ۾ خاميون ۽ خرابيون ڪڍڻ گھرو ٿا ۽ پنھنجي ڌن ۽ دولت جي نشي ۾ انساني همدردي ۽ خيرخواهي جا دروازا بند رکو ٿا. پنھنجي برادريءَ سان برو ورتاءُ ڪريو ٿا. اهو وقت بہ ياد ڪريو، جڏهن اوهان جو تعداد ٿورو هو ۽ اوهان ڪمزور هئا پر پوءِ بہ انسانيت جي قريب هئا. هاڻي اوهان وڏي اڪثريت ۾ آهيو تہ سڄڻ بدران بگڙي چڪا آهيو. ڪڏهن اهو سوچيو اٿو تہ زمين تي فساد فتنو پيدا ڪندڙن ۽ معاشري ۾ ناهمواريون آڻيندڙن جو آخر ڪھڙو نتيجو نڪتو آهي. جيڪڏهن توهان مان هڪ جماعت ان حقيقت تي ايمان آندو آهي، جنھن جي اشاعت ۽ تبليغ لاءِ مون کي موڪليو ويو آهي تہ انھن خلاف دشمنيءَ جو هي طوفان ڇو برپا ڪيو اٿو. اوهان پنھنجي پروگرام تي هلڻ گھرو ٿا تہ هن ايمان آڻيندڙ طبقي کي بہ پنھنجي ايمان مطابق زندگي گذارڻ ڏيو. (الانعام: 136/6) لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ تي عمل پيرا ٿيو. مطلب تہ ڪجھ ماڻھن ايمان آندو آهي، باقي کي بہ الله توفيق ڏئي تہ ايمان جي دولت سان مالامال ٿين، ان ڪري عذاب جي جلدي گھر نہ ڪريو، پر صبر سان انتظار ڪريو تہ مڪافات عمل وارو خدائي قانون خود نتيجو ظاهر ڪندو تہ ڪير حق تي آهي ۽ ڪير ناحق تي آهي، خدا جو فيصلو آخري آهي ۽ ان کان بھتر فيصلو ڪرڻ وارو ڪو بہ ناهي. جھڙيءَ طرح سورة التوبه: 52/9 ۾ بہ آيو آهي: ”فَتَرَبَّصُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ۝“ توهان انتظار ڪريو، يقينًا اسان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪريون ٿا.